

حَالُ فقيري .....
(سوانح حيات: مائي بيگم فقيرياڻي)
اختر درگاهي
پوپٽ

# حَالُ فقيري.....

(سوانح حيات: مائي بيگم فقيرياڻي)

تحقيق ۽ ترتيب:

اختر درگاهي

پوپٽ

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور-سنڌ

2015ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حَالُ فقيري.....

(سوانح حيات: مائي بيگم فقيرياڻي)



حالُ فقيري دائِم قائم،
آهيون شاهنشاهہ.
(داتا بگن شاهہ ثاني)

**POPAT BOOK NO. 72**

**حالُ فقيري.....**

**(سوانح حيات: مائي بيگم فقيرياڻي)**

**تحقيق ۽ ترتيب: اختردرگاهي**

ڇاپو پهريون: اپريل 2015ع

**تعداد: هڪ هزار**

**ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي**

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: آصف نظاماڻي**

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور ــ سنڌ.

ملهہ:**-/250** روپيہ

**HAAL FAQEERI**

**(BIOGRAPHY OF MAI BEGUM FAQEERANI)**

**(Research & Compilation)**

by: **Akhtar Dargahi**

First Edition: April 2015

Quantity: 1000 Copies

Title Design: Saeed Mangi

Composing & Lay ‘out: Asif Nizamani

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House, Mall Road, Khairpur – Sindh.

Price: **Rs. 250/-**

# ارپنا

سنڌ جي درويش شاعره

**مائي غلام فاطمه لعل**

**ڀنائي پير سائين شير محمد**

ءِ

**داتا ولايت شاهه جيلاني**

کي عاجزيءَ ءِ

عقيدت منديءَ

سان پيش.

**ـــ اختر درگاهي**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”حال فقيري (سوانح حيات مائي بيگم فقيرياڻي)“** اوهان اڳيان پيش آهي. هن ڪتاب جي تحقيق ۽ ترتيب اختر درگاهي جي ڪاوشن جو ثمر آهي.

سنڌُ جي تاريخي شهرَ روهڙيءَ سان تعلق رکندڙ ۽ هميشه ڪاري ويسَ ۾ رهندڙ هِنَ الهه لوڪ فقيرياڻيءَ سنڌ جي صوفياڻي راڳ جي جيڪا خدمت ڪئي آهي اُها تاريخَ جو نه وسرندڙ بابُ آهي. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي زندگي، سندس فني سفر، سندس فقيراڻي حالَ جا جيڪي به رنگَ آهن انهن کي تمام گهڻي محنت ۽ اورتي ئي محبت سان سندس لائق پوٽي ۽ سنڌي شاعري ۽ راڳ جي دُنيا جي اِهم نالي، اختر درگاهيءَ هن ڪِتاب جي مالها ۾ موتين جيان پوئيو آهي.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبلشنگ، هائوس جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي. مهربانيون رسول ميمڻ صاحب جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.



**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سنڌُ


| | | |
|---|---|---|
| ◈ | پبلشر نوٽ: **قربان منگي** | 9 |
| ◈ | مَنُ سراپا سوجهرو : **اخترردرگاهي** | 11 |
| ◈ | مُهاڳ: **بيدل مسرور بدوي** | 17 |
| ☐ | **سوانح حيات: مائي بيگم فقيرياڻي** | 25 |
| _ | **وڏن جو احوالُ** | 27 |
| _ | **ولادت ۽ ننڍپڻ** | 40 |
| _ | **شادي ۽ اولاد** | 43 |
| _ | **راڳ جي رمز ۽ فقيري فيض** | 45 |
| _ | **صوفياڻو راڳ ۽ ان جو اثر** | 60 |
| _ | **شخصيت** | 65 |
| _ | **شاعري** | 69 |
| _ | **آخري ڏهاڙا ۽ وفات** | 87 |
| ☐ | **جهريا ڪيئي جِيءَ**<br>**شاعرن اديبن ۽ فنڪارن جا تاثرات** | 91 |
| ☐ | **بيگم فقيرياڻيءَ جو ويڙهو** | 97 |
| ☐ | **ادبي تاريخن ۾ تذڪرو** | 113 |
| _ | **ڳايل ڪلامن جو وچور** | 119 |
| _ | **حوالا** | 123 |
| ☐ | **منظوم خراج** | 125 |
| _ | **(درگاهي ميراڻي، اختر درگاهي، اطهر موساڻي).** | |

| | |
|---|---|
| □ مضمونَ ۽ مقالا | 135 |
| - رشيد ڀٽي | 137 |
| - علي احمد بروهي | 139 |
| - ادل سومرو | 142 |
| - فقير مٺل مسرور | 146 |
| - غلام قادر "منصور" ميراڻي | 154 |
| - رحيم بخش مهر | 157 |
| - سجاد ميراڻي | 160 |
| □ ضميمو | 163 |
| - ڀٽائي پيرن جي خاندان جو شجرو | 165 |
| - هنباهي بزرگن جي خاندان جو شجرو | 171 |
| - مائي بيگم فقيرياڻي جي خاندان جو شجرو | 172 |
| □ تصويري البم | 177 |

# پبلشر نوٽ

صوفين جي سرزمين سِنڌُ جو آوازُ هِنَ ڌرتيءَ جي صوفين سالڪن جي ڪلامَ ۾ سمايل آهي، جيڪو ڏيهان ڏيهہ ٻُڌو ويو آهي. اِنهن سالڪن جي اندر جي اوازَ کي صوفي فقيرن ڳائي عامُ ڪيو آهي. مائي بيگم فقيرياڻي سنڌُ جي اُها خاتون صوفي ڳائڪا آهي جنهن پنهنجي مَنَ جو سمورو درد، صوفي سالِڪن جي ڪلامَ ۾ ملائي ان کي اهڙي پرسوز اندازَ ۾ سنڌُ جي واهڻن وستين ۾ ڳايو جو هوءَ پاڻ لوڪَ لاءِ درد جو استعارو بنجي وئي.

سنڌُ جي تاريخي شهرَ روهڙيءَ سان تعلق رکندڙ هميشہ ڪاري ويسَ ۾ رهندڙ هِنَ الهہ لوڪ فقيرياڻيءَ سنڌ جي صوفياڻي راڳ جي جيڪا خدمت ڪئي آهي اُها تاريخَ جو نہ وسرندڙ بابُ آهي. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي زندگي، سندس فني سفر، سندس فقيراڻي حالَ جا جيڪي بہ رنگَ آهن انهن کي تمام گهڻي محنت ۽ اوتري ئي محبت سان سندس لائق پوٽي ۽ سنڌي شاعري ۽ راڳ جي دُنيا جي اِهم نالي، اختر درگاهيءَ هن ڪِتاب جي مالها ۾ موتين جيان پوئيو آهي.

ذاتي حوالي سان اختر درگاهي منهنجو عزيز دوستُ بہ آهي، انهيءَ ڪري سندس تحقيق ۽ سهيڙَ جو ثمر، هي شاندار ڪِتاب شايع ڪندي مان نهايت خوشي محسوس ڪري رهيو آهن ـــ هي ڪتاب اختر درگاهيءَ جي تخليقي سفرَ جو يارهون سنگِ ميل (يارهون ڪتاب) آهي. مون کي پَڪَ آهي تہ هيءُ ڪِتابُ نہ صرف مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي لازوال فن سان محبت ڪندڙن لاءِ هِڪَ سوکڙيءَ

وانگر هوندو پرَ تحقيق ڪندڙن لاءِ هي ڪِتابُ هڪ اهم ريفرنس بوڪ طور به ڪم ايندو.

”پوپٽ“ اوهان تائين معياري ڪِتاب پهچائڻ واري سفر ۾ سرگرميءَ سان شآمل آهي. اوهان جي ساٿَ سان اهو سفرُ ائين ئي جاري رهندو.

**قربان منگي**

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور

# مَنُ سراپا سوجهرو ....

مَنُ سراپا سوجهرو ڪارو پهريلُ ويسُ
فقيراڻو ديسُ، دائم قائم دل ۾

ـ امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي سوانح عُمري لکڻ ۽ ان کي ڪِتابي شڪل ۾ شايع ڪرائڻ منهنجي هڪ اهڙي خواهش هُئي جنهن جي پوري ٿيڻ سان مونکي انتهائي خوشي محسوس ٿي رهي آهي، ڇاڪاڻ تہ جنهن شخصيت جي ڪري اسانکي راڳ ۽ شاعريءَ جي ذاتِ ملي ۽ پڻ تصوف جو روحاني رنگُ، انهيءَ شخصيت جي زندگيءَ جو احوالُ سندس فَنُ ۽ فقيري فيضُ قلمبند نہ ٿئي ۽ محفوظ ٿي نہ سگهي، اهو هڪ اڻپورو نقصان ۽ اهڙو قرضُ هُيو جنهن جو ڪو بہ ازالو نہ پئي ٿي سگهيو. انهيءَ ڳالهہ جو گهڻو اُنوان ڪري بہ هو جو امڙ سانئڻ جي پنهنجي حياتيءَ ۾ سندس سوانح عُمري نہ لکي وئي نہ ئي سندس مڪمل شاعريءَ کي محفوظ ڪيو ويو. البت سندن حياتيءَ دوران جڏهن منهنجي عُمر صرف 15 سالَ هُئي مون امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيتَ تي هڪ مختصر تعارفي مضمون لکيو هو جيڪو آڪٽوبر 1978ع ۾ روزاني هلال پاڪستان ڪراچي ۾ شايع پڻ ٿيو هو. دراصل اها هڪ ابتدائي ڪوشش هُئي جنهن جو صرف ۽ صرف

مقصد ريڊيو، ٽي وي ۽ ٻين فني ۽ ثقافتي ادارن جو ڌيان ڇڪائڻ هو جيڪي سنڌ جي هن مقبول عوامي فنڪاره ۽ صوفي فقيرياڻي کي مسلسل نظر انداز ڪري رهيا هُئا. پلو ٿئي بابا سائين مرحوم درگاهي ميراڻيءَ جو جنهن ذاتي ڪوشش ۽ مسلسل لکپڙهه ڪري ان وقت جي گراموفون ڪمپني EMI ڪراچيءَ وارن کي مجبور ڪيو جو هُنن 1974ع ۾ امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جا چار ڪلامَ رڪارڊ ڪيا جيڪي سنڌ اندر تمام گهڻا مقبول ٿيا. انهن ڪلامن ۾ بابا مرحوم جو هڪ قومي گيت به شامل هو جنهن تي ان وقت جي عوامي حڪومت بندش وجهي ڇڏي، نتيجي طور EMI ڪمپنيءَ وارن ٻَوَ کان امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي انهن رڪارڊن جي وڏيڪَ Distribution روڪي ڇڏي، بابا سائينءَ جي لکيل انهيءَ قومي گيت جا ٻولَ هي هُئا.

مونکي پنهنجي سُهڻيءَ سنڌ تي نازُ آ

سنڌ جو سُورهيه لعل قلندر سيوهاڻي شهباز آ

ــ انهن ئي ڏينهن ۾ جڏهن امڙ بيگم فقيرياڻي بابا مرحوم جي ئي اصرار ۽ زور ڀرڻ تي حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تي وئي ته اُتي سندس آواز ۾ چار ڪلامَ رڪارڊ ڪيا ويا جيڪي صرف هڪ دفعو آن ايئر ٿيا ۽ پوءِ انهن ڪلامن جي ٽيپ کي ريڊيو جي پُراڻي لائبريريءَ ۾ اُڇلايو ويو بعد ۾ اُهي امڙ سائڻ جي وفات کانپوءِ سن 1987ع ۾ منهنجي محترم دوست نصير مرزا ڳولي ڦولي مونکي DIB ڪري ڏنا جيڪي مون محفوظ ڪيا.

ــ ريڊيو حيدرآباد جي انهيءَ اڻوڻندڙ رويّي مان مايوس ٿي امڙ بيگم فقيرياڻي ڪراچي ٽي وي تي وئي جتي هُنَ اڊيشن دوران ان وقت جي اسڪرپٽ پروڊيوسر مرحوم ممتاز مرزا جي اڳيان شاهه لطيف جو ڪلام "پرديسي تنهن يار سان نيڻ منهنجا ڪيئن لڳا" ڳائيندي مصرعي ۾ پنهنجي مخصوص انداز ۾ "علي ڄاڻي!" جو آلاپ ڏنو ته مرحوم ممتاز مرزا ڪيس هلندڙ ڪلام ۾ روڪي چيو ته:

”مائي! اهو علي ڄاڻي ته شاهه لطيف جي انهيءَ ڪلام ۾ آهي ئي نه....!“ ممتاز مرزا جڳو اهو چوڻ امڙ سائڻ انهيءَ وقت ئي بغير رڪارڊنگ جي اُتان اُٿي آئي ۽ وري ڪڏهن به ٽي وي اسٽيشن تي نه وئي. بهرحال! سچي ۽ فقير ڪلاڪار جي خوشبو ڪاڻي ٿي لڪي سگهي جنهن کي هُجي به فقيرن ۽ ولين جي دُعا! سن 1984ع ۾ حضرت شاهه لطيف جي ساليانى عُرس جي موقعي جڏهن محترم محمد قاسم ماڪا پهتو ته هُنَ امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت ۽ سندس فن کي پرکي ورتو ۽ اُتي جو اُتي هڪ عام محفل ۾ سندس انٽرويو ۽ هڪڙو ڪلامُ رڪارڊ ڪيو جيڪو هينئر هند، سنڌ ۾ گهڻو مشهور آهي.

(ياد رهي ته اُهو محمد قاسم ماڪا صاحب ئي هُيو جنهن خود ممتاز مرزا صاحب جي حياتيءَ دوران سن 1990ع ۾ پي ٽي وي جي پروگرام ”سُرَ جو سفر“ ۾ امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي يادِ ۾ سندس فني ميجتا ۾ پورا به پروگرامَ ٽيليڪاسٽ ڪيا.)

ـ سن 1986ع ۾ ريڊيو خيرپور تان پروڊيسر محترم نصير سومرو پنهنجي پوري ٽيم سان امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي گهر روهڙي آيو ۽ سندس انٽرويو ۽ سندس آواز ۾ شاهه لطيف جو سُر راڻي مان هڪ ڪلام رڪارڊ ڪيو. وڏي ڳالهه ته انهيءَ ڪلامَ کي نصير سومرو صاحب صُبح جي نشريات ۾ هلايو جيڪو وقت سُر راڻي جي ڳائڻ جو نه هو پوءِ به جن شائقن اهو ڪالم ٻڌو واهه واهه ڪرڻ کان رهي نه سگهيا.

ـ ساڳي سال اداره لوڪ ورثه اسلام آباد مان محترم اسلام خان پنهنجي اداري جي فيلڊ رڪارڊنگ لاءِ روهڙي شهر پهتو ته هُنَ به امڙ بيگم فقيرياڻي جي آواز ۾ روهڙيءَ ۾ ئي به عدد آڊيو ڪئسٽس رڪارڊ ڪيون ۽ انهن کي جلد رليز ڪري، نومبر 1986ع ۾ امڙ سائڻ کي سندس ٻن فرزندن بابا سائين درگاهي ميراڻي ۽ چاچا سائين گل حسن فقير سميت اسلام آباد گهرايو ۽ سندس آواز ۾ آڊيو ۽ وڊيو رڪارڊنگس ڪيون، نه صرف ايترو پر 17 اپريل 1987ع تي ٽيندڙ

اسلام آباد ۾ ملڪي سطح جي لوڪ ميلي ۾ امڙ بيگم فقيرياڻي کي شريڪ ٿيڻ لاءِ خصوصي دعوت پڻ موڪلي پر افسوس جو تاريخ 13 اپريل 1987ع تي امڙ سانئڻ وفات ڪري وئي ۽ اسلام آباد لوڪ ميلي ۾ شريڪ ٿي نہ سگهي.

ـــ خير! هي تہ اچي ويو انهن ادارن ۽ شخصيتن جو ذڪر جن امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جو قدر سُڃاتو ۽ ٻيا اُهي جن ڪيس نظر انداز ڪيو. بهرحال! هينئر مان وري موٽي اچان ٿو امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي هن سونح عُمري جي طرف!

ـــ جڏهن امڙ بيگم فقيرياڻيءَ وفات ڪئي تڏهن بابا مرحوم درگاهي ميراڻي سندس وفات تي سندس يادِ ۾ هڪ منظوم وصال نامون لکيو ۽ مئي 1987ع ۾ پنهنجي عظيم امڙ جي شخصيت ۽ فن تي 16 صفحن تي مشتمل هڪ مضمون بہ لکيو جنهن جو عنوان رکيائين ”مائي بيگم فقيرياڻي ـــ سنڌ جي سداحيات ڪلاڪاره“ ـــ بابا مرحوم اڳتي هلي ضرور پنهنجي والده جي مڪمل سوانح عُمري لکي ها جيڪا هن سوانح عُمري کان وڌيڪ سنُي ۽ تفصيلي هُجي ها، پر وقت جي ستم ظريفي جو بابا سائين بہ امڙ سانئڻ جي وفات جو صدمو نہ سهي هڪ سال جي اندر تاريخ 23 اپريل 1988ع ۾ صرف 46 سالن جي عُمر ۾ اوچتو وفات ڪري ويو.

ـــ مون جڏهن امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي سوانح عُمري تي ڪتاب سهيڙڻ جو سوچيو تہ منهنجي اڳيان بابا سائين مرحوم جي لکيل ان مختصر پر مُستند ۽ اهم مضمونَ ڪانسواءِ سنڌُ جي ڪن ٻين ناميارن اديبن علي احمد بروهي، رشيد ڀٽي، ادل سومري ۽ غلام قادر ميراڻي جا مضمونَ هُئا ـــ پهريان تہ مون سوچيو تہ انهن مضمونن تي مشتمل هڪ ڪتاب تيار ڪجي ۽ پوءِ انهن کي ڪمپوز بہ ڪرايم پر مون ڏٺو تہ اهو مواد امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت، خانداني پسمنظر، سندس فني سفر، فقيري فيض ۽ پنهنجي خاندان لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ زندگيءَ ۾ڏٺل ڏک ڏولاون جو ڪو مڪمل احاطو نہ پيي ڪري سگهيو. نتيجي طور مون سندس سوانح عُمري کي نئين سِر طبع زاد لکڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن لاءِ

منهنجو مددگار بابا سائين مرحوم جو لکيل اهو قلمي مضمون بڻيو جنهنکي بنياد بڻائي انهيءَ ۾ آيل احوال ۽ واقعين کي وڌيڪ تفصيل سان، اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪيم تان جو انهيءَ مان رهجي ويل پاسا ۽ احوال ميّسر ٿيندو ويو جيڪو اطمينان جي حد تائين هُيو ـ نہ صرف ايترو مون انهيءَ سلسلي ۾ درگاهہ پٽ شاهہ ۽ درگاهہ حضرت هنباهہ سان گڏوگڏ درگاهہ محمد شاهہ مست روهڙي ۽ درگاهہ نور محمد فقير لاڙڪ پير جو ڳوٺ جي بہ بار بار حاضري ڏني ۽ اتان جي اهم بزرگن (جن جو اثر امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت تي تمام گهڻو هو) جو احوال هٿ ڪيم ۽ مزارن جون تصويرون ڪڍيم ۽ مزان جا ڪتبا پڻ اُتاريم. انهيءَ سلسلي ۾ امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي ولادت واري هنڌ رضا ڳوٺ (تعلقہ پنو عاقل) بہ ويم، پنو عاقل ۾ مائي غلام فاطمہ لعل جي پڙپوٽي لعل فقير ثاني سان بہ ڪچهري ڪيم تہ سانگين وچي مائي غلام فاطمہ لعل جي ٻالڪي ۽ شاگرد وريام فقير گاهياڻي جي فرزند درياهہ خان فقير گاهياڻي سان بہ روح رهاڻ ڪيم. اهڙي طرح اٽڪل ٻن سالن جي انهيءَ ڪوشش ڪانپوءِ امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي سوانح عُمري تي مشتمل هي ڪتاب مڪمل ٿي سگهيو جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. ائين ناهي تہ ڪو هي ڪتاب امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت فن ۽ فقيري سلسلي کي مڪمل طور پيش ڪري ٿو ۽ يقيناً اڃان بہ ڪي پاسا رهجي ويا هوندا البت ايترو ضرور آهي تہ هي ڪِتاب انهيءَ سلسلي ۾ هڪ خاطر خواهہ ڄاڻ ضرور مهيا ڪندو جنهن کي سنڌ جا ساڃاهہ وند ۽ امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت سان والهانہ عقيدت رکندڙ ضرور ساراهيندا. سچ پچ مان امڙ بيگم فقيرياڻيءَ تي هي اهم ڪتاب لکي سرخرو ٿيو آهيان ڇو تہ جيڪڏهن اهو ڪم مان نہ ڪيان ها تہ شايد اڳتي ٻيو ڪوئي بہ نہ ڪري سگهي ها!

ـ ٿورائتو آهيان درگاهہ حضرت هنباهہ جي سجاده نشين داتا جان محمد سائين، داتا تاج محمد سائين ۽ درگاهہ پٽ شاهہ جي شمن سائين ۽ مائي غلام فاطمہ لعل جي پڙپوٽي لعل فقير ثانيءَ ۽ پنهنجي مامي مرحومہ حاجره زوجہ

محبوب عليءَ جو جن امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي سوانح ۾ ٻين بزرگن جي احوال ۾ منهنجي مدد ڪئي.

ـ ٿورائتو آهيان محترم بيدل مسرور بدويءَ جو جنهن هن ڪتاب جو خوبصورت مُهاڳُ لکيو ـ ٿورائتو آهيان محترم سرور سيف جو جنهن پيٽائي پيرن/بزرگن جون تصويرون شاهہ جي اوتاري پنو عاقل مان فقير مير خان لطيف کان حاصل ڪري مون ڏانهن اُماڻيون.

ـ ٿورائتو آهيان محترم دوست آصف نظاماڻيءَ جو جنهن هن ڪِتابَ کي وڏي محنت ۽ محبت سان ڪمپوز ڪيو ۽ ٿورائتو آهيان پنهنجي محترم دوست قربان منگيءَ ۽ امر اقبال جو جنهن ”امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي سوانح عمري“ کي خوبصورت ڪِتابي شڪل ۾ شايع ڪرايو.

نيازمند

**اختر درگاهي**

◈ روهڙي
اپريل 2015ع

مُهاڳ:

# بتيلي جي آڳِل تي پرندڙ لاٽين
# مائي بيگم فقيرياڻي

ماڻهو پنهنجي انساني عمر ۾ توڙي سماجي درجي ۾ ڪيڏو به وڏو تي وڃي پر نندپڻ جون يادون ساڻس سدائين ڇهڙيل رهنديون آهن. اهو ته ڪو بدنصيب هوندو جيڪو پنهنجي ماضيءَ ڪي وساري ويٺو هوندو. ڇا ته گهڙيون گهميون سي، ڇا ته راڳ ٻڌاسي، ڇا ته درويشن سان ملياسي. الا الا ـ شڪارپور ته شڪارپور پر اسان سکر جو بندر ۽ روهڙيءَ جون گهڙيون توڙي درگاهون. راڳي، اديب ۽ شاعر به ڏٺاسي، پر نه ٻڌوسي ته روهڙيءَ جي مشهور راڳي فقيرياڻيءَ مائي بيگم جو راڳ.

ائين روبرو ويهي، ته اسان الهه رکيءَ ۽ جيوڻيءَ کي به نه ٻڌو پر سندن ڳالهيون گهڻيون ٻڌيون سي. ائين بيگم فقيرياڻيءَ جي ڳائڻ جون به گهڻيون ڳالهيون استاد بچل خان برڙو جيڪب آباد وارو ٻڌائيندو هو استاد محمد بچل برڙو نه رڳو جيڪب آباد، شڪارپور پر لاڙڪاڻي، سکر ۽ روهڙيءَ جي سپڙتاين ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ڳلي ڪان ڪجهه وينل هو پر باجي جو آڙيڪاپ استاد هو. پين وڄتن وانگر ڪل پوڳ جو به ماسٽر هو سو بيگم فقيرياڻيءَ متعلق به اهل ڪري ٻڌائيندو هو ته:

"بيگم فقيرياڻيءَ جي جوڙ جا سازندا مائيءَجي ڳائڻ کان اڳ ۾ راڳ ۽ چال کي قائم ڪندا هئا. پوءِ جڏهن مائي ڳائڻ جو سانباهو ڪندي هئي. ته حُقي

مان هٿ ڪڍي پهرين سازندن کي هٿ جي اشاري سان آواز کي هلڪي ڪرڻ جو اشارو ڪندي هُئي. ۽ پوءِ ڪن تي هٿ رکي، ”آ“.... يا ”ها“... ڪندي گوڏو کوڙي اُٿي بيهندي هئي، قد جي چڱي هوندي هئي ان ڪري جڏهن اٿندي هئي تہ اسان اندازو ڪندا هياسي، تہ ٽَين سپتڪ جي ٽيپ تي ”آ“ يا ”ها“ ڪندي... پر اٿندي ئي ڏاڍي آرام سان ڪرج جي هيٺين سر تي ئي ”ها“ ڪري ڏوهيڙو شروع ڪندي هئي... پر ڳائيندي ڏاڍي سڪون سان هئي، اڄ جي ڳائڻ وانگر لڇندي پڇندي نہ هئي، سندس آواز ڳورو سُريلو ۽ ڪنن کي وڻندڙ هو ڪڏهن بيهي ڳائيندي هئي، تہ ڪڏهن ويهي حقو ڇڪيندي محفل مچائيندي هُئي.“

ان کان علاوه بہ بيگم فقيرياڻيءَ جي لفظن جي ادائگي لاءِ هٿ ڪٽي يا ٻانهن ڊگهي ڪري ڳائڻ جي انداز يا سدائين ڪاري ويس ۾ رهڻ ۽ ڪننا ڪولابا پائڻ جون ڳالهيون خوب ٻڌيون سي. خط، تار يا ٽيليفون جي هاڻوڪيون سهوليتون نہ هونديون هيون ان ڪري اسان ٽي ويءَ جو تہ ڪو پروگرام رٿي نہ سگهياسي، پر ٽي ويءَ جي نوڪريءَ دوران ئي، شايد 1985ع ۾ شاهد ڀٽي صلاح ڏني تہ ڪجهہ ناليوارن سنڌي فنڪارن جا انٽرويو ڪجن. ان سلسلي ۾ جڏهن روهڙي بيگم فقيرياڻيءَ جو انٽرويو ڪرڻ آياسي تہ اسان جي مربي، سنڌي ٻوليءَ جي نهايت سيبتي شاعر ۽ تعليم کاتي سان وابستا سائين درگاهي ميراڻيءَ ۽ سندس فرزند اختر درگاهيءَ اسان کي وڏو مانُ ڏئي، بيگم فقيرياڻيءَ جو انٽرويو رڪارڊ ڪرايو ۽ فوٽن ڇڪرائڻ ۾ مدد ڪئي.

بدن ۾ سنهڙي تہ اڳي ئي هئي پر عمر ۾ شايد بيماريءَ سبب ڪافي ڪمزور ٿي وئي هئي، پر انهن نماڻين اکين ۾ فقيري جوت ۽ فني ڏيا اجان بہ جاڳيل هيس، رنگ جي البت سانوري هئي، پر جيئن شاديءَ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي سونهن جي مٽ ڪو بہ نہ هوندو آهي، تيئن فنڪار بہ سدائين سهڻو لڳندو آهي، ۽ جڏهن ڳائيندو آهي تہ دليون لٽيندو آهي، ساڳي ڳالهہ اسان هن فقيراڻيءَ ۾ بہ ڏٺي سي، ايتري قدر جو پنهنجي ٻڍاپي جي باوجود نزاڪت محبت ۽ شفقت واري گڏيل نوع سان ڳالهائڻ اجان قائم هيس. قد ۾ ماشاءَ الله مردن وانگر قداور هئي. پنهنجي زماني جي تہ ظاهر آهي، نهايت ڀهڳڻي ڳائڻي هئي، پر عمر جي ان حصي ۾ بہ

جڏهن جهُنگاريائين تہ مون کي پنهنجون وڏور پڙهيون ياد اچي ويون. جيڪي بابا مسرور جا ڪلام ائين بنا تند تار جي جهونگاريندڙيون هيون. بلڪل ائين ئي فقيرياڻيءَ جي گلي مان جڻ منهنجي ٻنهي پيئرن گڏجي پئي ڳاتو.

تازو جڏهن اختر درگاهيءَ فون تي ٻڌايو تہ هن بيگم فقيراڻيءَ متعلق ڪِتاب ترتيب ڏنو آهي تہ سچ پچ تہ خوشيءَ جي حد ئي ڪانہ رهي، مان تہ رڳو واهہ واهہ ڪرڻ ۾ پورو هوس ان ڪري اختر درگاهي جيڪي ڳالهايو ٿي، ٻڌڻ ۾ تہ آيو پئي پر مان رڳو ان تصور ۾ گم هوس تہ اهو هڪڙو شخص نالي اختر درگاهي:

سنڌيءَ جو ناليوارو شاعر ۽ مضمون نِگار ۽ محقق.... آهي تہ هو بہ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ تعليمدان مرحوم ”عبدالرحمان درگاهيءَ“ جو فرزند ۽ معروف لوڪ فنڪاره ”بيگم فقيرياڻيءَ جو پوٽو. ۽ ڇائو بہ ميمڻ محلي روهڙيءَ ۾ آهي. سندس اصل سڃاڻپ تہ هڪ شاعر واري آهي، پر بيدل سائينءَ جي راڳي فقيرن، مريدن خادمن ۾ سندس هڪ باضابطہ ۽ وفادار خدمتگار ۽ راڳيءَ واري ساک ۽ ساراهہ تمام وڏي آهي. سندس بيدل سائينءَ جي تصنيفات شايع ڪرائڻ، ادبي ڪانفرنسن، مشاعرن ۽ موسيقيءَ جي محفلن سڏائڻ ۽ سڄائڻ ۾ سندس حيثيت هڪ اڳواڻ واري آهي. وڏي ڳالهہ تہ سارو سال، پنهنجي ملازمت سان، گهر سان ۽ ادب دوستن سان سنمک رهي ٿو يقيناً مٿس مالڪ جي ڪيڏي نہ مهر دائم قائم آهي.

هي ڪِتاب بہ يقيناً ان سنگهر جي هڪ ڪڙي آهي جنهن ۾ هن جو جيءُ جڙيل آهي. مان اول تہ هن کي ان ڳالهہ تي لکين واڌايون ٿو ڏيڻ چاهيان تہ هن بيگم فقيرياڻيءَ متعلق ڪِتاب ترتيب ڏئي، رڳو پنهنجي ڏاڏيءَ جو قرض نہ لاٿو آهي پر سنڌي راڳ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي فنڪاره جي حياتيءَ کي سهيڙيو آهي، جنهن کي جيڪڏهن اختر درگاهي نہ سهيڙي ها تہ شايد ان ڪم ۾ ٻيو ڪو بہ هٿ نہ وجهي ها.

اسان جي دؤر جو اهو ئي وڏو الميو آهي، ڇاڪاڻ تہ اها ذميداري ادارن جي آهي تہ هو خاص طور محققن کي کوجنا جي لاءِ موضوع ۽ مواد ميسر ڪري ڏين تہ جيئن هر نسل کي تاريخ جا پنا انهن بزرگن، راڳين توڙي ليکڪن جي

سونهن سان سينگاريل ملن. يقيناً هي ڪم ادارن جي ڪرڻ گهرجي، پر افسوس اهو آهي تہ اهو ڪم فرد ڪري رهيا آهن ۽ سي بہ سندس ئي عزيز قريب ۽ پرين پيارا، اهي ادارا شايد اقربا پروريءَ جي روايت کي قائم رکڻ ۽ پنهنجي ملازمن کي رڳو پگهارن ڏيڻ لاءِ جوڙيا ويا آهن.

سنڌي راڳ جي تاريخ ۾ هن ۽ هھڙن ڪِتابن جي سخت ضرورت آهي، ۽ ان ڏس ۾ مانواري اختر درگاهيءَ چڱي جاکوڙ ڪئي آهي، خاص طور تحقيق واري اهميت کي نظر ۾ رکندي هن ڪِتاب کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي. پهرين ڀاڱي ۾ فاضل محقق جيڪو سوانحي احوال لکيو آهي، ان ۾ خاص شخصيت ۽ شاعريءَ واري حصي ۾ سندس تيرهن ڪافيون ڏئي هن بيگم فقيرياڻيءَ کي سنڌي شاعرائن جي قطار ۾ آڻي، ادب ۾ هڪ انمول اضافو ڪيو آهي.

ساڻ ساڻ درگاهي ميراڻي، اختر ۽ اطهر موساڻيءَ جي اها شاعري بہ شامل ڪئي آهي، جيڪا بيگم فقيرياڻيءَ جي جدائيءَ ۾ چيل آهي، پر جا ڳالھہ اجان بہ وڏيکَ اهم آهي اها، اها آهي تہ هن ڪِتاب ۾ بيگم فقيرياڻيءَ جي ڳايل ڪلامن جو وچور ڏئي هڪ شاندار ڪم ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ گهڻن ئي اهڙن درگاهي فقراء فنڪارن جي ڳايل ڪلامن جو رڪارڊ هٿ ڪرڻ نهايت مشڪل ٿي پوندو آهي.

ساڳيءَ ريت اختر درگاهيءَ ڪِتاب جي آخر ۾ بيگم فقيرياڻيءَ، هنباهي بزرگن ۽ ڀِتائي پيرن جي خاندان جا شجرا شامل ڪري، ڪِتاب کي تحقيقَ جي اصول سان آراستو ڪيو آهي، ۽ منهنجي نظر ۾ سندس ڪوجنا جو اهو ڀاڱو هڪ الڳ ڪِتاب جي صورت ۾ بہ پنهنجي اهميت جو حامل آهي. انهن سڀني ڳالهين جي ڪري جس لهڻي اسان جو هي پيارو اديب شاعر اختر درگاهي.

ٻئي ڀاڱي ۾ ڪجھہ ليکڪن جا تاثرات بہ ڏنل آهن، جن ۾ مانَواري محقق مٺل سائينءَ جو مضمون وڏيکَ اهم ان ڪري آهي جو ان ۾ هڪ تمام آڳاٽي محفل جو اکين ڏٺو احوال آندل آهي، ان کان علاوه ٻيا بہ نهايت معلوماتي ۽ تعريفي مضمون آهن. منظوم خراج جي ذمري ۾ درگاهي، اختر ۽ اطهر پنهنجي دلي ڪيفيت کي نهايت سهڻي پيرائي سان بيان ڪيو آهي ۽ ان سموري مواد مان

اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ پنهنجي تر ۾ بيگم فقيرياڻيءَ پنهنجو وارو ڪيئن وڄايو ۽ ٻڌندڙن جي دلين تي راڄ ڪيئن ڪيو. ها البت مرحوم رشيد ڀٽيءَ جي مضمون جي آخر ۾ لکيل آهي تہ:

”پنهنجي فقيري، بيپرواهہ ۽ مست طبيعت جي ڪري ڪنهن جي ڪاڻياري نہ ٿي، ان ڪري سنڌي موسيقيءَ جي سنسار ۾ اهو مقام ماڻي نہ سگهي، جو ماڻڻ گهربو هوس.“

مرحوم رشيد ڀٽيءَ جي ان آخري جملي سان منهنجو ٿورو اختلاف آهي، ڇاڪاڻ تہ فنڪار پنهنجي پنهنجي وس ۽ وت آهر پنهنجي خدمت پيش ڪندو آهي، مقام ماڻڻ جي جستجو فنڪار نہ ڪندو آهي، پر ڳائي ماڻهن جا روح ريجهائيندڙ دليون ڏوڏائيندڙ ۽ ذهن ڏونڌائيندڙ پر پنهنجي پَرَ ۾ بي غرض، بيپرواهہ مسڪينن جو مددگار ۽ يارن جو يار هوندو آهي ۽ بيگم فقيرياڻي بہ سچ پچ فنڪار ۽ مٿان فقيرياڻي بہ هئي، ان ڪري گراموفون يا ڪيسٽ ڪمپنيءَ جي مالڪن يا انهن جي ٻولڙين سان سندس ڪا بہ ٻولاڇاري نہ هوندي هئي. هوءَ ڳائيندي هئي، پنهنجي انهن ماروئڙن جا ڏک درد، هوءَ ڳائيندي هئي ميثاق ۾ ڪري آيل قول قرارن کي، هوءَ ڳائيندي هئي معرفت جي مردن لاءِ، فيض جي فائقن لاءِ.... ان ڪري هن جي دل ڪڏهن بہ پلئو نہ ڪاڏو! پئسي يا شهرت جي پاسي.

سچو فنڪار اجهو ائين هوندو آهي، جنهن جون ”ڪجهہ“ ئي رڪارڊنگس ئي سگهنديون آهن ۽ انهن مان بہ ڪي ٿوريون محفوظ ٿي سگهنديون آهن.

مڃان ٿو تہ مون پنهنجي ئي ويءَ واري عرصي ۾ جڏهن هوءَ حيات هئي تہ ان کي سڏائي ئي ويءَ جو ڪو پروگرام بہ نہ ڪري سگهيس، ان جو افسوس تہ اٿم پر هاڻي جڏهن سندس لاڪيڻي پوٽي مانَواري اختر درگاهيءَ مٿس سوانح ۽ سندس راڳ جي فن ۽ شاعريءَ متعلق انتهائي اهم ڪِتاب سهيڙي مون ڏي مهاڳ لکڻ لاءِ مُڪو آهي، حالانڪہ مون کان وڏيڪ سنا ۽ ناليوارا دانشور سنڌ ۾ موجود آهن، ۽ اهي اختر درگاهيءَ جي محنتن کان واقف بہ آهن پر بيگم فقيرياڻيءَ جي هن ڪِتاب جي ”مهاڳ لکڻ جو ڀُڪو“ منهنجي نالي شايد ان ڪري نڪتو آهي، جو اها

منشا لڳي ٿو خود بيگم فقيرياڻيءَ جي آهي، جڻ مون کي قرضائي ڪرڻ کان بچائي ورتو اٿائين.

ظاهر آهي، هئي بہ تہ درويشن جي ويڙهي جي فقيرياڻي، جنهن تي نہ رڳو موج پريي مهراڻ جي مهر هئي، پر ساڳئي وقت سائين بگن بادشاهہ، مائي غلام فاطمہ ”لعل“، پٽائي پير سائين شير محمد توڙي داتا ولايت شاهہ جي فقيري فيض جي ولڇل هوندي هئس، يا خود بيدل ۽ بيڪس سائينءَ جي فيض جي پالوٽ بہ مٿس جهجيري هئي، جنهن جي ظاهر نشاني پهرين تہ اها آهي تہ سندس فرزند پاڻ ”درگاهي“ سڏايو ۽ پيو هي اسان جو مانَوارو شاعر اختر درگاهي، جيڪو درگاهہ عاليجاهہ سرڪار بيدل سائينءَ جي دربار جي خدمت لاءِ قبول پيل آهي. يقيناً اهو سمورو ڦل ان مائيءَ بيگم فقيرياڻيءَ جي ان حُب جو آهي، جنهن سڄي ڄمار ان فيض جو ٻَهرو راڳ ۽ ڪلامَ ذريعي فقيرن ۽ درويشي دلين ۾ ونڊيندي گذاريو.

اها مڃيل حقيقت آهي تہ فقرائي راڳي پنهنجي سازندن سان بہ سدائين ”ونڊ ورهاءِ ايمان پاءِ“ وارو سلوڪ رکندا آهن. جيڪي گهور گهاٻار پوندي اٿن تہ اڳ ۾ پنهنجي جوڙ جي وڄتن ۾ بخرو ڪندا اهن. پوءِ جيڪي گودڙيءَ ۾ چار ڏوڪڙ بچيا تہ خير نہ تہ علي وارث آ! ۽ اهو ئي سبب آهي جو هن ڪا مڏي مال يا ملڪيت نہ ٺاهي، جيڪي آيو مولا جي مملڪت ۾ ونڊجي ورهائجي ويو. ها البت وٽس اهو رپيو پاسيرو ڪري ضرور رکيل هوندو، جيڪو هن پنهنجي انٽرويو ۾ ٻڌايو هو تہ ”ڪيس شروعاتي وهيءَ ۾ ”پٽائي پير سائين شير“ ڪانئس سَهرو ٻڌي انعام طور ڏنو هو.“ ۽ مان سمجهان ٿو تہ فقيرن جا مال خزانا بہ درويشن وارا اهي انعام هوندا آهن، جيڪي ڪٽي نہ ڪٽندا آهن.

بيگم فقيرياڻيءَ ڪي ڪارن ڪپڙن ۾ اسان بہ ڏٺوسي، ۽ مان سمجهان ٿو تہ هن حَسنين سڳورن جي غم ۾ اهو ڪارو لباس اختيار ڪيو هو. ۽ ڪئنا ڪولابا تہ آهن ئي فقير جو سينگار ـ پر آفرين آهي فقيرياڻيءَ کي جنهن مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجي انهن حال ڏاڍن کي پاڻ کان پري نہ ڪيو.

بيگم فقيرياڻيءَ جي شاعريءَ کي پڙهندي ٿوري دير لاءِ منهنجو ڌيان پنهنجي نندپڻ ۾ ٻڌل انهن آلاپن ڏانهن ڇڪجي ويو جڏهن سريلن ۽ روح پرور

آوازن ۾ ڪافي ”ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا“ ڪنن تي پوندي هئي، يا وري وڏي وقت کان پوءِ ”سَمن سائين مان تہ گولي غلام تنهنجي در جي“ ٻڌڻ ۾ آئي هئي. ۽ هاڻي جڏهن هن ڪِتاب جو مسودو پئي پڙهيم تہ هن فقيرياڻيءَ جي ڪافي:

- بيگم جا سائين، ڪر ڪا پلائي

مرشد منهنجا هوت هنباهي

تمام ويجهي کان، چڻ پاڻ سامهون بيٺي پئي جهونگاري، اسان جي هن فقيرياڻيءَ جي شاعريءَ جي ٻولي بہ لڳيگ ائين ئي ٻڌڻ ۾ آئي تہ دل ۾ عجب فرحت محسوس ٿيڻ لڳي.

بيگم فقيرياڻيءَ جي شاعري گهڻي قدر فيض جي درياهن مرشدن سان واڳيل آهي، جنهن ۾ هن نہ رڳو پنهنجي من جي مرادن لاءِ ڪين ساريو سنياريو آهي، پر انهن جا ڳڻ بہ ڳاتا آهن، ۽ جڳ جهان جي خير سان گڏ پنهنجي سچي سڪ ۽ اُڪير کي بہ اظهاريو آهي. حالانڪ پنهنجي وڏڙن جي حوالي سان بيگم فقيرياڻي جي لِڇ پاڻيءَ، ٻيڙين ۽ مڇين سان هئي پر شاعريءَ ۾ ”سهڻي“ يا ”نوريءَ“ بجاءِ منجهنس سسئيءَ واري صفات ملي ٿي ۽ مرشد جي عقيدت وچان چيل اهڙين ڪافين ۾ هن فقيرياڻيءَ پاڻ کي ميهر سان ملڻ لاءِ ڪچي گهڙي جو سهارو وٺڻ بجاءِ سسئي جي پنهونءَ لاءِ ووڙڻ ۾ ئي حقيقت کي پاتو آهي، ۽ پنهنجي ڪلام ۾ سسئي واري عرفان سان مرشد کي ”پنهون“ ڪري پڪاريو آهي:

- بيگم سان ڪربگن پلائي
- بيگم توکي ٿي سڏي ساري
- بيگم کي آ پڪ پنهل ۾
- بيگم سان تون رهہ اچي راضي
- بيگم جا سائين، ڪر ڪا سڻائي

شاعريءَ ۾ عشق جي ان تند کي بہ اجاگر ڪيو اٿس، جيڪا ليلا مجنون، هير ۽ رانجهي، مومل ۽ راڻي، سهڻيءَ ۽ ميهار جي وچ ۾ طالب ۽ مطلوب واري مام ۾ لڪل هئي، ۽ ”عشق“ متن ڪهڙا حڪم هلايا، ڪين ايمان ۽ بردباري عطا ڪئي، ان عشق جا انصاف بہ خوب ڳڻايا اٿائين:

ـ واهہ انصاف آ عشَق اوهان جو مشتاقن کي مڃائين ٿو
ڪاٿي بيگم ڪاٿي بي رنگ، ڪاٿي نينهن نچائين ٿو

فقيرياڻيءَ جي شاعريءَ تي تر جي ڪجهہ شاعرن جي محبت ۽ معرفت جو شيڊ ضرور آهي، پر ٻوليءَ ۾ چس ۽ درد فقيرياڻيءَ جي پنهنجي وجدان جو عڪس آهي:

ـ مون سان هلو سڀ ميڙ تي،
پنهل منهنجو پرچايو،
اڄ مان درد پرايو.

فقيرياڻيءَ جي ڪلام ۾ حقيقت جي اسرار سان گڏ مجاز جي مار بہ رکيل آهي:


ـ بيگم ڪي ڏنو جام الستي، جانب تو جوڙي،
عشق اندر ۾ آتش لاتي، سور نہ ٻئي ڪنهن سلي سلي

ـ سڀ ڪجهہ آهي جهان ۾، ڇا هي منهنجو؟ ڇاهي ڙي سرتيون
الا نسان سري وان سرهُ سِر ڪي سجدو آهي ڙي سرتيون

ـ ڏنم دل تہ توکي وفادار سمجهي
ڇڏي وڃ نہ مون کي گنهگار سمجهي

بيگم فقيرياڻيءَ جو دور راڳ توڙي علم ادب جي لحاظ کان تمام يادگار ۽ اهم دور رهيو آهي، ان دور ۾ جنهن جيترو بہ ڪم ڪيو آهي، انهن جي کوجنا ڪري، هن قسم جا ڪِتاب شايع ڪرڻ/ڪرائڻ گهرجن، ۽ ان کوجنا جي حوالي سان اڄو تہ پنهنجي جاکوڙي اديب اختر درگاهيءَ جو تيار ڪيل هڪ اهڙي سانوري سيبتي ۽ سهڻي فنڪاره بيگم فقيرياڻيءَ متعلق لکيل هي ڪِتاب پڙهون ۽ پياري اختر درگاهيءَ جي محنت جو دادُ ڏيون.

**بيدل مسرور بدوي**



# سوانح حيات:

## مائي بيگم فقيرياڻي

# وڏن جو احوالُ

روهڙي، رضا ڳوٺ ۽ سکر جو درياهُ
سانگي، چڪ، هنباهه، مونلئه مهڪ مليرَ جي

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جا وڏا اصل ”ٻيڙائت ميربحر“ هُئا جن جي رهڻي کهڻي ٻتيلن تي هُئي. اهڙي طرح ٻيڙيون سندن گهر هُئا تہ درياهہ سندن ديسُ. سندن گذران سنڌ جي تاريخي ۽ جاڙن شهرن روهڙي ۽ سکر ۾ هو. سندن ٻتيلا ڪڏهن روهڙيءَ جي پر تہ ڪڏهن سکر جي پر ڪڏهن، ڪهڙي ڪپر تہ ڪڏهن ڪهڙي ڪپر. انهن جي تہ زندگيءَ سان گڏ سندن گهر (ٻتيلا) بہ تحرڪ ۾ رهيا. جيڏانهن درياهہ جو رُخ تيڏانهن سندن منزل. ڪڏهن لهوارو تہ ڪڏهن اوڀارو بہ وڃن. هو مسڪين ماڻهو ۽ پورهيت هئا. هنن کي تہ زندگيءَ جي تيز تلخين، بدلجندڙ حالتن ۾ ڏُکن، ڏولاون سان گڏوگڏ فطرت جي لاهن چاڙهن، تيز وهڪرن ۾ درياهہ اندر ڪاٺ جي ڪمزور گهرن ۾ رهندي تيز هوائن، ڀيانڪ طوفانن ۽ بارشن سان بہ مُنهن ڏيڻو پوندو هو.

اڄ کان 70 سال اڳ تائين مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي وڏڙن ٻيڙين تي رهندي اهڙي ئي زندگي بسر ڪئي. البت جتي سندن ٻتيلا لنگر انداز ٿيندا ها تہ اُتي درياهہ جي ڪنڌيءَ تي پنهنجا ڪکاوان گهر ٺاهيندا هُئا جيڪي عارضي هوندا هئا ۽ اهڙن ڪکاون گهرن جي ميڙ کي ”ميربحرن جي مياڻي“ چيو ويندو هو جڏهن تہ اڪثر سندن ڏينهن ٻيڙين تي ئي گذرندا هُئا. ننڊ، جاڳ، اوجاڳا، عبادت، رياضت، پورهيو، وندر، رڌپچاءُ، کائڻ پيئڻ، شاديون مُراديون، خوشيون غميون ٻيڙين تي ئي هُيون.

- مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي خاندان جي مسڪين ماروئڙن جا ڪکاوان گهر روهڙي شهر ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تاريخي ماڳ ”ستين جي آستان“ لڳ

ميربحرن جي مياڻيءَ ۾ هئا ۽ سندن ٻيڙيون انهيءَ جاءِ تي اچي لنگر انداز ٿينديون هيون ۽ سدائين ڪنهن سفر لاءِ تيار رهنديون هيون. سندن اصل ماڳ تہ روهڙي ۽ سکر هو پر جڏهن آبڪلاٽي جي مُند ۾ سنڌوءَ ۾ چاڙهہ ايندو هو تہ پوءِ روهڙيءَ مان ٻتيلا هاڪاري ڪڏهن پنوعاقل لڳ "رضا ڳوٺ" ۾ تہ ڪڏهن ڇَڪَ لڳ اچي ٻيڙيون جهليندا هئا جو اُها مُند سندن پيٽ گذر جو ذريعو بڻجي هُئي. ڪچي ۾ پاڻيءَ جي چاڙهہ سبب هڪ طرف ٻيڙين ذريعي ڳوٺ وارن ۽ پرپاسي وارن کي پتڻ ٽپائيندا ها تہ ٻئي طرف سندن ٻتيلا مختلف مالُ، ڍور، ڍڳا، ڪٽڪ، هنداٽا وغيره جي آمد رفت جو ذريعو بہ بڻبا هئا.

روهڙي شهر ۾ "ستين جي آستان" لڳ مياڻيءَ ۾ انهن ميربحرن جا ڪيترائي گهر هوندا هئا، جيڪي مير بحرن جي مختلف پاڙن سان سُجاتا ويندا هئا ـ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي خاندان جو جد امجد "چنڊ مير بحر" ٿي گذريو هو جنهن سبب سندن پاڙو "چنڊاڻي ميربحر" سڏبو هو. ايس صادق علي پنهنجي مشهور ۽ اهم انگريزي ڪِتاب "Musliman Land Holders in Province of Sindh" مطبوعہ 1901ع جي صفحي 63-60 تي سنڌ جي ميربحرن ۽ ملاحن جا پورا 254 پاڙا لکيا آهن ۽ انهن ۾ 41 نمبر تي "چنڊاڻي پاڙو" ڏنو اٿائين (1) ان مان لڳي ٿو تہ انهيءَ دور يعني 1901ع تائين، چنڊ ميربحر جون ڪافي پيڙهيون ٿي چُڪيون هونديون جو سندس نالي مير بحرن جو پورو پاڙو سڏجڻ ۾ آيو. چنڊ ميربحر ڪهڙي دور جو هو ۽ اصل ڪٿان جو هو ان لاءِ ڪا بہ پڪي ڳالهہ نہ ٿي ڪري سگهجي البت اتر سنڌ ۾ خاص ڪري سکر ۽ روهڙي ۽ ان جي پر پاسي وارن علائقن ۾ چنڊاڻي ميربحرن جي گهڻائيءَ مان خبر پوي ٿي تہ چنڊ مير بحر اتان جو ئي هو ۽ چنڊاڻي شاخ اتر سنڌ جي ميربحرن منجهان اُسري. بعد ۾ ڪجهہ چنڊاڻي مير بحر اُتر سنڌ خاص ڪري روهڙي سکر کان لاڙ ۽ بدين ڏانهن بہ وڃي رهيا جو سنڌ جي وڏي محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي تہ: "مُهاڻا سنڌ جا قديم باشندا آهن جن کي اسلام جي آمد بعد ملاح ۽ ميربحر (بحريا سمنڊ جا مير) جي عزتمند نالن سان سڏيو ويو. بدين لاڳو مهاڻن ۽ ملاحن

جون چار اوڙڪون مشهور آهن، گُلاٽي، منڇر (جيڪي منڇر مان آيا) چنڊاٽي (جيڪي اُتران آيا) ۽ محمد حسن جيڪي نبي سر تي آهن ۽ نارائي سڏجن“ (2)

مير بحرن جي چنڊاٽي پاڙي جي قديم هُجڻ جو هڪ ٻيو اشارو اهو به ملي ٿو ته 19 صديءَ ۾ روهڙي شهر اندر رهندڙ سُليمان فقير مير بحر جو تعلق به مير بحرن جي چنڊاٽي شاخَ سان هو. سليمان فقير ميربحر، روهڙيءَ جي رهبر عظيم صوفي مفڪر ۽ شاعر فقير قادر بخش بيدل (1873 – 1814ع) جو طالب ۽ خاص خدمتگار هو سندس دور 19 صدي عيسوي ۽ تيرهين صدي هجريءَ جو آهي ان لحاظ کان سُليمان فقير جي پيڙهي کان ڪافي عرصو اڳ ”چنڊ ميربحر“ ٿي گذريو هوندو.

هِتي هڪ ٻي به شاهدي ملي ٿي جنهن مان خبر پوي ٿي ته مائي بيگم فقيرياڻيءَ جا وڏا اصل کان روهڙي ۽ سکر جي پاسي جا هُئا. اهو ثبوت آهي اهو قديم لوڪ گيت جيڪو اصل کان بيگم فقيرياڻي جي خاندان ۾ چيو ويندو آهي. انهيءَ لوڪ گيت جي ٻولن مان لڳي ٿو ته اها تخليق به انهن ميربحرن جي آهي جيڪي گهڻين ئي پيڙهين کان پنهنجي شادن مُرادين ۽ ٻين موقعين تي اهو لوڪ گيت چوندا هئا. اهو لوڪ گيت مائي بيگم فقيرياڻي پاڻ به چوندي هُئي. اهو لوڪ گيت هن طرح آهي:

اسين مُسافر ماڻهو روهڙيءَ جي پر جا الا!
لڪئي لاتم نينهُن
اسين مُسافر ماڻهو سکر جي پر جا الا!
لڪئي لاتم نينهُن
لڪئي لاتم نيهن، ڀَلُ وُنڙِن مينهن
اسين مُسافر ماڻهو روهڙيءَ جي پر جا الا!
لڪئي لاتم نينهُن

انهيءَ لوڪ گيت مان خبر پوي ٿي ته مائي بيگم فقيرياڻيءَ جا وڏا ڀيڙائت ميربحر گهڻي زماني کان سکر ۽ روهڙي جي پاسي جا رهواسي هئا، هو

اڪثر ٻيڙين تي سدائين مُسافريءَ ۾ رهندا هئا. البت سندن مستقل ماڳ ۾ هنڌ روهڙي ۾ سکر جي پاسي وارو سنڌونديءَ جي ساڄي ۾ کاٻي پاسي جو ڪنارو يا پتڻ هو.

بعد ۾ انهن چنڊاڻي ميربحرن مان ٻيون ٻه ننڍيون ننڍيون شاخون ۾ پاڙا نڪتا آهن جهڙوڪ پاروائي (پارو ميربحر جي اولاد) عيساڻي (عيسي مير بحر جي اولاد) ۾ سڄڻاڻي (سڄڻ ميربحر جي اولاد) اهڙي طرح هينئر مائي ٻيگم فقيرياڻيءَ جو خاندان "سڄڻاڻي ميربحر" سڏجي ٿو جو اهي چنڊ ميربحر جي اولاد مان اڳتي هلي "سڄڻ ميربحر" جي اولاد ۾ اچن ٿا. جنهن جي هن وقت خيرن سان ائين پيڙهي قائم دائم آهي.

سڄڻ ميربحر کان اڳ انهيءَ خاندان جو ڪو ٻه شجرو يا احوال نه ٿو ملي، ڇاڪاڻ ته هُو اڻوجهه ۾ اڻپڙهيل هئا ۾ ٻيڙائت هُجڻ ڪري شهري زندگيءَ کان ٻه پري هُئا لازمي طور هو پنهنجي خاندان جي شجري ۾ احوال کي محفوظ ڪري نه سگهيا. البت اهي روايتون ضرور ملن ٿيون ته سنڌ جي درياهي تهذيب جي وارث انهي ميربحر قبيلي ۾ صدين کان پنهنجي ڌرتي ۾ ثقافت سان گهرو پيار هو. هو سنڌي ثقافت جي اهم نشانين فن ۾ هنر منديءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هُئا، سندن عورتون سنڌي ثقافت جي اهم رنگن رِلهيءَ ٺاهڻ ۾ پرت پرڻ جون ماهر هُيون ـ سنڌي لوڪ راڳ خاص ڪري لوڪ گيت سندن قديم ورثي ۾ شامل هو. "شامَ جو جڏهن پتڻ جي پورهيءَ کان فارغ ٿيندا ها يا وٽن ڪنهن پير مُرشد جي آمد ٿيندي هُئي يا وري وٽن ڪا شادي مرادي يا ڪو خوشيءَ جو موقعو ٿيندو هو ته عورتون ۾ مرد گڏجي جهمريون پائيندا هئا ته لوڪ گيت ۾ سهرابه چوندا هئا. اهڙن لوڪ گيتن ۾ "لوٽو" ۾ "ڪانءَ ڪوڪو" سندن خاص لوڪ گيت هئا ـ هو سنڌي ثقافتي راند ملهه جا ٻه شوقين هئا ۾ اڪثر موقعن تي ملهه ٻه وڙهندا هئا" (3)

"سڄڻ ميربحر" اٽڪل اٺويهين صديءَ جي شروعات ۾ روهڙيءَ ۾ پنهنجن مٽن مائٽن سان گڏ ٻتيلن تي رهندو هو. روايت آهي ته کيس اولاد نه ٿيندي هُئي تنهنڪري سدائين پاڻ ۾ سندس گهر واري انهيءَ فڪر ۾ اٽڻ ۾ رهندا ها ته جيڪر کين اولاد نصيب ٿئي. هڪ ڏينهن هڪ فقير سندن ميڙيءَ ۾ اچي سندس

بتيلي اڳيان صدا ڪئي تہ ”آهي ڪو جيڪو ڪيس ٻُصري پچائي ڪارائي تہ هو الله جي بارگاهہ مان ڪيس پنج پُٽ وٺي ڏي“ فقير جي صدا سڄڻ ميربحر جي گهرواريءَ ٻُڌي تہ پهريائين پنهنجي مڙس کان ڊني تہ ڪيئن فقير کي بتيلي تي سڏي ٻُصري پچائي ڪارائي! آخر سڄڻ ميربحر کي وچي ٻُڌايائين تہ فقير هيءَ صدا هنئين آهي. سڄڻ ميربحرُ جيڪو پاڻ اولاد جو سڪايل هو ۽ شايد فقيري خيال وارو پڻ، گهرواريءَ کي چيائين تہ ڀلي فقير کي ٻُصري پچائي ڪاراءِ. فقير ٻُصري کائي سڄڻ ميربحر جي بتيلي تي هٿ ڌوئي کين دعا ڪندي چيو تہ ”اوهان کي پنج پُٽ ٿيندا“. قدرت الله جي سڄڻ ميربحر کي چار پُٽ ڄايا جن مان پهرين ۽ ٻي پُٽ کي پيار مان سندن ماءُ لونگ ُ ۽ ڦوٿو جي سادن نالن سان سڏيو تہ جيئن کين نظر نہ لڳي. ٽئين پُٽ جو نالو ”ٻَچلُ“ ۽ چوٿين جو ڪرمداد رکيائون. هينئر هو پنجين پُٽ جي انتظار ۾ هُئا تہ کين وري نياڻي ڄائي جنهنجو نالو ئي رکيائون ”پنجين“ يعني چئن پُٽن کان پوءِ پنجين نمبر تي ڄايل پر اهو شايد اُنهيءَ فقير جي دُعا جو اثر هو جو سندن انهيءَ نياڻيءَ کي بہ مَردن وانگر ڏاڙهي هوندي هُئي (4) سڄڻ ميربحر جي چئن پُٽن کي اولاد هن طرح ٿي، وڏي پُٽ لونگ کي چار پٽ ڄايا طيب، تاج محمد، ڦُل ۽ جندل، ٻي پُٽ ڦوٿي کي هڪ پُٽ ٿيو جعفر، ٽئين پُٽ بچل کي وري پنج نياڻيون ٿيون ۽ سندس چوٿين پُٽ ڪرمداد کي پُٽ ٿيا موسو ۽ واڏُل.

سڄڻ ميربحر جي پُٽن جي بہ اها ساڳي ڪرت رهي ٻيڙياٺن واري. وڏن جا بتيلا سنڀالي پنهنجو سفر گذر ڪندا رهيا. اڪثر ميربحرن جي مياڻي لڳ ستين جي آستان روهڙي ۾ رهندا هُئا، البت آبڪلاٽيءَ ۾ جڏهن سنڌوءَ ۾ چاڙهہ ايندو هو تہ پنهنجون ٻيڙيون هاڪاري ڪچي جو رُخ ڪندا هُئا. هينئر روهڙي ۽ سکر سان گڏ انهن جو هڪ ٻيو گهر رضا ڳوٺ (تعلقو پنو عاقل) ۾ بہ ٿي ويو جو پورو اونهارو اُتي گذري ويندو هونِ ۽ باقي سياري ۾ اچي روهڙيءَ ۾ رهندا هئا.

اسانکي هڪ قديم فارسي دستاويز ۾ مائي بيگم فقيراڻيءَ جي وڏڙن مان مٿي ذڪر ڪيل ”بچل“، ”جعفر“ ۽ ”واڏل“ جا نالا مليا آهن، جيڪو دستاويز سندن ئي دور 1868ع جولکيل آهي. اهو دستاويز ان دور ۾ انڪم ٽيڪس ڀيارينڌڙن متعلق آهي مذڪوره دستاويز ۾ سال 1868ع (فيبروري کان سيپٽمبر) ۾

روهڙي شهر جي انڪم ٽيڪس پيارينڌڙن جا نالا ۽ ٽيڪس جا انگ اکر ڪُل ميزان سميت لکيل آهن. دستاويز دفعن ۾ ورهايل آهي. پهريان ڇهه دفعا جاگيردارن، زميندارن ۽ باغائن تي مشتمل آهن، جڏهن ته باقي چار دفعا هنر مندن ۽ ٻين ڌنڌن سان وابسته افراد جا آهن (5) انهيءَ دستاويز جي عام دفعن ۾ باغائي ڀُٽن، وينجهرن، سوداگرن، ڪنياٽين، ڪورين، ساٽين ۽ پاٽولين سان گڏ روهڙي شهر ۾ رهندڙ يارهن ميربحرن جا نالا به ملن ٿا جيڪي هن طرح ڇاٽايل آهن:

دفعه مير بحر يعني ملاحان لوهري

جعفر، واڌل، بچل، ڇتہ، انگڻ، راضو محمد علي

ورل، ڏنو قلندر بخش، الهڏنو(6)

مٿي ذڪر ڪيل مير بحرن مان جعفر، واڌل ۽ بَچل جا نالا ساڳي ئي دور ۾ مائي بيگم فقيرياڻي جي خانداني شجري ۾ ملن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته پنهنجي پورهئي مان ٽيڪس پيارينڌڙ اُهي ساڳيا هُجن. انهن مان بچل ميربحر، مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي نانيءَ جو پيءُ هو. جڏهن ته جعفر ۽ واڌل انهيءَ بچل ميربحر جا پائيٽيا هئا.

بچل ميربحر، سچڻ ميربحر جو ٽيون نمبر پُٽ هو سندس دور (1880ع ـ1820ع) جو معلوم ٿئي ٿو. پاڻ هڪ درويش خيال ماڻهو هو ۽ عظيم صوفي شاعر ۽ عالِمُ فقير قادر بخش بيدل (1873ع ـ 1814ع) جو همعصر ۽ همعمر پڻ، پر جيئن ته سندس حياتي ٻيڙين تي ۽ درياهه تي گُزري سو به سدائين سفر ۾ شايد انهيءَ ڪري بچل ميربحر جي بيدل سائينءَ سان ملڻ يا صحبت ڪرڻ جي ڪا به روايت نه ٿي ملي. البت هڪ خانداني روايت موجب بچل ميربحر ۽ سکر جي ان دور جي هڪ ٻي بزرگ شخصيت بچل شاهه (1906ع ـ 1807ع) جي پاڻ ۾ ملاقات جو حوالو ملي ٿو. چو ته بچل شاهه به ان دور ۾ سکر پاسي ميربحرن جي مياڻي لڳ رهندو هو. جِتي شايد بچل ميربحر جو پنهنجن ميربحرن مٿن مائٽن ۾ اچڻ ٿيو هو. چون ٿا ته بچل ميربحر جڏهن بزرگ بچل شاهه سان وڏي عقيدت ۽ احترامَ سان مليو ته بچل شاهه به سندس فقيري شخصيت کي سُڃاڻي ورتو جو چيائينس: ”يار

تون بہ تہ اُٺ ڏيين ۾ لڪل آهين.“ هي اُهو بچل شاهہ هو جنهن جي نالي سکر ۾ اڄ بہ بچل شاهہ جي مياڻي مشهور آهي. (7)

بچل ميربحر کي پُٽ جي اولاد نہ ٿي، کيس پنج نياڻيون ڄايون. انهن مان هڪ نياڻي ”بيگي“ هُئي. جيڪا اڳي هلي مائي بيگم اول جي نالي سان ڄاتي وئي، مائي بيگم فقيرياڻي انهيءَ جي ڏوهٽي هُئي، جنهن تي سندس نانيءَ ”مائي بيگم“ جو نالو رکيو ويو هيو.

مائي بيگي عرف مائي بيگم اول جي شادي بچل ميربحر پنهنجي ڀائٽي جعفر ولد ڦوٽي ميربحر سان ڪرائي جنهن مان کيس (مائي بيگم اول کي) صرف هڪ نياڻي نالي مائي موليڏني عرف مائي مولڻ ڄائي.

مائي موليڏني عرف مائي مولڻ، هارون پُٽ موسيٰ ميربحر جي گهر واري ۽ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي والده هُئي. اٽڪل 1870ع ۾ رضا ڳوٺ (پنو عاقل تعلقي) ۾ ڄائي ۽ وڏي ڄمار ماڻي 1970ع ۾ روهڙيءَ ۾ وفات ڪري وئي. مائي مولڻ جي نسبت اُها بہ روايت ملي ٿي تہ پاڻ پنهواري ۾ انوقت جي برک عالم ۽ بزرگ مولانا عبدالقادر پنهواريءَ واري وٽ قرآن شريف پڙهي هُئي. هي تہ اڃي ويو مائي موليڏني جو ٿورو ذڪر پر جنهن شخصيت جي بهاني ۽ وسيلي سان هن خاندان کي فقيري ۽ صوفياڻي راڳ ويراڳ ۽ صوفياڻي شاعريءَ جي روشني ملي اُها هُئي مٿي ذڪر ڪيل مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي ناني مائي بيگي عرف مائي بيگم اول، جنهن جي سڪ ۽ پريت هڪ طرف سنڌ جي هڪ غمناڪ شاعره مائي غلام فاطمہ لال کي مجازي ۽ حقيقي رنگ عطا ڪيو تہ ٻئي طرف سندس خاندان کي تصوف، شاعري ۽ راڳَ جو ورثو پڻ عطا ٿيو.

مائي غلام فاطمہ لعل(1925 ـ 1860ع)[1] جيڪا اڳتي هلي سنڌ جي نماڻي شاعره، صوفي درويشياڻي ۽ ويراڳي بڻجي وئي، پنوعاقل لڳ ڳوٺ ”ڪٽن“ ۾ رهندي هُئي. سندس مڙس جو نالو ”حامد“ ۽ پيءُ جو نالو ”لعل موچي“ هو. مائي غلام فاطمہ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي نانيءَ مائي بيگم اول جي همعصر ۽ عمعُمر هُئي، چون ٿا تہ مائي غلام فاطمہ کي اهو ويراڳ جو ۽ شاعريءَ جو رنگ مائي بيگم اول جي سڪ ۽ پريت ۾ مليو مائي غلام فاطمہ پير ڳوٺ جي فقير نور محمد لاڙڪ جي درگاهہ جي طالب ٿي ۽ فقيري رمز ماڻي ـ مائي غلام فاطمہ جو والد لعل فقير، فقير نور محمد لاڙڪ جو معتقد هو اهو نور محمد لاڙڪ وري کهڙن جي بُزرگ چنيهہ فقير اُڄڻ جو طالب هو ۽ ميان چنهہ فقير درازن جي وڏي بزرگ ۽ سچل سائين جي ڏاڏي صاحبڏني فاروقي جو مُريد هو. مائي غلام فاطمہ موچاڻي پنهنجي ڪلامن ۽ ڪافين ۾ پيءُ ”لعل“ جو نالو استعمال ڪندي هُئي جنهن ڪري ڪيس مائي غلام فاطمہ لعل جي نالي سان بہ سڏيو ويجي ٿو.

مائي غلام فاطمہ لعل جو مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي نانيءَ مائي بيگم اول سان نِينهن جو ناتو جُڙيل ويو. ان وقت اجان مائي بيگم اول توڙي مائي غلام فاطمہ جو شروعاتي دور هو ـ ٿيو ائين جو مائي بيگم اول کي خواب ۾ ڪيترائي دفعا مائي غلام فاطمہ ڏنو ۽ کيس باطني اشارو ٿيو تہ ”انهيءَ صورت کي ڳولي لَهہُ“ مائي غلام فاطمہ ڪشالا ڪندي روهڙيءَ ۾ ميربحرن جي مياڻيءَ ۾ اچي مائي بيگم اول کي ڳولي لڌو (8) هڪ ٻي روايت موجب جڏهن مائي غلام فاطمہ موچاڻي خواب ۾ مائي

---

[1] مائي غلام فاطمہ لعل جو پڙپوٽو لعل فقير ثاني ولد محمد سُليمان هن وقت پنوعاقل شهر ۾ رهي ٿو عُمر اٽڪل 70 سال اٿس. راقم الحروف تاريخ 30 جولاءِ 2000ع تي ساڻس پنوعاقل ۾ ملاقات ڪئي. پهرين لعل فقير ٻڌايو تہ مائي غلام فاطمہ سندس والد محمد سُليمان جي سڳي ڏاڏي هُئي اسانجو پڙڏاڏو ۽ مائي صاحبہ جو گهر وارو، حامد فقير هو هن کي پُٽ هو گل محمد ان جو پُٽ محمد سليمان ٿيو جو سندس والد هو. لعل فقير ثاني ٻڌايو تہ مائي غلام فاطمہ جو والد لعل فقير پاڻ بہ فقير ۽ شاعر هو، جڏهن تہ اسان جا وڏا مائي غلام فاطمہ کي ڏاڏو چوندا ها جوسندس شخصيت وڏي ”مرداڻي“ ۽”فقير“ هُئي. مائي غلام فاطمہ اڇي پوشاڪ پائيندي هُئي ۽ ان جي مٿان اجرڪ اوڙهيندي هُئي البت سندس مرشد جو ويس سائو ڏنل هوس، مرشد هوس پيرڳوٺ جو فقير نور محمد لاڙڪ. مائي غلام فاطمہ جي تربت سانگين پرسان شاهہ عثمان پير جي مقام ۾ ۾ هُئي جيڪو سڄو مقام درياهہ پائي ويو.

بيگم اول کي ڏنو تہ صُبح ٿيڻ سان يڪتارو ڪٽي سير ڪيون، پُڇائيندي پُڇائيندي روهڙيءَ ۾ ميربحرن جي مياڻيءَ ۾ اچي ان صورت کي ڏنو تہ رڙ ڪري چيائين تہ ”اِها آهي اُها جنهنڪي نٿ پئي آ.“ (9) پوءِ مائي بيگم اول جي اڳيان سندن ڀيڙيءَ تي ويهي اهو ڪلام چيائين تہ:

ڪير ڪشالا ڪري، ٽُنهنجي محبت وڏو آ مامري

– پُنهل بنان پرديس ۾، مُنهنجي ساعت ڪانہ ٿي سري

– پُنهل پاڻ نہ ويڙهوالا، جتن زوري ڪري

– لعل چوي ٿو عشق وارن کان، رهبر ناهي پري

مائي غلام فاطمہ لعل، مائي بيگم اول کي پنهنجو ”محبوب“ سڏيندي هُئي ۽ اڪثر وٽس ميربحرن جي مياڻي روهڙي تہ ڪڏهن رضا ڳوٺ ۾ اچي رهندي هُئي يڪتاري تي راتين جو راتيون راڳ ويراڳ بہ ڪندي هُئي. مائي بيگم اول ۽ مائي غلام فاطمہ لعل جي ايتري تہ پاڻ ۾ سڪ ۽ پريت ٿي وئي جو ڏينهن جا ڏينهن، مائي غلام فاطمہ، مائي بيگم اول وٽ رهي پوندي هئي ۽ مائي بيگم اول کي بہ پاڻ وٽ ڳوٺ ڪٽن ۾ وٺي رهائيندي هُئي. آخر اڳتي هلي مائي بيگم اول جا وارث ۽ ڀيا مٽ مائٽ ڏاڍا ڪاوڙيا ۽ ناراض ٿيا ۽ ٻنهي کي هڪٻئي ڏانهن اچڻ وڃڻ کان روڪڻ لڳا ۽ مائي غلام فاطمہ کي بہ ڪُجهہ ڪَتو منو ڳالهايائون. تنهن تي مائي غلام فاطمہ لعل انهن وٽ اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو ۽ ويندي ويندي کين اهو چيو تہ ”ابا الله ڪندو تہ اوهان ۾ بہ مون جهڙي ويراڳي فقيرياڻي پيدا ٿيندي، جيڪا مون وانگر عشق جي چادر پائي پنهنجي السني آواز سان جهرجهنگ ۾ نانءُ ڪمائيندي“ (10) ياد رهي تہ مائي غلام فاطمہ لعل کي بہ فقيري رنگ مائي بيگم وٽان مليو جنهن جي مجاز مان ئي مائي غلام فاطمہ لعل حقيقي منزل حاصل ڪئي. مائي غلام فاطمہ لعل، رُسي ڇا وئي، مائي بيگم اول جي وارثن وٽان جڻ بخت ڀاڳُ رُسي ويو. سندن هٿ تنگ ٿي ويو ۽ هو ڏاڍو ڏُکيو گذارڻ لڳا. ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ کين ان ڳالهہ جو شديد احساس ٿيو تہ انهن هڪ درويش فقيرياڻيءَ جي دل رنجائي آهي، آخر هنن مائي بيگم اول کي اجازت ڏني تہ ڀلي مائي غلام فاطمہ وٽ ڪٽن وڃي رهي ۽ کيس پرچائي. مائي بيگم اول جي اچڻ سان مائي غلام فاطمہ ڏاڍي خوش ٿي

۾ سندن اچڻ وڃڻ ٻيهر شروع ٿيو. ڪجهه سالن ڪانپوءِ مائي بيگم اول مائي غلام فاطمه لعل جي ئي حياتيءَ ۾ وفات ڪري وئي ته سندس وڇوڙي جي خبر پهچڻ سان مائي غلام فاطمه کي تمام گهڻو صدمو رسيو. جنهن جو اظهار مائي غلام فاطمه لعل پنهنجن هنن ڪافين ۾ ڪيو ته:

جي مان ڄاڻان جت ڪاڄاڙ ڪندو
مان سيجن تي ڇو سمهان ها!

درد لڳو آ دلبر جو جيڪي آهي منهنجي جيءَ ۾
سر تيون ڪو نه سَماءُ پيو ڏيرن جي ته ڏمر جو
جبل مون سان جاڙ ڪئي، ڏُک اٿم ڏونگر جو

مائي غلام فاطمه لعل، مائي بيگم اول جي وفات ڪانپوءِ پاڻ کي تلقين ڏئي ڇڏي جو پنهنجا سهڻا ۽ ڏکها وار ڪينچيءَ سان ڪتري ڇڏيائين (11). جيئن ته مائي بيگم اول کي صرف هڪ نياڻي مائي موليڏني ڄائي ان مان لڳي ٿو ته مائي بيگم اول ڪا وڏي ڄمار نه ماڻي ۽ وچولي عُمر ۾ وفات ڪري وئي.

مائي بيگم اول پنهنجي اڪيلي نياڻي مائي موليڏني عرف مائي مولڻ جي شادي اُنَ جي سوٽ هارون ميربحر سان ڪرائي ڇڏي هُئي. هارون ميربحر انهن ڏينهن ۾ پنهنجي گهر واريءَ مائي موليڏني سان رضا ڳوٺ ۾ رهندو هو. هو پنهنجي اباڻي ڪرت موجب ٻيڙيائت هو تعلقه پنو عاقل جي رضا ڳوٺ ۾ ان جي ڀر پاسي وارن ڳوٺن عزيز پور ۽ پنهواري جي ڪڇي ۾ پتڻ ڪندو هو ۽ مشهور پاڻٽي هو. اڄ به انهيءَ علائقي ۾ "هارون فقير ميربحر" جو پتڻ مشهور آهي تَہ جي ماڻهن ۾ ڪجهه پيرسن ماڻهن جو چوڻ آهي ته "هارون ميربحر" پنو عاقل لڳ ڳوٺ عبدالله شاهه بخاري جي جَنون ڍنڍَ تي پتڻ ڪندو هو. هارون ميربحر جي سَسُ مائي بيگم اول سان درويشياڻي ۽ شاعره مائي غلام فاطمه لعل جي سڪ ۽ پريت جو داستان ته مٿي ذڪر ٿيو پر هن هارون ميربحر کي به اهڙو اچي فقيري رنگ لڳو

جو درگاهہ حضرت هنباهہ جي بُزرگ داتا بگن شاهہ◊ جيلاني اول جو طالب ٿيو ۽ ”هارون ميربحر“ مان ”هارون فقير“ بڻجي ويو. هارون ميربحر جي داتا بگن شاهہ اول جي طالب ٿيڻ وارو قصو ڪجهہ هن طرح مليو آهي. انهن ڏينهن ۾ داتا بگن شاهہ وڏي جا مُريد رضا ڳوٺ جي پرسان رهندا هئا جن وٽ اڪثر داتا بگن شاهہ اول ايندو رهندو هو. مُرشد جي آمد جي موقعي تي انهن کي گهڻي خوشي ٿيندي هُئي، اهي موقعي تي هو جهمريون هڻندا هئا ۽ راڳ ويراڳ بہ ڪندا هئا. اهڙي ئي هڪ موقعي تي جڏهن داتا بگن شاهہ وٽن آيو تہ سندن اچڻ سان جيڪو مُريدن استقبال ڪيو تہ اهڙي فنڪشن ۾ ڳوٺ جا جا پارڙا بہ شامل ٿي ويا جن ۾ ”هارون ميربحر“ جي گهر/مائٽن جي هڪ نينگر بہ هُئي. هارون ميربحر کي جو خبر پئي تہ سندن اها ڇوڪري، فقيرن جي انهيءَ محفل ۾ وئي آ تہ سخت ڪاوڙ ۾ بتيلو ڇڏي اُتي آيو ۽ پنهنجي انهيءَ نينگريءَ کي هٿ کان پڪڙي اجان ڇڪيو ئي مس تہ پوئيتان سندس نظر داتا بگن شاهہ اول تي پئي. داتا بگن شاهہ جو ڪيس ڏنو تہ چون ٿا تہ داتا جي نظر هارون ميربحر تي ايترو اثر ڪيو جو هو اُتي ئي ويهي رهيو. پورا ٽي ڏينهن گذري ويا. پوءِ داتا بگن شاهہ اول چيس تہ ”مُنهنجو مريد ٿيندين؟“ هارون ميربحر بہ چيس ”هائو سائين“. داتا بگن شاهہ چيس تہ تون ”هنباهہ“ اچ، پر مونکي

---

◊ داتا بگن شاهہ جنهن کي داتا بگن وڏو بہ چوندا آهن، سنڌ جي هڪ اهم صوفي درگاهہ حضرت هنباهہ لڳ چڪ (تعلقو لکي) جو گادي نشين هو. پاڻ درگاهہ حضرت هنباهہ جي وڏي بُزرگ ۽ رِند شاعر داتا فيض درياهہ (1335هہ ـ 1280هہ) جي وڏي پياءُ داتا تاج محمد شاهہ اول جو اڪيلو فرزند هو. داتا فيض درياهہ جي وصال بعد درگاهہ هنباهہ جو پهريون گادي نشين ٿيو. هي اهو دور هو جڏهن داتا فيض درياهہ جي رندي شخصيت ۽ هم اوست جو نعرو جهر جهنگ ۾ پکڙجي چڪو هو ۽ خود داتا بگن شاهہ اول جا بہ ڪيترائي طالب ٿي چُڪا هئا. داتا بگن شاهہ اول سن 1930ع ۾ وصال ڪيو. سنڌ جي وڏي عالم ۽ شاعر فقير هدايت علي نجفي تارڪ (1939ع ـ 1894ع) داتا بگن شاهہ اول جي وفات جي ماده تاريخ هن طرح لکي آهي.

ماده تاريخ وفات سيد بگن شاهہ جيلاني
ويٺل هانباهہ ضلع سکر

| | |
|---|---|
| اهل الله خيرا واعظم | ولہ غريق ابدال (12) |
| 1930ع | 1348هہ |

داتا بگن شاهہ اول کي ٻہ فرزند ٿيا. داتا ولايت شاهہ (1982ع ـ 1911ع) ۽ سيد ڪامل شاهہ مست (وفات 1970ع کان اڳ) داتا ولايت شاهہ کي هڪ فرزند ٿيو داتا بگن شاهہ ثاني (2004ع ـ 1937ع) داتا بگن شاهہ ثانيءَ کي ٻہ فرزند ٿيا داتا جان محمد شاهہ ثالث (ولادت 1962ع) ۾ ڪامل شاهہ (ولادت:1974ع) هن وقت داتا بگن شاهہ ثانيءَ جو وڏو فرزند داتا جان محمد ثالث درگاهہ هنباهہ جو گادي نشين آهي.

مُرشد نہ پنھنجو دوست سمجھجانءِ. پوءِ داتا بگن شاھہ اول رضا ڳوٺ ۾ ھڪ جاءِ تي ڪِلو ھڻي ڏنس تہ ھي اوتارو ٿي فيض درياھہ جو (13)* ھارون ميربحر پوءِ باقاعدہ درگاھہ حضرت ھنباھہ وچي داتا بگن شاھہ جو طالب ٿيو.

ھارون ميربحر جيڪو ھينئر ھارون فقير ٻڌجي چُڪو ھو درگاھہ حضرت ھنباھہ جا پيرا ڪندو داتا بگن شاھہ اول جي صُحبت ۾ رھندو آيو تہ ساڳي وقت پنھنجي بتيلي ذريعي پيٽ گذر بہ ڪندو رھيو. صوفياڻي درگاھہ سان وابستگيءَ ھارون فقير کي راڳ جي چٽنگ بہ ڏني پوءِ ھو ٻيڙي ھونگارڻ سان گڏ راڳ جا آلاپ بہ ڪندو رھيو نہ صرف ايترو بلڪہ داتا بگن شاھہ جي ٻين فقيرن جي ٽولي سان گڏجي ميڙن ۽ ٻين چونڪين ۾ باقاعدہ ڪافي ڪلامَ بہ ڳائيندو ھو. مائي بيگم فقيرياڻي پاڻَ بہ پنھنجي انٽرويو ۾ اھو ٻڌايو آھي تہ سندس بابو ھارون فقير جيڪو درگاھہ حضرت ھنباھہ جي بزرگ داتا بگن شاھہ وڏي جو مُريد ھو اھو سڀ ديسي راڳ جھڙوڪ ڪوھياري، سھڻي، سورٺ، راڻو وغيرہ يڪتاري تي ڳائي ويندو ھو (14) ھارون فقير جا وڏڙا تہ اڳ بہ ڪڏھن ڪڏھن روھڙي کان ”چڪ“ درگاھہ ھنباھہ جي سامھون ڪچي ۾ اچي ٻيڙيون جھليندا ھئا، پر ھينئر ھن

---

* راقمَ الحروف کي خوشقسمتيءَ سان پنھنجي وڏڙن جي انھن ماڳن ۽ مڪانن کي ڏسڻ جو موقعو نصيب ٿيو. تاريخ 15 ڊسمبر 2000ع تي سکر مان رضا ڳوٺ ۾ ئي رھندڙ پنھنجي مائٽ اربيلي پُٽ شاھڏنو پارواڻي ميربحر سان جيپ تي پنو عاقل ۽ نوراجا کان ڪچي جي ڳوٺ عزيز پور کان ٿيندا رضا ڳوٺ پھتاسون. اسان کي پنھنجي وڏڙن ھارون ميربحر ۽ سندس ڀاءُ گُل ميربحر جي گھر ڀاھران پڊَر تي نم جي وڻ ھيٺان کٽون رکي ان جي مٿان چادرون ۽ وھاڻا رکي ويھاريو ويو. چيائون تہ اتي ئي ھارون فقير داتا بگن شاھہ جو مٿخانو/اوتارو ٺھرايو ھو. اھو جمعي جو ڏينھن ھو ۽ رضا ڳوٺ جي مسجد مان لائوڊ اسپيڪر تي قرآن پاڪ جي تلاوت جو آواز اچي رھيو ھو. وڏن جي پوکيل نم ۽ مُرشدن جي مٿخاني جي ڇانو ۾ ڏاڍو سڪون پئي آيو. ڪانون جي”ڪان ڪان“، ڳيرن، جھرڪين ۽ ٻين پکين جو مٺڙو آواز پُر سڪون ماحول ۾ ھڪ روحاني ڪشش پيدا ڪري رھيو ھو.

راقمَ الحروف رضا ڳوٺ وارو اھو درياھي پتڻ بہ ڏٺو جتان اسانجي وڏن جو ٻيڙيءَ رستي روھڙيءَ کان اچڻ وڃڻ رھندو ھو. تنھن وقت اتي ھڪ ننڍي ڪنار ٻيٺي ھُئي، درياھہ ۾ پاڻي نالي ماتر ھو. خالي درياھہ ھڪ ڪئنال/واھہ جو ڏيکُ ڏئي رھيو ھو. رضا ڳوٺ جي گھرن چوڌاري مھر وڏيرن ۽ ميربحرن جون زمينون ھُيون جن ۾ ان وقت ڪڻڪ، بصر، سارين جي پوک ٿيل ھُئي. اسان جنھن جڳھہ تي/ داتا بگن شاھہ جي مٿخاني تي ھارون ميربحر جي گھر ويٺل ھاسي، ان جي اوڀر ۾ ڦُلو ڳوٺ، اُتر ۾ بکو مھر، ڏکڻ ۾ سرڪاري ٻيلو ڳوٺ عزيز پور ھو. ھارون فقير جي گھر/مٿخاني جن چوڌاري لوا، ٻٻرَ جا وڻ ھئا. رضا ڳوٺ پنو عاقل کان اٽڪل 18 ڪلوميٽر پري آھي. ڳوٺ ۾ صدرئاڻو پرائمري اسڪول تہ آھي پر اسپتال ڪا بہ نہ ھُئي. اتي مھر، ميربحر، موچي، منگي، مڱڻھار قومون رھندڙ آھن. چڱا مُڙسَ مھر ھُئا. اسانکي ايندي ويندي جنون ڊنڍ جا نشان ۽ ھارون فقير ميربحر جي پتڻ جا نشان بہ ڏيکاريا ويا، جن جي اسان فوٽوگرافي بہ ڪئي.

خاندان کي رنگ ئي ڪجھ ٻيو لڳي ويو. هينئر هو صرف ٻيڙائت ئي نہ رهيا، پر حضرت هنباھ جي صوفياڻي ۽ رندي درگاھ ۽ مائي غلام فاطمہ لعل جي اثر هيٺ هن خاندان کي هڪ طرف فقيري ملي تہ ٻي طرف صوفياڻو راڳ ۽ فن ـــ پر اها اڃان شروعات هُئي. اصل ۾ اهي سڀ تياريون هڪ اهڙي شخصيت لاءِ ٿي رهيون هيون، جنهن پنهنجي فقيري شخصيت، سياءَ، صوفياڻي راڳ ۽ شاعريءَ ذريعي سنڌ کان ٻاهر پڻ نانءُ روشن ڪيو ۽ پنهنجي غريب ۽ ٻيڙائت خاندان کي درياھ جي ڇولين مان ڪڍي سڄي سنڌ جي واهڻ واهڻ، وستي وستي ويندي ٿر، ٻر، پنجاب ۽ بلوچستان جي جبلن، ريگستانن، وڏڪارن تائين روشناس ڪرايو.

اها شخصيت هُئي انهن ٻيڙائتن جي هڪ نماڻي، سليمي ۽ مانائتي خاتون مائي بيگم فقيرياڻي، جنهن کي اڄ سنڌُ واسي وڏي عزت ۽ احترامَ سان ”لطيف جي فقيرياڻي“، ”ڀٽائيءَ جي فقيرياڻي“ ۽ ”سنڌ جي ميران ٻائي“ جي خوبصورت لقبن سان ياد ڪن ٿا.

# ولادت ۽ ننڍپڻ

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي ولادت کان اڳ سندس وڏڙن جي احوال ۾ ”سجڻ ميربحر“ کان ان جي پُٽ ”ٻچل ميربحر“ وري ان جي نياڻي مائي بيگي عرف مائي بيگم اول جو ذڪر ٿي چُڪو آهي ساڳي وقت وٽن مائي غلام فاطمه لعل جو اچڻ وڃڻ ۽ مائي صاحبا جي پيشنگوئي به بيان ڪري چُڪا آهيون. اڳتي هلي انهيءَ مائي بيگم اول جي ڏياتي هارون فقير جو درگاهه حضرت هنباهه جو طالب ٿيڻ ۽ داتا بگن شاهه اول جي فيض سان هارون فقير جو راڳ ويراڳ سان اُنس ۽ سندس فقيري شخصيت جو ذڪر به ٿي چڪو آهي. هي اُهو هارون فقير آهي جنهن جي گهر/ٻتيلي تي اسانجي مانائتي مائي بيگم فقيرياڻي جي ولادت ٿي. انهيءَ جو تفصيل هن هيٺ ڏجي ٿو.

مائي بيگم اول جي ڌيءَ مائي موليڏني عرف مائي مولڻ کي سندس ماءُ مائي بيگم اول جي وفات جو وڏو ڏُک ۽ صدمو رسيل هو. کيس هِڪُ پُٽ ”محمد هاشم“ ڄايل هو پر کيس پنهنجي ماءُ جي وفات کانپوءِ اها سڪ هُئي ته جيڪر کيس الله ڌيءَ عنايت ڪري ته ان تي پنهنجي مرحوما ماءُ ”بيگم“ جو نالو رکي ۽ آسيس پوري ڪري. مائي موليڏني ڌيءَ جي سڪايل هُئي ان لاءِ مائي غلام فاطمه لعل ڏانهن به پنڌ ڪندي هئي ۽ کيس چوندي هئي ته ”دعا ڪريو ته الله سائين مونکي امڙ بيگم ڏي“ هڪ دفعي مائي موليڏني ۽ سندس گهر وارو هارون فقير درگاهه حضرت هنباهه داتا فيض درياهه جي ميلي تي ويا، اتي جڏهن گادي نشين داتا بگن شاهه اول سان مليا ته داتا بگن کين دُعا ڪندي چيو ته ”الله اوهان کي پُٽ ڏيندو“. مائي موليڏني داتا بگن شاهه کي چيو ته ”داتا مونکي پُٽ آهي“ دعا ڪريو ته آءٌ ڌيءَ ڄڻيان ته ان تي پنهنجي پياري ماءُ بيگم جو نالو رکان ۽ جي ڌيءَ ڄائي ته

مان اوهان سان گڏ◊ پير يوسف عليءَ تي پيالا ورهائيندس.“ داتا بگن شاهہ چيس ”تون پُٽ ڄڻيندينءَ آءٌ پير يوسف علي تي پَڙُ چاڙهيندس.“ مائي موليڏنيءَ کي الله جي قدرت سان سال کان پوءِ ڌيءَ ڄائي. مائي موليڏني تمام گھڻي خوشيءَ مان پنهنجي ان سڪيلڌي ڌيءَ تي پنهنجي پياري مرحوما ماءُ ”مائي بيگم“ جو نالو رکيو ۽ پوءِ ”هنباهہ“ وڃي پنهنجا باسيل پيالا بہ وڃي ”پير يوسف علي“ تي ورهايا. ساڳي وقت داتا بگن شاهہ اول کي بہ جڏهن مائي موليڏني جي ڌيءَ جي ولادت جي خبر پئي تہ هُنَ بہ فقراء سميت پنهنجو باسيل پَڙُ وڃي پير يوسف علي تي چاڙهيو ۽ چيائين تہ ”پير يوسف علي، مائي موليڏنيءَ جا پيالا بہ کٽيا تہ منهنجو باسيل پَڙُ بہ کٽيو ڇاڪاڻ تہ هيءَ نينگري ڌيءَ بہ آهي تہ پُٽُ بہ“ ـ داتا بگن شاهہ ائين بہ چيو تہ ”هيءَ نينگري هڪ مرد فقير آهي“ (15)

اهڙي طرح هارون فقير ۽ مائي موليڏني جي اها ڌيءَ مائي بيگم ثاني عرف مائي بيگم فقيرياڻي سن 1915ع مطابق 1333هہ ڊاري رضا ڳوٺ تعلقو پنوعاقل ۾ ڄائي ـ مائي بيگم فقيرياڻي جي ولادت جو سن اندازي تي لکيو ويو آهي جو انهن ڏينهن ۾ روهڙي ۽ ان جي ويجهن علائقن ۾ پليگ جي بيماري پئي هُئي، جنهن کي عام طور تي ”هفتو“ چيو ويندو آهي يعني هڪڙي هفتي ۾ شهر ۽ ڳوٺن جا ڪيترائي ماڻهو فوت ٿي ويا هئا. مائي بيگم فقيرياڻي پاڻ بہ هڪ انٽرويو ۾ چيو آهي تہ هوءَ انهيءَ پليگ واري هفتي دوران رضا ڳوٺ ۾ ڄائي هُئي. بيگم فقيرياڻيءَ جا وڏا اڪثر ڇيٽ جي مُند ۾ روهڙيءَ کان ٻيڙيون ڪاهي رضا ڳوٺ

---

◊ پير يوسف علي هنباهہ ۾ ٿي هڪ وڏو بزرگ ۽ ڪرامت جو صاحب ٿي گذريو آهي. هيءُ بزرگ داتا فيض درياهہ کان بہ اڳ جو هو. سڄي هنباهہ جا ماڻهو ۽ خود درگاهہ هنباهہ جا بزرگ پير يوسف عليءَ سان وڏي عقيدتمندي رکندا هئا نہ صرف ايترو بلڪ ان جي مزار تي باسون بہ ڏيندا هئا. پير يوسف علي جي مزار درگاهہ هنباهہ جي بلڪل سامهون چڪ ڏانهن ويندڙ رستي تي آهي ۽ اڄ بہ اُتي ”پير يوسف علي جو مقام“ مشهور آهي. پير يوسف علي ڪيترين ئي ڪرامتون ڏيکاريون، سندس مزار چوڌاري ڪنڊين جا وڻ بيٺل هوندا هئا جيڪي ڪوئي بہ پٽي يا ڀڃي نہ سگھندو هو هڪ دفعي داتا فيض درياهہ جو اُستاد سائين ڏنل شاهہ پير يوسف علي جي مزار جي زيارت ڪرڻ آيو ۽ ڏسي جو پير يوسف پاڻ (توڙي جو مماتي ۾ هو) ٻَٽَ جي رومال سان اتي ڪنڊين جي وڻن کي ڇنڊي رهيو هو ـ داتا فيض درياهہ بعد ۾ پير يوسف علي جي مزار واري مقام جو ڪجھہ حصو پنهنجن فقيرن جي مقام لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو هو.

(راوي: عبدالمالڪ ٻجاراڻي ۽ سيد مهدي شاهہ بُخاري)

پتڻ ڪندا هئا ۽ ڪجهہ عرصو اتي رهي وري روهڙيءَ ستين جي آستان لڳ ميربحرن جي مياڻيءَ وٽ اچي پتڻ ڪندا هئا. مائي بيگم فقيرياڻي رضا ڳوٺ ۾ کهڙي هنڌ ڄائي ظاهر آهي سندس والد هارون فقير ميربحر پيڙيائت هو ۽ اتان جي پرپاسي واري ڳوٺن جو پاڻتي پڻ، ضرور مائي بيگم ٿاني پنهنجي پيءُ جي ٻتيلي تي يا سندن مياڻيءَ ۾ ڪنهن ڪڪاهين گهر ۾ ڄائي هوندي ـ هڪ روايت اها بہ آهي تہ جڏهن درياهہ ۾ گهڻو چاڙهہ ايندو هو تہ ملاح پنهنجون پيڙيون رضا ڳوٺ پرسان عزيز پور جي سامهون تہ ڪڏهن ڏکڻ طرف عبدالله شاهہ جي ڳوٺ ۾ ڏنڊ سان بيهاريندا ها. مائي بيگم جو والد هارون فقير بہ انهيءَ ڏنڊ تي اچي پتڻ ڪندو هو جنهن جي ڪنڌيءَ تي مٽي هڪ ٿلهو هو هڪ روايت موجب مائي بيگم فقيرياڻي ان ٿلهي تي اباڻن جي ڪکن ۾ ڄائي هُئي (16).

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو ننڍپڻ انهن ٻتيلن ۽ پيڙين تي گذريو. سندس والد هارون فقير، درگاهہ حضرت هنباهہ جو طالب ۽ راڳي بہ هُيو. اڪثر پنهنجي پيڙيءَ تي يڪتاري تي پنهنجي مرشد داتا فيض درياہ ۽ ٻين بزرگن جا ڪلامَ ڳائيندو هو. مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي بہ راڳ جي جڻ سُتي پيل هُئي، پنهنجي پيءُ جا فقيري ڪلامَ ٻُڌي ٻُڌي ياڻ بہ پيڙي جي آڳل ۽ پاڇل تي وڏڙن کان ٻُڌل سهرا، لاڏا، مولود ۽ ڪافيون ڪلام جهُنگاريندي هُئي. سندس وڏا گهڻو مسڪين ماڻهو هُئا، رضا ڳوٺ جي زميندارن کان اُنَ وغيره يا ڏُڌ لسي وٺڻ لاءِ ننڍڙي بيگم کي موڪليندا هُئا تہ چوندا هُيس تہ امڙ ڳائيندي ويجانءِ ۽ ڳائيندي اچجانءِ تہ جيئن ايندي ويندي سندس آواز اچي ۽ سندس گم ٿيڻ يا ٻُلجي وڃڻ جو ڪو گمان نہ ٿئي. ”ننڍڙي بيگم“ پنهنجي ٻتيلي مان لهي ڳوٺ ۾ سهرا ۽ لاڏا چوندي ويندي هُئي ۽ سيدو سامان وٺي وري ڪونہ ڪو لاڏو يا ڪلام ڳائيندي ايندي هُئي، سندس آواز پري کان ئي سندس پيءُ جي پيڙي ۽ گهرن تائين ٻُڌڻ ۾ ايندو هو جيڪو ٻُڌي هو مطمئن ٿيندا هئا تہ اجهو ننڍڙي اچي ٿي. (17)

# شادي ۽ اولاد

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شادي بہ ننڍڙي عُمر ۾ ئي سندس سڳي سوٽ واحد بخش عرف واڌل ميربحر سان ڪرائي ڇڏي هُين. جنهن بعد هوءَ پنهنجي گهر واري "واحد بخش" سان پنهنجي ساهُرن ۾ روهڙي شهر ۾ "ستين جي آستان" لڳ ميربحرن جي مياڻيءَ ۾ رهندي هُئي. روهڙي جيڪو پيرن، فقيرن ۽ بزرگن جو شهر هو. مائي بيگم انهن درگاهن ۽ مزارن جي پانڌيئڙي هُئي ۽ هر درگاهہ ۽ مزار تي پنهنجي اولاد لاءِ دُعائون گهرندي هُئي، جڏهن تہ سندس والد هارون فقير اهڙي آس پوري ٿيڻ لاءِ درگاهہ حضرت "هنباهہ" جا بہ پيرا ڪرائيندو هوس، ڇاڪاڻ تہ شاديءَ کانپوءِ مائي بيگم کي اولاد بچي نہ پئي جو سندس ٽي ٻار ڄمندي ئي فوت ٿي ويا هُئا. آخر روهڙي شهر جي ئي هڪ مجذوب درويش سائين محمد شاهہ مست جيڪو تڏهن حال حيات هو، تنهنجي اڳيان اولاد ٿيڻ جو عرضُ رکيائين.

سائين محمد شاهہ مست♦ تن ڏينهن سخت مستيءَ ۾ هو ۽ هڪ ڪمري ۾ زنجيرن سان جڪڙيل هو ۽ صرف ڪمري جي هڪ دريءَ مان کيس ڏسي سگهبو هو.

---

♦ سائين محمد شاهہ مست روهڙي شهر جو هڪ مست درويش هو. سندس والد بزرگوار جو نالو سيد هدايت علي شاهہ رضوي هُيو. سندس تعلق بہ رضوي سادات جي انهيءَ گهراڻي سان هو جيڪي سيد محمد مڪي (وفات: 691هہ) جي اولاد آهن. سائين محمد شاهہ مست سڄي روهڙي شهر ۾ پيو مستيءَ اندر گهمندو هو سڄو شهر سندس درويشيءَ جو قائل هو. سندس جهول ۾ پٿر ۽ ڦوڙ هوندا هئا جيڪي انهن ٻارن ڏانهن اڇلائيندو هو جيڪي کيس چيڙائيندا ها البت ڪنهن کي بہ پٿر لڳندو نہ هو. باقي انهن پٿرن سان شهر جي اسٽريٽ لائيٽ طور لڳل فانوس ڀڃي ڇڏيندو هو- راقم الحروف کي مرحوم غلام صديق قادري (وفات 2007ع) ۽ ٻڍ ٻين معتبر ماڻهن ٻڌايو تہ روهڙي شهر ۾ سن 1935ع ۾ جيڪو وڏو طوفان ۽ وڏو ٻوڙو پيو هو اُنَ جي پيشنگوئي بہ سائين محمد شاهہ مست ڪئي هُئي - گهڻي مستيءَ ۽ جوش ۾ اڇڻ ڪري کيس هڪ بند ڪمري ۾ رکيو ويو هو 7 ڊسمبر 1936ع بمطابق 23 رمضان المبارڪ 1355 هہ تي وفات ڪري ويو. سندس مزار بہ هينئر انهيءَ هنڌ تي آهي جنهن ڪمري ۾ پاڻ مستيءَ دوران بند هُيو. مزار تي مٿيون ڪتبو لڳل آهي.

ڪتبو:

بسم الله الرحمن الرحيم
يا الله يا محمد يا علي يا حسن يا حُسين
لاالٰہ الا الله مُحمد الرسول الله صلي الله عليہ وسلم
رحلت نمود مرحوم مغفور جنت مڪان خلد آشيان
**محمد شاهہ ولد هدايت علي شاهہ**
بتاريخ 23 ڏينهن اڱارو مهينو رمضان المبارڪ
جي وفات ڪئي 1355هہ
بهرچاڪ مابش خدا يار تو محمد هميشہ نگهدار تو
خدارا بقا وگراهہ چہ بيني فنا درفنا

سائين محمد شاهہ مست، مائي بيگم فقيرياڻيءَ ڏانهن دريءَ مان هڪ ڪاغذ اُڇلايو جنهن تي بہ گُلَ ڇاپيل هُئا. مائي بيگم فقيرياڻي اها تصويرَ درويش محمد شاهہ مست جو نياءُ سمجهي اکين تي رکي.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو والد هارون فقير درگاهہ حضرت ”هنباهہ“ جو طالب هو. تنهن جو پنهنجن ٻارن ٻچن سميت درگاهہ حضرت هنباهہ اڪثر اچڻ وڃڻ رهندو هو. اهڙن موقعن تي سندس نياڻي ”مائي بيگم“ بہ ننڍي هوندي کان ساڻس گڏ هوندي هُئي. اڳتي هلي توڙي جو مائي بيگم جي شادي بہ ٿي وئي پوءِ بہ هوءَ پنهنجي والد سان گڏ هنباهہ جي درگاهہ جي وڏي بزرگ داتا فيض درياهہ جي سالياني عُرس تي ضرور ويندي هُئي، جنهن ۾ سندس گهر وارو واحد بخش عرف واڏل ميربحر بہ ساڻ هوندو هو. اهڙي ئي هڪ ساليانی عُرس جي موقعي تي سن 1942ع ۾ مرشدن جي حويلي اندر مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي هڪ فرزند کي جنم ڏنو. گهڻي عرصي کانپوءِ پُٽ ڄمڻ تي مائي بيگم، ان جي گهر واري واحد بخش ۽ والد هارون فقير کي تمام گهڻي خوشي ٿي تہ ساڳي وقت درگاهہ حضرت هنباهہ جي ان وقت جي گادي نشين داتا ولايت شاهہ ۽ سمورن فقيرن کي پڻ گهڻي سرهائي ٿي. مائي بيگم جي انهيءَ فرزند جي ڇٺي بہ حضرت هنباهہ ۾ ٿي، درگاهہ جي ساداتن اندر حويليءَ ۾ سندس نالو ”عبدالرحمان“ رکيو، پر مائي بيگم ۽ سندس والد هارون فقير مرشدن جي درگاهہ تي تولد ٿيڻ سبب پنهنجي هن نينگر جو نالو ”درگاهہ ڏنو“ رکيو، جيڪو اڳتي هلي ”درگاهي ميراڻي“ جي نالي سان مشهور ٿيو۔ مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي انهيءَ پُٽ کانپوءِ بہ نياڻيون بہ تولد ٿيون پر اُهي ننڍڙي عُمر ۾ ئي وفات ڪري ويون. ان بعد کيس روهڙي شهر ۾ سن 1953ع ۾ هڪ ٻيو فرزند ڄايو ”گل حسن“ جيڪو اڳتي هلي ”گل فقير“ جي نالي سان مشهور ٿيو. اهڙي ريت روهڙي شهر جي درويش محمد شاهہ مست جي اشارةً اها پيشنگوئي پوري ٿي جنهن مائي بيگم فقيرياڻيءَ ڏانهن ٻن گُلن واري تصوير اُڇلائي هئي جنهن جو مقصد شايد اهو هو تہ کيس بہ فرزند تولد ٿيندا. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو والد هارون فقير پنهنجي ڏوهٽي ”درگاهي“ جي ولادت وقت حال حيات هو ۽ درگاهہ هنباهہ ۾ موجود هو پر، سُتت ئي سن 1943ع ۾ هارون فقير هنباهہ جي درگاهہ تي ئي وفات ڪري ويو. داتا ولايت شاهہ پنهنجي بابا داتا بگن شاهہ جي هن پياري طالب کي هنباهہ ۾ ئي پير يوسف شاهہ جي مقام ۾ دفن ڪرايو.

# راڳ جي رمز ۾ فقيري فيض

مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي صوفياڻي ۾ توحيدي راڳ ويراڳ جي جيڪا رمز ملي ۾ جيڪو فقيري فيض حاصل ٿيو اُنَ جو خانداني پس منظر تہ اسين هن کان اڳ پيش ڪري چُڪا اهيون. پر مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي سموري خاندان ۾ اُها اڪيلي ۾ پهرين شخصيت هئي جيڪا تمام گهڻي نالي ۾ نشان واري ٿي ۾ سندس ئي شخصيت جي حوالي سان هينئر سندس خاندان سُڃاتو وڃي ٿو. ايڏي وڏي مرتبي تي پهچڻ لاءِ ۾ سنڌ جي ادبي، ثقافتي ۾ صوفياڻي فڪر جي تاريخ ۾ پنهنجو منفرد مقام پيدا ڪرڻ لاءِ مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي تمام وڏا ڪشالا ڪرڻا پيا ۾ وڏا ڏک ۾ ڏولاوا بہ ڏسڻا پيا. هُنَ سنڌ جي اهم درگاهن جون حاضريون ڏنيون ۾ اتان دعائون حاصل ڪيون، برک بزرگن، درويشن، صوفي شاعرن ۾ وڏن راڳين کان فيض ۾ رهنمائي حاصل ڪئي. پر خاص طور تي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت، فن ۾ فقيريءَ جي حوالي سان جن اهم بزرگ هستين جي دُعا، اثر ۾ فيض شامل رهيو اُهي هي آهن.

- مائي غلام فاطمہ لعل
- داتا بگن شاھ وڏو
- پٽائي پير سائين شير
- داتا ولايت شاھ

اهڙي طرح مائي بيگم فقيرياڻي جي شخصيت سنڌ جي ٻن خاص صوفي درگاهن جي روحاني درسگاھ جي طالب علم ۾ عقيدتمند رهي هڪ درگاھ پٽ شاھ ۾ ٻي درگاھ حضرت هنباھ. هن هيٺ اسين تفصيل سان مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي مليل راڳ جي رمز ۾ فقيري فيض جو ذڪر ڪنداسون جنهن ۾ اها پلي پٽ خبر پوندي تہ مائي بيگم فقيرياڻي مٿي ذڪر ڪيل درگاهن ۾ انهن

شخصيتن کان گھڻو متاثر ۽ عقيدت مند هُئي ۽ اڳتي هلي صوفياڻي راڳ، شاعريءَ ۽ فقيري شخصيت ۾ انهن هستين جي دعا ۽ فيض جو مظهر بڻي.

**مائي غلام فاطمہ لعل جي پيشنگوئي ۽ دُعا**

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت هُجي يا سندس خاندان جو ذڪر، ان سلسلي ۾ جنهن شخصيت جو پهريون حوالو ايندو اُها آهي سنڌ جي مانائِتي درويشياڻي، شاعره ۽ راڳِي مائي غلام فاطمہ موچاڻي، جنهن جو ذڪر هن ڪِتاب جي پهرين باب ”وڏن جو احوال “ ۾ اچي چُڪو آهي. اسان اهو اڳ بہ ٻُڌائي چُڪا آهيون تہ مائي بيگم فقيرياڻي جي جمڻ جي پيشنگوئي بہ مائي غلام فاطمہ ڪئي هُئي پر اڳتي هلي خود مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي ويراڳ ۽ شاعري جي سفر ۾ ۽ سندس درويشي ۽ فقيري سياءَ ۾ مائي غلام فاطمہ لعل جي شخصيت جو وڏو اثر ۽ دعا شامل رهي.

مائي غلام فاطمہ جو تعلق مائي بيگم فقيرياڻي جي خاندان سان ان جي ولادت کان اڳ جُڙي چُڪو هو جو مائي غلام فاطمہ کي بہ ڪا روحاني ۽ حقيقي رمز حاصل ٿيڻي هُئي پوءِ ان جو وسيلو ۽ مرحلو بہ، انهن ميربحرن (مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي وڏن) جي ٻتيلن تي طئي ڪرڻو پيو هوس. مائي بيگم فقيرياڻي اڃان ڄايل بہ نہ هُئي جو مائي غلام فاطمہ لعل جا ڪلامَ ۽ سندس غمناڪ آواز سندس وڏڙن جي مياڻين ۽ ٻيڙين تائين پهچي چُڪو هو. اهو ڪلام مائي غلام فاطمہ جي سنگتياڻي ۽ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي نانيءَ (مائي بيگم اول) کي ياد هو، اهو ڪلام ان جي وسيلي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي ماءُ مائي موليڏني وٽ پهتو جا جيڪا ماءُ جي وفات کانپوءِ کيس ياد ڪري مائي غلام فاطمہ جا ڪلامَ پئي جهونگاريندي هُئي.

درد لڳو آ دلبر جو، جيڪي آهي منهنجي جيءَ ۾

ڪير ڪشالا ڪري، تنهنجي محبت وڏو آ مامري

مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي ننڍپڻ ۾ئي اهي ڪافيون ذهن نشين ڪرايون ويون جو هُنَ ياد ڪري ورتيون. ٻي طرف مائي غلام فاطمہ لعل جي شخصيت جون ڳالهيون ۽ سندس وڏڙن وٽ اُنَ جي اچڻ ۽ سڪ پريت جا قصا بہ کيس ٻُڌڻ ۾ آيا. نہ صرف ايترو مائي بيگم فقيرياڻيءَ سان ننڍي عُمر ۾ ئي مائي غلام فاطمہ جي شفقت ۽ دعائون شامل رهيون.

مائي غلام فاطمہ لعل جڏهن سن 1925ع ۾ وفات ڪئي تڏهن مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي عُمر ڏهہ سالَ هُئي. جنهن انهيءَ عُمر ۾ نہ صرف مائي غلام فاطمہ کي ڏٺو بلڪ دُعا پڻ حاصل ڪئي. سندس ماءُ مائي موليڏني ننڍڙي هوندي ئي مائي غلام فاطمہ وٽ کيس ڳوٺ ڪتن (پنو عاقل تعلقي) ۾ وٺي ويندي هُئي ـ مائي غلام فاطمہ ننڍڙي ”بيگم“ کي پنهنجي ساڳي سنگتياڻي مائي بيگم اول جي صورت سمجهي ڏاڍي خوش ٿيندي هُئي ۽ چوندي هُئي ”اچي ويو منهنجو محبوبُ بيگم سائين“ . مائي غلام فاطمہ لعل، مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي ننڍڙي هوندي پير ۾ ويهاريندي هُئي ۽ سندس مٿي تي هٿ گُهمائي پيار ڪندي هُئي ۽ دُعائون ڏيندي هُئي. اهو بہ چون ٿا تہ مائي غلام فاطمہ موچاڻي پنهنجي وفات کان اڳ، مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي اوبر پياري وئي هُئي (18).

اڳتي هلي جڏهن مائي بيگم فقيرياڻي باقاعده راڳ جي ابتدا ڪئي تہ اُهو بہ هڪ عجيب اتفاق چئجي يا مائي غلام فاطمہ جي پيشنگوئيءَ جو اثر جو مائي بيگم فقيرياڻيءَ پنهنجي راڳ جي باقاعده پهرين ”بسم الله“ بہ مائي غلام فاطمہ لعل جي ڳوٺ ڪتن ۾ سندس بينڪ واري ٿلهي تان ڪئي، جنهن ٿلهي تي ويهي مائي غلام فاطمہ پنهنجي آخري ڏينهن ۾ يڪتاري تي راڳُ ويراڳُ ذريعي توحيد جي پرچار ڪندي هُئي. ان وچ ۾ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي حياتيءَ ۾ ڪجهہ اهڙا ڏک ڏولاوا بہ آيا، جو ڪجهہ عرصو مائي بيگم فقيرياڻي مائي غلام فاطمہ جي پوين وٽ ”سانگن“ ۾ بہ رهي. سانگن ۾ ئي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي وڏي ڀاءُ محمد هاشم (1972ع ـ 1908ع) جي دوستي، مائي غلام فاطمہ لعل جي ٻالڪي ۽ شاگرد ۽ راڳي وريام فقير گاهياڻيءَ ◇ سان ٿي، جيڪا اڳتي هلي ڀائپيءَ

◇ وريام خان عرف وريام فقير گاهياڻي جتوئي، مائي غلام فاطمہ لعل جو ٻالڪو ۽ شاگرد هو. اصل ڳوٺ لعل بخش گاهياڻيءَ (تعلقو پنو عاقل) جو هو. بعد ۾ سانگين اچي ويٺا. سنڌ جي برک محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 1965ع ۾ ـ هنگورن ۾ سائين شاهہ محمد شاهہ وٽ ساڻس ملاقات ڪئي هُئي. بقول ڊاڪٽر بلوچ جي ان وقت وريام فقير جي ☚

۾ برادريءَ ۾ بدلجي وئي. مائي بيگم فقيرياڻي، جڏهن 1944ع ۾ روهڙي شهر ۾ رهائش پذير ٿي تہ مائي غلام فاطمہ لعل جا ڏوهٽا ۽ ڏوهٽيون تہ اُتي ايندا ها. جڏهن تہ وريام فقير گاهياڻي ۽ ان سان مائي غلام فاطمہ لعل جا ٻيا شاگرد سهراب فقير، نهال فقير ۽ پيرو فقير بہ روهڙي اچي مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي مائي غلام فاطمہ لعل جا ڪلام يڪتاري تي ڳائي ٻڌائيندا هئا.

**پٽائي پير سائين شيرَ جي تلقين ۽ راڳ جي اجازت**

طعنا، تُنڪا ڏين ٿا مونکي _ پاڻ ڏني آ شير امانت

سنڌ جي جنهن بزرگ هستيءَ جي دُعا ۽ ساٿَ مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي صوفياڻي ۽ توحيدي راڳ ويراڳ جي ميدان ۾ بي خوف آڻي بيهاريو اهو بزرگ هيو درگاهہ پٽ شاهہ سان تعلق رکندڙ ۽ سنڌ جي سرتاج حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي خاندان جو چشم و چراغ پٽائي پير سيد شير محمد عرف سائين شير ⧈ .

---

☚ عُمر 60 ورهيہ هُئي. ان مان اندازو آهي تہ هُو 1905ع ۾ ڄايو هوندو. (ڪتاب "رهاڻ هيرن ڪاڻ" جلد پهريون: مطبوعہ 2000ع) راقم الحروف 11 ڊسمبر 2011ع تي پنو عاقل لڳ سانگين ۾ وريام فقير جي پُٽ درياءَ خان گاهياڻيءَ سان ملاقات ڪئي، جنهن ٻُڌايو تہ بابو وريام فقير اٽڪل 1980ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ کيس سانگين جي مقام پير هفت شهيد ۾ دفن ڪيو ويو. درياءَ خان ٻڌايو تہ بابو وريام فقير کي مائي غلام فاطمہ پُٽ ڪري سڏيو هو. وريام فقير کي ننڍي هوندي کان راڳَ جو شوق هو. مائي غلام فاطمہ کيس چوندي هئي تہ "ابا ٻُڌاءِ! وريام فقير ڳائيندو هو تہ مائي غلام فاطمہ هُنَ کان يڪتارو کسي چوندي هئي ابا ٻُتي پاڻ کي باهہ ڏئي ڇڏيئہ" پوءِ پاڻ ڳا.ئيندي هُئي. درياهہ خان ٻڌايو تہ ابو وريام فقير پڙهيل بلڪل ڪونہ هو مائي غلام فاطمہ جو وڏو معتقد، ٻالڪو ۽ شاگرد هو البت مُرشد اُلرا ڳوٺ (سکر لڳ) جو سائين ڪوڙل شاهہ هُيس. سانگين ۾ هو بہ ميربحرن جي مياڻيءَ لڳ رهندا هئا، جِتي مائي بيگم فقيرياڻي بہ ايندي رهندي هُئي. وريام فقير جي پيءُ جو نالو بہ درياء خان هو. هن پنهنجي ٻن پٽن مان وڏي جو نالو قلندر بخش ۽ ننڍي جو درياء خان رکيو. درياء خان کي اولاد نہ ٿي، جڏهن تہ قلندر بخش کي ٽي پُٽ هادي بخش، واڌل ۽ مکڻو ٿيا. هادي بخش کي وري بہ پٽ وريام ۽ ڪفايت ٿيا آهن.

درياهہ خان گاهياڻي راقم الحروف سان ڏاڍي اُڪير ۽ پيار سان مليو. عُمر اٽڪل 75 _ 70 سال هُيس پر ڳائڻ ۾ پڙ هو. مونکي اصل نہ پي ڇڏيائين، سندس قُرب، ڪچهري ۽ وڏن جي ڳالهين گهڻو متاثر ڪيو افسوس جو درياهہ خان سان منهنجي اهاپهرين ۽ آخري ملاقات ثابت ٿي جو هو تازو سيپٽمبر 2013ع ۾ وفات ڪريو ويو. درياهہ خان مونکي امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي هڪ نئين ڪافي ۽ پڻ مائي غلام فاطمہ لعل جون ٽي ڪافيون جي منهنجون اڳ ٻڌل نہ هيون ڳائي ڪري ٻڌايون. جي مون رڪارڊ پڻ ڪيون. درياہ خان ڳالهين دوران ۽ ڳائڻ دوران روئندو ٿي رهيو.

⧈ پٽائي پير سيد شير محمد عرف سائين شيرُ، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڀاءُ سيد جمال شاهہ جي پوٽي ۽ درگاهہ پٽ شاهہ جي پهرين گادي نشين سيد جمال شاهہ ثانيءَ جي اولاد ۾ ان جي پنجين پيڙهيءَ ۾ وڏو بزرگ ٿي گذريو←

<u>ڪتبو:</u> يا الله
يا محمد يا عَلي
وصال مرحوم مغفور **حضرت پير شير محمد شاهہ**
ولد غلام حيدر شاهہ پٽائي عليہ رحمت از درگاهہ
پٽ شريف تاريخ 12 شعبان بروز شنبہ بجي لسام 1362 هہ

اُهو سائين شير ئي هُيو جنهن اپرندڙ صوفي شاعره ۽ راڳي مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي همٿايو، سندس مٿن مائٽن کي سندس راڳ لاءِ راضي ڪيو ۽ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو درگاهه ڀٽ شاهه سان اهڙو تعلق قائم ڪرايو جو اڳتي هلي مائي بيگم فقيرياڻي سڄي سنڌ ۾ "لطيف جي فقيرياڻي" ۽ "ڀٽائي جي فقيرياڻي" سڏجڻ لڳي. پاڻ پوري زندگي درگاهه ڀٽ شاهه جي خاص طور تي سائين شير محمد، ان جي فرزند سائين محمد جوڙئي ويندي سائين شير جي پوٽن سائين غلام حيدر ۽ سائين مٺل جي بيحد عقيدت مند رَهي، اهڙي طرح مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو ڀٽائي پيرن جي ٽن پيڙهين سان گهرو تعلق ۽ نيازمندي رهي. خاص ڳالهه ته مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي لطيفي لباس "ڪارو ويس" به درگاهه ڀٽ شاهه تان مليو جيڪو هن سموري زندگي پاتو ۽ ٻي رنگ جو لباس تن تي نه پهريو. هيٺئر انهيءَ جو تفصيل پيش ڪجي ٿو.

---

← آهي، سندس والد جو نالو سيد غلام حيدر شاهه هو جنهن اتر سنڌ ۾ وڏو ڌاڪو ڄمايو ۽ سندس ڪيترائي مريد ۽ عقيدت مند بڻيا. انهن منجهان روهڙي شهر جي ديهه سعيد آباد جا باغائي ڀٽا به هُئا ــ سائين غلام حيدر جي وفات بعد سائين شير انهي مريدي خادمي جي سلسلي کي زور شور سان وڌايو سائين شير تاريخ 12 شعبان 1362هه مطابق 14 اگسٽ 1943ع تي وفات ڪئي. سندس مزار درگاهه شاهه لطيف ڀٽائي جي احاطي ۾ آهي جنهن تي لڳل ڪتبو صفحي نمبر 44 تي ڏنو ويو آهي.

سائين شير محمد کي ٽي فرزند ٿيا وڏو سائين محمد جوڙيو ٻيو قادر جوڙيو ۽ ٽيون ولي محمد عرف ولڻ سائين. قادر جوڙيو هڪ نريو هو ۽ ننڍي هوندي وفات ڪري ويو جڏهن ته ولڻ سائين جيڪو وڏو پهلوان هو 22 سالن جي ڄوهه وهيءَ ۾ وفات ڪري ويو. سائين محمد جوڙئي 20 سيپٽمبر 1975ع تي وفات ڪئي، سندس مزار تي هي ڪتبو لڳل آهي:

<u>ڪتبو:</u> بسم الله الرحمن الرحيم

يا الله　　يا محمد

يا علي　　يا فاطمه

يا حسن　　يا حسين

يا محمد　　يا عَلي

**سيد محمد بخش مرحوم عرف سيد محمد جُڙيل شاهه**

ولد سيد شير محمد شاهه ڀٽائي

سائين محمد جڙيل کي به فرزند ٿيا وڏو سائين غلام حيدر جيڪو 1930ع ۾ ڄايو ۽ 2005ع ۾ وفات ڪري ويو ٻيون سائين مٺل جيڪو 1936ع ۾ ڄايو ۽ 2009ع ۾ وفات ڪري ويو. سائين غلام حيدر کي هڪ فرزند ٿيو سائين شير ثاني عرف ڏاڏا سائين جيڪو 1955ع ۾ ڄايو ۽ 2009ع ۾ وفات ڪري ويو. سائين مٺل کي چار فرنز ٿيا، مشتاق علي شاهه، فيض عباس شاهه، شمن سائين ۽ ارشاد علي شاهه جن مان مشتاق علي شاهه سن 1980ع ۾ وفات ڪري ويو. فيض عباس شاهه کي هڪ فرزند آهي محمد جوڙيو ثاني، شمن سائين کي ٽي فرزند آهن ولڻ سائين، علي عباس شاهه ۽ مٺل سائين جڏهن ته ارشاد علي شاهه کي هڪ فرزند آهي غلام حيدر شاهه ٽيون.

هي انهن ڏينهن جو قصو آهي جڏهن اجان مائي بيگم فقيرياڻيءَ باقاعده راڳ ويراڳ اختيار نہ ڪيو هو. البت مائي غلام فاطمہ لعل جي سندس خاندان سان تعلق ۾ ان جي شخصيت ۾ شاعريءَ سندس دماغ تي پنهنجا اثر ڇڏيا هئا، ٻي پاسي سندس والد هارون فقير جو درگاهہ حضرت هنباهہ جو طالب ۾ صوفي راڳي ٿيڻ ڪري، مائي بيگم فقيرياڻي فقراهي راڳ ۾ صوفيانہ شاعريءَ ڪان واقف ٿي چُڪي هئي جو خود پاڻ بہ پنهنجي والد هارون فقير سان گڏ ننڍڙي هوندي ڪافين ڪلام جهونگاريندي هُئي جي هُنَ پنهنجي والد هارون فقير ڪان سکيا هئا. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شادي بہ ننڍي عُمر ۾ ٿي وئي. گهڻي عرصي ڪان پوءِ هيڏانهن ڪيس هڪ پُٽ جي ڄمڻ سان هڪ طرف گهڻي خوشي محسوس ٿي تہ سُتت ئي سندس هڏ ڏوکي والد هارون فقير جي وفات ڪيس ڏکوئيل ٻڻائي ڇڏيو. انهن ئي ڏينهن جو ذڪر ڪندي سندس فرزند درگاهي ميراڻي لکيو آهي تہ "جڏهن آءٌ ناچيز امڙ بيگم فقيرياڻي ڪي سڪي سڪي ۾ پيرن ڪان پني ڄميو هوس تہ اَسُر ويل پنهنجي ٻيڙيءَ جي آڳل تي ويهي نبي ڪريم ﷺ جي ساراهہ ۾ مولود آلاپيندي هُئي (19) تن ڏينهن ۾ مائي بيگم فقيرياڻي روهڙي شهر ۾ ستين جي آستان لڳ ميربحرن جي مياڻيءَ ۾ پنهنجي ساهُرن وٽ رهندي هُئي جيئن تہ سندس آواز سُٺو هو شروع شروع ۾ پنهنجن مٽن مائٽن جي شادي مُرادين ۾ سهرا ۽ لاڏا چوندي هُئي ـ سندس آواز ايترو تہ اثر ڪندڙ هو جو ڪيس تر جي هر شاديءَ ۾ ٻي خوشيءَ جي موقعي تي سهرن چوڻ لاءِ باقاعده مدعو ڪيو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ روهڙيءَ ۾ سندن مياڻيءَ جي سامهون رهندڙ وڏيرن باغائي پُٽن جي ڪنهن شاديءَ جي موقعي تي پِٽائي پيرُ سائين شير آيل هو جيڪو وڏيرن پُٽن◈ جو مُرشد هو هيڏانهن مائي

---

◈ وڏيرا باغائي پُٽا روهڙي شهر جي ديهہ سعيد آباد ۾ رهندا آهن. سندن جد امجد وڏيرو باغائي پُٽو (1912ع ـ 1843ع) پنهنجي وقت جو وڏو زميندار ۾ انگريز سرڪار جو ٺيڪيدار هو سندس انگريز عملدارن وٽ وڏو درجو هو ۽ لنگي مليل هُيس. وڏيرو باغائي پُٽو فقيري خيال وارو ماڻهو هو ۽ درگاهہ پير ڳوٺ جو مريد هو. جڏهن تہ سندس فرزند ٻچل پُٽو ۾ گُلڻ پُٽو پِٽائي پير سائين غلام حيدر (اول) جا مُريد ٿيا، جنهن بعد سائين غلام حيدر جي پُٽ سائين شير سان بہ سندن عقيدتمندي ۽ مريدي خادمي جاري رهي. انهن ڏينهن ۾ پِٽائي پير سائين شيرُ باغائي پُٽن جي وڏيري قادن پُٽي (وفات اٽڪل 1948ع) جي دعوت تي ڪنهن شادي مُراديءَ ۾ روهڙيءَ آيو هو ۽ اتي ئي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي آواز ۾ سهرا ۽ لاڏا ٻُڌا هُئائين. ←

بيگم فقيرياڻي بہ انهيءَ ڪاج ۾ سهرا ۽ لاڏا چوڻ لاءِ ڪونايل هُئي. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو آواز ۽ آلاپ جڏهن ”سائين شير“ ٻڌو تہ چيائين ”اها ڇوڪري جيڪا سهرا ٿي چوي ڪٿي آ“. پوءِ مائي بيگم جڏهن سائين شير جي اڳيان آئي تہ سائين شير کيس سهرو چوڻ لاءِ چيو: مائي بيگم سائين شير اڳيان جيڪو سهرو چيو اُنَ جا ٻول هي هُئا: ”دل آهي الائي ڪنهن لُٽي آ، پرين رمزن واري راز سان “. (20)

پٽائي پيرُ سائين شيرُ مائي بيگم جي آواز کان ڏاڍو مُتاثر ٿيو ۽ انعام ۾ کيس هڪ روپيو ڏنائين ۽ چيائين تہ ”هي روپيو رکي ڇڏ جيتري حياتي اٿئي.“ پٽائي پيرَ سائين شير جي همت افزائي ۽ دُعا مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي وڏيڪ حوصلو عطا ڪيو هينئر سندس آواز روهڙي ۾ ميربحرن ۾ مياڻيءَ مان نڪري آسپاس جي شادين مُرادين ۾ سهرن ۽ لاڏن جي صورت ۾ پهچي چُڪو هو. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي والد هارون فقير کي تہ فقيري ۽ راڳ جي رمز ملي چُڪي هُئي، پر سندس ٻيا مٽ مائٽ خاص طور تي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جا ڏير ۽ سؤٽ ۽ سڄو ساهراڻو گهر هڪ طرف اڻ پڙهيل هئا تہ ٻي طرف ڏنگا پڻ. جن کي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي روپَ ۾ سندن خاندان جي ڪنهن عورت جو راڳُ طرف ايڏو رجحان پسند نہ آيو ۽ هو مٿس سخت ڪاوڙجي پيا. هي اهو وقت هو جو مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو والد هارون فقير ۽ سڳو چاچو ۽ سهرو گُل ميربحر وفات ڪري چُڪا هئا، باقي سندس پوڙهي ماءُ موليڏني ۽ هڪ ڀاءُ محمد هاشم رضا ڳوٺ ۾ رهندا هئا ـ مائي بيگم پنهنجن مٽن مائٽن جي سخت رويي کان ڏاڍو

← سخي باغائي پُٽ‌و جي اولاد سندس ۾ پڙ پوٽو مرحوم غلام شبير ولد ڪريم بخش پُٽو راقم الحروف جو مهربان دوست هو ـ وڏي مٽيا وارو ماڻهو هو. فقيري خيال وارو ۽ سماجي سرگرمين ۾ بہ حصو وٺندو هو. پاڻ درگاهہ پٽ شاهہ جي سائين غلام حيدر ولد سائين محمد جوڙئي جو طالب هو. جنهن ڪري اڪثر سندس اوطاق کي راڳ جون رهاڻيون ٿينديون هيون. مرحوم غلام شبير پُٽو، مرحوم غلام صديق قادري (وفات 2007ع) جو بہ وڏو نيازمند هو. مرحوم غلام صديق قادري سن 2004ع ۾ جڏهن راقم الحروف، ان جي ڀاءُ اظهر درگاهي ۽ ستن ٻين شهر وارن سڄڻن سان عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ ويو تہ انهيءَ با برڪت سفر ۾ اسان سان وڏيرو غلام شبير پُٽو بہ ساڻ هو. غلام شبير پُٽو جلد بيمار ٿي پيو ۽ تاريخ 19 نومبر 2006ع تي وفات ڪري ويو. کيس ٽي فرزند آهن ذوالفقار علي، جنسار علي ۽ محمد بچل، جڏهن تہ کيس ست ڀائر آهن جن مان جواد حسن پُٽو سندس جاءِ تي سندس دونهين دُکايون ويٺو آهي ۽ سندس هر پير فقير تي ۽ شهردار تي ساڳي نظر آهي.

پريشان ٿي وئي. سندس گهر وارو ”واحد بخش“ هڪ سادو سودو ۽ ابوجهه شخص هو جيڪو پنهنجن پائرن جي اعتراض ۽ ارڏائيءَ اڳيان نه اچي سگهيو ۽ پرندڙ باهه ۾ پنهنجي گهر واريءَ جو دفاع نه ڪري سگهيو ۽ بلڪل غير جانبدار ٿي ويو. اهڙي صورتحال ۾ مائي بيگم جي اڪيلي پاءُ محمد هاشم سان پڻ پنهنجن سوٽن ۽ مائي بيگم جي ڏيرن جي سخت اٽيٽت ٿي پئي. آخر مائي بيگم کي پنهنجي ڏيرن سال کن جي جاڀل پُٽ ”درگاهه ڏني“ سميت سندس پوڙهي ماءُ مائي موليڏني ۽ پاءُ محمد هاشم ڏانهن رضا ڳوٺ اُماڻي ڇڏيو (21). محمد هاشم پنهنجي پوڙهي ماءُ موليڏني سان پنهنجي والد هارون فقير جي پُراڻي بتيلي سان بابي مرحوم جي ٺئي پتڻ کي سنپاليو پيٽ گذر پئي ڪيو. محمد هاشم جي بابي واري ٻيڙي گهڻي پُراڻي ۽ ڪمزور هئي جنهن سبب هو گهڻي مالَ ۽ ڍور ڍڳن جو پتڻ نه پئي ڪري سگهيو. مٿان سندس پيڻ ۽ ننڍڙو ڀاڻيجو وٽس رهڻ لڳا. اهڙن ڏينهن ۾ ڪجهه عرصو هو سانگين ۾ اچي رهيا. آخر مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو گهر وارو واحد بخش به پنهنجي پائرن جي رويي کان مايوس ٿي، اُنهن سان تڪرار ڪري پنهنجو ارڪو ترڪو ۽ بتيلو ڇڏي پنهنجي گهر واري ۽ ننڍڙي پُٽ سان اچي سانگين ۾ رهيو. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو وڏو پاءُ محمد هاشم اهڙين حالتن ۾ سخت ذهني دٻاءَ جي ور چڙهي ويو ۽ ڪجهه عرصو ته ذهني مريض به ٿي ويو ۽ چرين جيان ڪهاڙي ڪلهي تي رکي ساري ساري رات درياهه ۾ بيٺو هوندو هو اهڙين ڏکين ۽ مشڪل حالتن مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي پوڙهي ماءُ، مسڪين پاءُ، ان جي ٻچن ۽ پنهنجي پُٽ سميت سارو اٿالو سنڀالڻو پيو (22).

مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي خبر هُئي ته سندس راڳ ويراڳ تي سندس ڏير ۽ ٻيا مٽ مائٽ سخت ڪاوڙيل آهن، اهڙي ئي هڪ سال جڏهن شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي ساليانې ميڙي تي ڀٽ شاهه وئي ته اُتي ڀٽائي پير ”سائين شير“ کي حقيقت حال کان آگاهه ڪيائين. سائين شير کي پنهنجي مجبوري ٻڌايائين ۽ ڪيس پنهنجي ڏيرن ۽ مٽن مائٽن ڏانهن روهڙيءَ ميربحرن جي مياڻيءَ ۾ وٺي آئي، جِتي ڪنهن زماني ۾ سائين شيرَ سندس سهرن ڳائڻ تي روپيو ڏئي ويو هوس.

سائين شير روهڙيءَ اچي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي مٿن مائٽن کي هدايت ڪئي ته ”بابا هي ڪو غلط ڳائڻ ناهي. هي ته فقيري رنگ آهي، ڇڏيوس ته لطيف سائين ۽ ٻين درويشن جي حق سچ جو پيغام گهر گهر پهچائي.“ سائين شير اُتي ئي مائي بيگم جي پاءُ محمد هاشم جي ٻانهن وٺي مائي بيگم کي ڏني ۽ چيائين ته ”هن مسڪين پاءُ ۽ هن جي ٻچن جي پارت هُجئي.“ سائين شير اُهو به چيس ته ”راڳ جي عزت ۽ پنهنجي شرافت قائم رکجانءِ - راڳ ۾ پئسن جي لالچ نه ڪجانءِ، ڪنهن سان به ڳائڻ جا پئسا مقرر نه ڪجانءِ. پنهنجي زندگي فقير ٿي گذارجانءِ.“ (23)

اهڙي طرح مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي راڳ ويراڳ جي باقاعده اجازت پڻ ٿائي پير سائين شير جي ساڳ سان حاصل ٿي جو مائي بيگم جي ڏيرن ۽ مٿن مائٽن ۽ وارثن ڪٽي ماٺ ڪئي. مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ ايترو به ٻڌايو آهي ته سائين شير سندس مائٽن کي اهو به چيو ته ”ابا جيڪو مائي بيگم کي راڳ کان منع ڪندو ان جي قيامت نه ٿيندي.“ (يعني قيامت سُٺي نه ٿيندي) (24).

مائي بيگم فقيرياڻيءَ به سڄي عُمر صدق دل سان سائين شير جي مٿي بيان ڪيل اصولن، هدايتن ۽ تلقين تي عمل پيرا رهي. اهڙي ئي حوالي سان هڪ انٽرويو ۾ مائي بيگم فقيرياڻي جا اُهي قيمتي لفظ هِتي لکجن ٿا، جنهن ۾ پاڻ چيائون ته ”راڳ لاءِ پرهيز ضروري آهي ڇو ته هي حق سچ جي ٻولي آ. مَلهه هُجي يا راڳي نخري بازي ڪندو ته نه هن جو راڳُ هلندو ۽ نه مَلهه“. مائي بيگم وڌيڪ چيو ته ”هي پاڪ ڪمُ آهي، باقي ماڻهو شينهن خيال هُجي، مونکي ته مرشد لطيف جي هيءَ سُوءَ ڪارو ويس مليل هو تنهن ڪري هر ماڻهوءَ مونکي مائي بيگم يا مائي بيگم فقيرياڻيءَ ڪري پُڪاريو.“ (25)

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو درگاهه پٽ شاهه سان نهايت گهرو تعلق جُڙي ويو جو سائين شير جي وفات بعد سندس فرزند سائين محمد جوڙيل شاهه سان به ساڻس نهايت عقيدتمندي ۽ نياز مندي رهي، پاڻ سندس حاضريءَ ۾ درگاهه پٽ

شاھ تي ھر سال ٻيرا ڪندي ھُئي خاص ڪري شاھ لطيف جي سالياني ميڙي تي تہ پورا 15 ڏينھن اچي رھندي ھُئي. ڀٽائي پيرن ۾ سائين محمد جوڙيل شاھ جي حويليءَ توڙي اوطاق تي مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي وڏي عزت ۽ احترامَ سان ڏنو ويندو ھو جو سندس رھڻ لاءِ ڪيس الڳ "ڪافي ڏني ويندي ھُئي جِتي پاڻ پنھنجي ساٿي فنڪارن، مٽن مائٽن ۽ پاڙيسرين سان بہ اچي رھندي ھُئي، اُتي مائي بيگم جي سموري ٽولي ۽ پاتين لاءِ سائين محمد جڙئي جي حويليءَ مان ڪشادو ننگر ايندو ھو. مائي بيگم فقيرياڻي جي اھڙي عقيدتمنديءَ جو سلسلو سائين محمد جوڙيل شاھ جي فرزندن ۽ سائين شير جي پوٽن سائين غلام حيدر ۽ سائين مٺل جي زندگيءَ ۾ بہ جاري رھيو. سائين غلام حيدر ۽ سائين مٺل تہ مائي بيگم سان ملڻ روھڙي شھر ۾ سندس اوطاق تي بہ ايندا رھندا ھُئا. مائي بيگم فقيرياڻي ھڪ سھرو ٺاھيو جنھن ۾ ھن سائين محمد جوڙيل جو ذڪر ڪيو آھي.

آٽي ڏي مساڳ الا، محمد جوڙئي جو جي باغَ جو.

**ڪاري ويسَ جي ڪھاڻي**

سنڌ ۾ "ڪارو ويس" جِتي ماتمي لباس طور سجاتو ويندو آھي اُتي ھن ويس کي "لطيفي ويس" بہ چيو ويندو آھي جو شاھ لطيف ۽ درگاھ ڀٽ شاھ سان عقيدتمندي ۽ تعلق رکندر طالب ۽ فقير "ڪارو ويس" پائيندا آھن. مائي بيگم فقيرياڻي بہ سموري زندگي ڪاري ويس ۾ گذاريو ۽ ٻي ڪنھن رنگ جو لباس نہ پاتو. ڇو تہ پاڻ امامن سڳورن جي وڏي عقيدتمند ھُئي ۽ ڪاري ويسَ کي امامن پاڪن جي سُوءَ سمجھي ٻارھن مھينا پائيندي ھُئي. ان حوالي سان مائي بيگم فقيرياڻي خود پنھنجي ھڪ انٽرويو ۾ ڪاري ويس پائڻ جي اُھا ڪھاڻي بہ ٻُڌائي آھي تہ ھن ڪارو ويس باقاعدہ ڪڏھن ۽ ڪيئن پاتو مائي بيگم فقيرياڻيءَ ٻُڌايو تہ سائين شيرَ کي ٻہ فرزند ھُئا. وڏو سائين محمد جوڙيو ۽ ننڍو ولي محمد عرف ولڻ

سائين⊙. ولڻ سائين هڪ خوبرو نوجوان هو ۽ وڏو طاقتور پهلوان پڻ، پر افسوس جو سائين شير جو اهو پهلوان نينگر صرف 22 سالن جي ڦوهه جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو سو به ان تاريخ تي جنهن تاريخ تي سندس شادي ٿيڻي هُئي. اهڙي دُکدائڪ سانحي تي سائين محمد جوڙئي کي وڏو صدمو رسيو جنهن سندس سُوءِ ۾ ڪارو ويسُ پائي ڇڏيو ته سمورن طالبن ۽ فقيرن به ڪارو ويس پائي ڇڏيو. مائي بيگم وڏيڪَ ٻڌايو هو ته اهڙي ڏکوئيندڙ ۽ سوگوار ماحول اندر حويليءَ ۾ وڃون ته سيئي سادات سُوءِ ۾ هجن ۽ اسانکي جڻ حياءُ ٿي اچو لٽو پائڻ جو يا مُساڳ لائڻ جو يا ڦٽي ڏيڻ جو"، مائي بيگم فقيرياڻي اڳتي اهو به ٻڌايو ته سائين محمد جوڙئي پورا 14 سالَ، ولڻ سائينءَ جي سُوءَ ڪئي. پر پاڻَ سڄي عُمر انهيءَ کي امامن سڳورن جي سوءَ سمجهي ڪاري ويسَ ۾ گذاري. هونءَ به مائي بيگم فقيرياڻي سڄي زندگي نه ڳهه ڳنو پاتو نه ڪا دهري نه ڪا ٻانهين نه ڪا ڪڙي بس اهو ڪارو ويسُ ۽ ڪننو ڳچيءَ ۾." (26)

مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي پٽ شاهه جي درگاهه توڙي سائين محمد جوڙئي سان بيحد نيازمندي ۽ عقيدتمندي هُئي، تنهن ڪري سائين ولي محمد عرف ولڻ سائين جي جوانيءَ ۾ اوچتو وفات سبب ڪيس ايترو صدمو رسيو جو مائي بيگم انهيءَ سانحي تي پنهنجو هڪ ڪلام به چيو:

جُدا ٿيو جاني آ، ولڻ ريءَ ويراني آ

---

| ڪتبو: |
|---|
| وصال |
| مرحوم مغفور پهلوان **ولي محمد شاهه مولائي** |
| ولد مرحوم مغفور جناب پير سيد شير محمد شاهه پٽائي |
| بتاريخ 14 جمادي الآخر رات اربع |
| 8 بجه 25 منٽ عُمر 22 وره 18 دن 1366هه |

⊙ سائين ولڻ، پٽائي پير سائين شير جو ننڍو ۽ خوبرو فرزند هو. وڏو پهلوان هو ۽ طاقت ۽ زور آوريءَ ۾ سمورن پهلوانن کي مات ڏئي ڇڏي هئائين. هو پنهنجي والد بزرگوار سائين شير سان روهڙيءَ به ايندو هو ۽ هڪ روايت موجب روهڙيءَ ۾ باغائي پُٽن جي پرسان هڪ ٽڪر جي مٿن جي جهنب هٿ سان ڪٽي اُڇلائي هُئائين. چون ٿا ته هڪ ڏينهن شاهه عبداللطيف پٽائي جي روضي ۾ وڃي پاڻ کي بَدُعا ڏنائين ته سخت بيمار ٿي پيو جو ڪيس اوچتو ماتا جي بيماري ٿي پئي. جيئن ته پاڻ پٽائي پيرن جو ڳڀرو نوجوان هو سندس بيماريءَ جي ڳڻتيءَ ۽ سندس صحتياب ٿيڻ لاءِ مريدن ۽ مريدياڻين درگاهه شاهه پٽائيءَ تي اچي دعائون گهريون پر قدرت الله جي ولڻ سائين جهڙو خوبرو نوجوان پهلوان صرف 22 سالن جي عُمر ۾ تاريخ 14 جماد الآخر 1366هه مُطابق 5 مئي 1945ع تي وفات ڪري ويو. ولڻ سائين جي مزار درگاهه پٽ شاهه جي احاطي ۾ آهي جِتي، مٿيون ڪتبو لڳل آهي! (راوي: شمن سائين ولد مٺل سائين)

نہ صرف ايترو پر مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجن ڪيترن ئي ڪلامن ۾ ولڻ سائين کي ياد ڪندي سندس نالو ڪڻندي هُئي.

**درگاهہ حضرت هنباهہ جو فيضُ**

بيگم جا سائين!، ڪر ڪا پلائي
مُرشد منهنجا هوت هنباهي

مائي غلام فاطمہ لعل ۾ پٽائي پير سائين شير جي دُعا ڪانپوءِ مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي درگاهہ حضرت هنباهہ تان بہ گهڻو فيض حاصل ٿيو. نہ صرف ايترو پر درگاهہ پٽ شاهہ سان گڏوگڏ درگاهہ هنباهہ سان بہ سندس اهڙو تعلق جُڙي ويو جو پاڻ ”لطيف جي فقيرياڻي“ سڏجڻ سان گڏ درگاهہ حضرت هنباهہ جي اهم فقيرياڻي ۾ ويراڳي طور سڃاپجڻ لڳي. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي خاندان جو درگاهہ هنباهہ سان تعلق تہ مائي بيگم جي ولادت کان اڳ ئي قائم ٿي چُڪو هو. جو سندس والد هارون فقير درگاهہ هنباهہ جي بزرگ داتا بگن شاهہ اول جو طالب هو ۽ مائي بيگم فقيرياڻي جي ولادت وقت داتا بگن شاهہ وڏي ائين بہ چيو هو تہ ”هيءَ نينگري هڪ مرد فقير آهي.“ مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي والد هارون فقير جي وفات ڪانپوءِ پاڻ بہ درگاهہ هنباهہ جي گادي ڌڻي داتا ولايت شاهہ جي طالب ٿي اهڙي طرح درگاهہ هنباهہ سان مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي خاندان جي نہ صرف عقيدتمندي جو سلسلو جاري رهيو بلڪ اهڙي گهري تعلق جِتي مائي بيگم فقيرياڻي جي فقيري سلسلي ۾ ويراڳ کي جلا بخشي، اُتي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي پرسوز آواز جي ذريعي درگاهہ هنباهہ جي صوفي بزرگ شاعرن داتا فيض درياهہ ۽ داتا ولايت شاهہ جو رندي ۽ مجازي ڪلام سنڌ جي جهر جهنگ ۾ ڦهلجي ويو.

مائي بيگم فقيرياڻي ننڍي هوندي کان ئي درگاهہ حضرت هنباهہ تي ويندڙ هُئي مائي بيگم فقيرياڻي جي جڏهن شادي ٿي تہ پوءِ بہ سندس اچڻ وڃڻ درگاهہ هنباهہ تي جاري رهيو جو سندس هڪ فرزند درگاهي ميراڻيءَ جو جنم بہ هنباهہ ۾ ئي مرشدن جي حويلي ۾ ٿيو هو. اڳتي هلي سن 45 ـ 1944ع ۾ مائي

بيگم فقيرياڻي سانگين کان لڏي روهڙي شهر ۾ اچي رهي ۽ درياهي زندگي ترڪ ڪري پنهنجي پوڙهي ماءُ موليڏني، پياءُ محمد هاشم، اڪيلي پُٽ درگاهي ۽ گهر واري واحد بخش سميت مسواڙ تي جاءِ وٺي رهڻ لڳي. هي اهو دور هو جڏهن مائي بيگم فقيرياڻي باقاعده راڳ ويراڳ شروع ڪيو هو ۽ ساڳي ئي سال جڻن درگاهه هنباهه تي داتا فيض درياهه جي ميڙي تي وئي ته اُتي گادي نشين داتا ولايت شاهه جي طالب ٿي ـ مائي بيگم فقيرياڻي کي درگاهه پٽ شاهه تان حسيني ۽ لطيفي ڪارو ويس ته اڳ ئي مِلي چُڪو هو "داتا ولايت شاهه کيس گيڙو ويسُ به ڏنو جيڪو چُمي ڪري هُنَ اکين تي رکيو ۽ سيني ۾ سمايو.

مائي بيگم فقيرياڻي درگاهه هنباهه تي پنهنجي پهرين محفل ئي اهڙي ڪئي جو ماڻهو دنگ رهجي ويا. هيئنئر داتا فيض درياهه ۽ داتا ولايت شآهه جي ڪلام کي هڪ نئون آواز ملي ويو ـ مائي بيگم فقيرياڻي اهو ڪلام سڄي عُمر وڏي عقيدت ۽ اُڪيرَ سان ڳايو ۽ ان کي سنڌ جي جهر جهنگ ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ ان ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو تعلق داتا ولايت شاهه سان اهڙو جُڙي ويو جهڙو پڳت ڪنوار رام جو پنهنجي مُرشد سترامداس سان. مائي بيگم فقيرياڻي سچ پچ درگاهه هنباهه جي سڄي عُمر تمام گهڻي عقيدتمند رهي پاڻ ته ٻڌي ٻانهي رهي پر پنهنجي اولاد ۽ پوري عيال سميت درگاهه هنباهه جون حاضريون ڏينديو رهي، داتا ولايت شاهه جو به مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت توڙي راڳ سان وڏو رازُ هو. مائي بيگم فقيرياڻي به داتا ولايت شاهه جي شخصيت توڙي شاعريءَ کان گهڻو مُتاثر هُئي. ٻي پاسي درگاهه هنباهه صوفياڻي راڳ جو به وڏو مرڪزُ هُو جِتي ائئي پهرَ راڳُ ويراڳُ هلندو هو ۽ وڏا راڳي ايندا هُئا ـ خود داتا ولايت شاهه پاڻ به راڳَ جو وڏو چاڻو ۽ عاشق هو. مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي به راڳ ويراڳ جون رمزون پنهنجي والد هارون فقير ڪانپوءِ مرشد داتا ولايت شاهه وٽان مليون. هيئنئر پاڻ شاهه لطيف، مائي غلام فاطمه لعل، داتا فيض درياهه ۽ ٻين صوفي شاعرن سان گڏوگڏ داتا ولايت شاهه جو به گهڻي کان گهڻو ڪلام پنهنجن محفلن ۾ ڳائيندي رهي. نه صرف ايترو بلڪ ڪجهه ڪلامن جون ڏُنون به هُنَ داتا ولايت شاهه کان ٻُڌندي سکي ورتيون، ان لحاظ کان

داتا ولايت شاهہ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو مرشد سان گڏوگڏ صوفياڻي راڳ ۾ استاد بہ هو. مائي بيگم فقيرياڻي جِتي بين بزرگن جو ڪلام ڳائي مقبول بڻايو اُتي هن، داتا ولايت شاهہ جو ڪلام پڻ سڄي سنڌ ۾ نہ صرف مشهور ڪيو بلڪ اُنَ کي ميڊيا تي رڪارڊ پڻ ڪرايو.

1. حُسن سردار ڪيا سينگار ٿيا گلزار گلزار
2. حال ٻڌايان ڪنهنکي عشق جي آزار جو
3. پنهنجي پنهل کي پرچايان
4. وجان ٿو يار جي در تي گدا گرٿي ڪٽي قسمت وغيره.

داتا ولايت شاهہ مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي تمام گهڻي عزت ۽ شفقت سان ڏسندو هو ۽ مائي بيگم فقيرياڻي ڪائنس گهڻو فيض حاصل ڪيو. داتا ولايت شاهہ سير سفر دوران مائي بيگم جي گهر روهڙيءَ بہ ايندو هو. جِتي مائي بيگم سندس عقيدت ۽ احترامَ ۾ هر وقت ٻانهون جوڙي رکندي هُئي.

داتا ولايت شاهہ هر سال نائين محرم جي رات ۽ بيدل سائين جي ساليانی عرس تي روهڙي ايندو هو تہ مائي بيگم فقيرياڻي سندس عقيدت ۾ اُتي موجود رهندي هُئي.

جڏهن 1971ع ۾ هندستان پاڪستان جي جنگ لڳي هُئي تہ روهڙي شهرُ هندستاني جنگي جهازن جي خاص نشاني تي هو جو ريلوي اسٽيشن روهڙي ۽ لئنسڊائون پُل تي روزانو بمباري ٿيندي هُئي، اهڙي صورتحال ۾ روهڙي شهر جا اڪثر شهري لڏي ٻين شهرن هليا ويا هئا، مائي بيگم فقيرياڻي اهڙي صورتحال ۾ پنهنجن ويهن ڪان بہ وڌيڪَ گهر ڀاتين ۽ عيال سان درگاهہ هنباهہ وڃي رهي هُئي. داتا ولايت شاهہ سندس سموري عيال کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. درگاهہ جون ڪافيون سندن حوالي ڪري ڇڏيون ۽ پورا پنڌرنهن ڏينهن مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي عيال جي سارَ سنڀالَ لڌي. راقم الحروف بہ انهيءَ عيال ۾ شامل هو جنهن جي ان وقت عُمر 8 سالَ هُئي.

داتا ولايت شاهہ جي وفات (1982ع) ڪان پوءِ سندس فرزند ۽ گادي نشين داتا بگن شاهہ ثانيءَ جي بہ مائي بيگم فقيرياڻيءَ تمام گهڻي عقيدت مند ۽ نياز

مند رهي، جيئن تہ داتا بگن شاھہ سندس مرشد داتا ولايت شاھہ جو پيارو ۽ اڪيلو فرزند هو مائي بيگم فقيرياڻي ڪيس ساڳي صورت سمجهيو نہ صرف ايترو بلڪ اڪثر ڪلامن ۾ هو عقيدت وچان داتا بگن شاھہ جو نالو بہ کڻندي هُئي.

مثال طور جڏهن مائي غلام فاطمہ لعل جو ڪلام ”ڪير ڪشالا ڳري تنهنجي محبت وڏو آ مامري“ ڳائيندي هُئي تہ داتا بگن شاھہ کي ياد ڪندي ائين بہ چوندي هئي تہ:

تنهنجي مُحبت وڏو ”بگن“ مامري، نہ تہ ڪير ڪشالا ڳري

مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ ڪافي جاين تي ”درگاھہ هنباھہ“ سان ۽ خاص ڪري ان جي بزرگن داتا فيض درياھہ، داتا ولايت شآھہ ۽ داتا بگن شاھہ سان تمام گهڻي عقيدت منديءَ جو اظهار ڪيو آهي، سندس هڪ ڪافي تہ اهڙي آهي، جنهن ۾ مائي بيگم فقيرياڻي درگاھہ هنباھہ جي سمورن بزرگن ۽ گادي نشينن جو ذڪر نالو ڪٺي ڪيو آهي، جيڪا هن طرح آهي:

تنهنجا مونتي لک لک ٿورا آ هلي سردار
مُرشد هوت هنباهي

ٻيڙيءَ جا تو ٻيڙا تاريا، ٻيڙيءَ ڪئي پُڪار
آۓ اوهانجي ساڳي ٻيڙي، سيد لهہ ڪا سار

جان محمد جاڳ هنباهي، فيض جا درياھہ
تاج محمد تجلي وارا تار منجان اچي تار

اتر وارا پيرَ هليا نيليءَ جا هسوارَ
بگن مون سان ڪر ڪا ڀلائي ڪامِلَ ڪلنگي دارَ

بيگم جا تون پير هلي آ، جانب جلويدار
شاھہ ولايت شاهنشاھہ تون، مرضيءَ جا مختيار

مطلب تہ مائي بيگم فقيرياڻي سموري عُمر درگاهہ حضرت هنباهہ جي خاص طالب ۽ عقيدت مند رهي جنهن هن درگاهہ خاص طور تي داتا ولايت شاهہ کان تمام گهڻو فيضُ حاصل ڪيو.

### صوفياڻو راڳُ ۽ ان جو اثرُ

سنڌي راڳ جو سنڌ جي ثقافت ۽ صوفيانہ فڪر ۽ تحريڪ تي وڏو اثر رهيو آهي سنڌ جا صوفي راڳي ۽ صوفي شاعر تصوف جي وحدت الوجودي فڪر جي اثر هيٺ عالمي وحدت، انساني ايڪتا ۽ پيار محبت جو پيغام وڏي واڪي پهچائيندا رهيا آهن ـ سنڌ اندر صوفي شاعرن جو ڪلام ۽ پيغام صوفي راڳين جهر جهنگ پهچائي سنڌ جي عوام کي ذات، پات، رنگ، نسل ۽ مذهبي تفرقي جي قيد مان آزاد ڪري انهن ۾ ايڪي، اتحاد ۽ وحدت قائم رکڻ جي جدوجهد پئي ڪئي اهي. اهڙا اڪثر صوفي راڳي سنڌ جي مختلف صوفيانہ فڪر جي يونيورسٽين (صوفي درگاهن) مان نروار ٿيندا رهيا آهن.

راڳ جي مورچي تي صوفي تحريڪ جي اڳواڻي ڪندڙ مائي بيگم فقيرياڻي سنڌ جي اها نرالي، يگاني ۽ شايد پهرين خاتون هُئي جنهن سنڌ جي صوفي درگاهن جي اثر هيٺ صوفي تحريڪ ۽ صوفيانہ راڳ جو عَلَمُ کڻي سماجي رواجن ۽ پابندين کي ٽوڙي سچل سائينءَ جي سِٽ "ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون مرد ٿي مردانو" جي مصداق جرئت مندانہ قدم کڻي نروار ٿي ۽ پنهنجي فن ۽ شخصيت جو ايترو تہ اثر قائم رکيو جو سنڌ جي تاريخ ۾ مرد صوفي راڳين جو حصو هڪ پاسي تہ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو حصو هڪ پاسي آهي.

صوفي فڪر ۽ صوفي راڳ جي حوالي سان مائي بيگم فقيرياڻيءَ کان اڳ ۾ ٻن ٻين عورتن مائي غلام فاطمہ لعل (وفات 1925ع) ۽ رُکي ٻائي عرف نماڻو فقير (ديهانت 1962ع) جا نالا اچن ٿا، پر صوفياڻي راڳ جي ڦهلاءَ ۽ اثر جي حوالي سان مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو حصو انهن کان ڪجهہ قدر گهڻو رهيو آهي. مائي غلام فاطمہ لعل جي تہ دُعا سان مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي اها ڏات ملي پر مائي غلام فاطمہ صوفياڻي راڳ جي مقابلي ۾ صوفيانہ شاعريءَ ۾ وڏو نالو ڪمايو ڇاڪاڻ تہ

مائي غلام فاطمہ جي راڳ جو حلقو محدود هو. پاڻ صرف پنهنجي مرشد يا انهن جي خاص مُريدن جي حاضريءَ ۾ ڳائيندي هُئي سو بہ چون ٿا تہ نقاب پائي ـ جڏهن تہ مائي بيگم فقيرياڻي زندگيءَ جا پورا 60 سال عوامي ڪلاڪاره جي حيثيت ۾ سنڌ جي جهر جهنگ ۾ سنڌ جي صوفيانہ پيغام ۽ آواز کي پهچايو. ٻي پاسي مائي رُڪي ٻائي کي وري پنهنجي مُرشد سخي قبول محمّد درازي مرداڻو نالو ”نماڻو فقير“ ڏنو جنهن پنهنجو تعلق صرف درگاهہ درازا تائين محدود رکيو سو بہ صرف فڪري حد تائين ۽ هُنَ زندگيءَ جا آخري ڏهاڙا بہ سنڌ کان ٻاهر بڙودا ۾ گذاريا ـ ان حوالي سان ”مائي بيگم فقيرياڻي“ جو حصو ان ڪري بہ گهڻو ۽ اهم رهيو جو هُنَ عورت جي ئي نالي ۽ روپ ۾ سنڌي راڳ کي ايترو تہ زور شور سان ڦهلايو جو هينئر سنڌي راڳ ۽ تصوف جي حوالي سان جيڪڏهن ڪنهن عورت جو ذڪر ڪبو تہ يقيناً هڪدم ”مائي بيگم فقيرياڻيءَ“ جو نالو ئي ذهن تي تري ايندو. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت ۽ صوفيانہ راڳ تي جيڪڏهن غورَ سان نظر وجهبي تہ ائين سمجهہ ۾ ايندو تہ هُنَ سنڌي راڳ جي ميدانَ ۾ انهيءَ ئي تحريڪ کي اڳتي وڌايو جنهن کي شهيد ڪنؤر ڀڳت چڏي ويو. هونءَ بہ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت ۽ سندس راڳ جي انگ ۽ رنگ کي ڏسبو تہ پاڻ ڀڳت ڪنؤر جو ئي جڻ ٻيو روپ هُئي. اها ئي فقيري ۽ نماڻائي، اهو ئي ڳائڻ جو سنڌي صوفياڻو ۽ اجتماعي انداز، غريبن ۽ ابوجهن لاءِ اها ئي سڪ ۽ پريت، اُهائي سخاوت، اهوئي نياز نوڙت ۽ هٿ جوڙي.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي راڳ ۽ آواز ۾ هڪ فقيري رنگُ ۽ قدرت جي ڪا ڏات شامل هُئي ۽ سندس راڳ حقيقت ۾ توحيد ۽ تصوف جو پرچار هو جنهن ۾ هڪ روحاني رمز ۽ رازُ رکيل هو. مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي صوفيانہ راڳ جي ابتدائي سُتي تہ پنهنجي والد ”هارون فقير“ کان ملي جنهن بعد ننڍپڻ ۾ ئي مائي غلام فاطمہ لعل جي شاعريءَ ۽ شخصيت کان مُتاثر ٿي. سندس والد هارون فقير، درگاهہ هنباهہ جو طالب ۽ راڳي هو. مائي بيگم فقيرياڻي پاڻ بہ انهيءَ درگاهہ جي گادي نشين داتا ولايت شاهہ جي طالب ٿي جيڪو پاڻ بہ نہ صرف برک صوفي شاعر هو پر راڳ جو بہ وڏو ڄاڻو هو ۽ پاڻ بہ ڳائيندو هو اهڙي طرح مائي بيگم

فقيرياڻيءَ جي راڳ جي اوسر ۾ درگاهہ هنباهہ جي صوفيانہ مرڪز ۽ داتا ولايت شاهہ جي شخصيت جو گهڻو اثر ۽ حصو پڻ شامل ٿيو. ٻي پاسي سن 1944ع ۾ جڏهن پاڻ روهڙي شهر ۾ رهائش پذير ٿي تہ وٽس مائي غلام فاطمہ لعل جا پوٽا ۽ ٻالڪا خاص طور تي سُليمان فقير، وريام فقير گاهياڻي، پيرو فقير ۽ نهال فقير اچي مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي سنڌُ جي صوفي بزرگن شاهہ لطيف، سچل سائين، بيدل، فيض درياهہ ۽ مائي غلام فاطمہ لعل جون ڪافيون ياد ڪرائيندا رهيا. ٻي پاسي مائي بيگم فقيرياڻي راڳ جي باقاعده آغاز ۾ لاڙڪاڻي جي ڪلاسيڪل راڳي اُستاد جان محمد ڪان ڪلاسيڪل راڳ جي بنيادي تعليم بہ حاصل ڪئي، اهڙي طرح فقراهي ۽ صوفيانہ راڳ توڙي لوڪ راڳ ۽ راڳڻين ۾ پڻ پاڻ رچي ريٽو ٿي پئي. اهو ئي سبب آهي جو جنهن دور ۾ مائي بيگم فقيرياڻي راڳ جي ابتدا ڪئي ان دور ۾ سنڌ اندر تمام وڏا راڳي جهڙوڪ جيوڻي ٻائي، جاڙو ڀڳت، ماسٽر چندر، الله ڏنو نوناري ۽ منو ڪلهوڙو وغيره موجود هئا جن جو وڏو ڏاڪو ڄمايل هو پر مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي عوامي ۽ فقراهي انداز ۽ اثر ڪري ۽ بُزرگن جي دُعائن سان ايترو اُڀري جو جلد ئي سنڌ جي مقبول صوفيانہ راڳين ۾ شُمار ٿيڻ لڳي. پاڻ پنهنجي فقيري شخصيت ۽ پُر اثر آواز سان ايترو اُڀري جو فن جي دنيا ۾ آفتاب بڻجي چمڪي. مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي ويراڳ جي سلسلي ۾ اهڙا زرين اصول مليا جيڪي ورلي ڪنهن فنڪار ۾ لڀندا! جن اُصولن تي پاڻ سڄي عُمر عمل پيرا رَهي.

◉ جنهن بہ محفل ۾ کيس دعوت مليل هوندي هُئي ان ۾ واعدي مُطابق ضرور ويندي هُئي ۽ بغير دعوت ڪاٿي بہ نہ ويندي هُئي، اُتي ڏاڍي اُڪيرَ سان ويندي هُئي جِتي کيس وڏي مانَ مرتبي ۽ عزت سان گهرايو ويندو هو.

◉ مائي بيگم فقيرياڻي هڪ عوامي فنڪاره هُئي ان ڪري سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ غريب ۽ مسڪين ماڻهو کيس آسانيءَ سان دعوت ڏئي گهرائيندا هُئا ان ڪري بہ تہ پاڻ پنهنجي هڪ اصول تحت محفل تي اچڻ جا مقرر پئسا نہ ڳالهائيندي هُئي جو چوندي هُئي تہ ”مقرر پئسا ڳالهائڻ مرشد جي جهل آهي.“ بس جيڪو منهنجو نصيب هوندو مونکي ملي ويندو.“ اهڙيءَ ريت پاڻ مهيني جون

ٽيهئي راتيون دعوتن تي  هوندي هُئي جوهر غريب غربو ڪيس پنهنجن شادين مرادين ۾ گهرائيندو هو. ايتري قدر جو عيد جي ڏهاڙي بہ پنهنجي گهر ۾ موجود نہ هوندي هُئي. ڪيس صرف محرم مهيني جا ڏهہ ڏينهن فرصت ملندي هُئي جيڪي پنهنجي ٻچن سان گذاريندي هُئي ۽ انهن ڏينهن ۾ خير خيراتيون ۽ نذر نياز ڪندي هُئي.

◉ دعوت امير جي هُجي يا غريب جي جنهن سان پهريان زبان ٿيل هوندي هُيس اتي ئي ويندي هُئي ۽ ڪنهن کي بہ دوکو نہ ڏيندي هُئي البت جيڪڏهن اوچتو مرشدن يعني پٽائي پيرن يا هنباهي بُزرگن جي چوڻ تي ڪنهن ٻي پاسي وڃڻو بہ پوندو هوس تہ اڳ واعدي ڪيل دعوت جي ميزبانن ڏانهن سندس ڳوٺ اڳواٽ اطلاع موڪليندي هُئي ۽ معذرت ڪندي هُئي تہ ”ابا مرشدن جو زور پئجي ويو آهي اوهان ٻيو ڪو بندوبست ڪيو يا مون وٽ اچي ٻي ڪا تاريخ مقرر ڪري وڃو آءُ مرشدن کي پُني نہ ٿي ڏئي سگهان“ ۽ اُهي بہ وري وٽس ٻيهر اچي مائي بيگم فقيرياڻيءَ کان ٻي تاريخ وٺي ٻيهر برادريءَ ۾ سڏ ۽ ڪانڍون ڏيندا هئا، ڪيترا تہ اڳواٽ مائي صاحبا کان تاريخ پڇي پوءِ پنهنجي شادي يا خوشيءَ جي پڏري ڪندا هئا. بهرحال پاڻ ڪوشش ڪري وعدي مُطابق مقرر تاريخ تي پهچي ويندي هُئي.

◉ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو شروع کان اهو اصول هيو تہ جنهن بہ دعوت تي ويراڳ لاءِ ويندي هُئي تہ پنهنجو ”وارث“ ضرور وٺي ويندي هُئي پهريان سڳو پاڻ، پوءِ گهر وارو ۽ آخر ڏينهن ۾ پنهنجي ننڍي پُٽ گل حسن عرف گل فقير کي ساڻ ڪٽندي هئي ۽ پاڻ سان گڏ ڳارائي ڪيس راڳن پاڳن ۾ متعارف ڪرائيندي هُئي. سندس فقيري شخصيت ۽ توحيدي راڳ جو اثر هو جو سنڌ جا ماڻهو ڪيس پنهنجي گهرن يعني نياڻين ۽ خواتين ۾ بہ ڳارائڻ سان عار نہ ڪندا هئا. سندس ڳائڻ جو انداز ئي اهڙو هو جو محفل ۾ هڪ روحاني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندي هُئي. محفل جي شروعات ۾ دعا گهري الله سائين، رسول پاڪ صہ پنجتن پاڪ ويندي پنهنجن مرشدن کي سنڀاريندي هُئي پوءِ حاضرين کي هٿ جوڙي

چوندي هُئي ”ابا مهرباني ڪري مرشد لطيف ۽ ٻين ٻُزرگن جو توحيدي ڪلام خاموشِءَ سان ۽ دل جي ڪنن سان ٻڌو.“ (27)

ڪلامن ۾ توحيدي پچار، الله تعاليٰ ۽ رسول ﷺ جو شانُ، امامن پاڪن جي مدح، قصيدا ۽ مرثيا ۽ پڻ شاهہ لطيف جو صوفياڻو ڪلام ۽ ٻين ٻُزرگن جو عارفاڻو ڪلام وڏي عشق، اُڪير ۽ رندي انداز ۾ ڳائيندي هُئي سندس راڳ سان ٻڌندڙن تي هڪ عجيب ڪيف ۽ مستي ڇانئجي ويندي هُئي ۽ ڪيترائي فقير منش سندس راڳ ۽ آواز تي وجد ۾ اچي ويندا هئا ـ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي الستي ۽ عارفاڻي آواز جو پڙلاءُ ڪنن تي پوندي ئي پري پري جي ڳوٺن جا ماڻهو ڪوهہَ پنڌَ ڪري ۽ وڏي شوقَ سان سندس محفل ۾ پهچي ويندا هئا. پاڻ جڏهن بہ ڪنهن عُرس يا ميڙي ۾ ايندي هُئي تہ سندس مداح وڏا وڏا نعرا هڻي سندس آجيان ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ان وقت ڪنهن ٻي راڳيءَ جي محفل هلندڙ بہ هوندي هُئي تہ هو مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي احترام ۾ پنهنجي محفل بند ڪري مائي صاحبا کي محفل لاءِ عرضُ ڪندو هو. (28)

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو راڳُ ڪنهن فقيري رمزَ سان رتل هو. سندس آواز ۾ ڪو عجيب اسرار هو ڪو جادو هو يا ڪو طلسم جو ماڻهو سندس راڳ ٻڌڻ سان موهجي ويندا هئا ۽ سندس راڳ تي مشتاق ۽ مفتون ٿي پوندا هئا. ڪيترائي ماڻهو باولہ ٿيا ۽ پنهنجو ذهني توازن بہ وڃائي ويٺا. سندس راڳ جو اهڙو اثر ٿيو جو ”وزير جيهو“ نالي هڪ ڏنگو ۽ رهزن شخص سندس توحيدي راڳ ٻڌي فقيراڻو جامو پائي زندگيءَ جا باقي ڏينهن فقراهي حال ۾ گذاري ڇڏيا. ”وونچ ملاح“ نالي هڪ شخص کي الائي ڪهڙي رمز لڳي جو مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي راڳ ٻُڌڻ سان پنهنجي هڪ هڪ مينهن درياهہ جي پر تي بيهاري اُنَ جي مُنڍي ڪهاڙيءَ سان ڪپيندو درياهہ ۾ لوڙهيندو ائين چوندو رهيو تہ ”وڃ ڙي مينهن مائي بيگم ڏي وڃ“ آخر ان ڳوٺ جا ماڻهو ڪيس مائي بيگم فقيرياڻيءَ ڏانهن وٺي آيا، مائي صاحبا کيس دُعا ڪئي پوءِ اهو ديوانو داناءُ بڻجي ويو. (29)

## شخصيت

مائي بيگم فقيرياڻي سراپا نياز نوڙت واري سادي سودي فقيرتن شخصيت هُئي، منجهس ڪنهن بہ قسم جي هَٺُ وڏائي يا پنهنجي راڳ ۽ آواز جي مقبوليت تي بلڪل بانور ڪو نہ هو. جيئن پاڻ پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو اٿائين تہ: ”اسان پاڻ کي پاڻ نہ پاتيو، اسان پاڻ کي فنڪار نہ پاتيو نہ ٻڌايو صرف ويراڳ ڪمايو. مان هميشہ پاڻ کي ٻانهيءَ جو ٻار سڏيو ۽ سمجهيو جي مان پنهنجو قدر ڪيان ها تہ ڪا ٻي شيءِ هُجان ها.“ (30)

مائي بيگم فقيرياڻي ظاهري توڙي باطني هڪ سچي فقيرياڻي هُئي سندس تن تي ڪارو ماتمي ۽ لطيفي ويس، ڳچيءَ ۾ فقيراڻو ڪنٺو سندس زندگيءَ جا ساٿي رهيا.

مائي بيگم فقيراڻي هڪ عوامي ويراڳي هُئي ۽ هر محفل ۾ پهچڻ تي ڪنهن بہ تڪليف جي ڪا شڪايت نہ ڪندي هُئي ۽ دل جي خوشيءَ سان سچائيءَسان ٽرين هجي تہ چا، بس هجي تہ چا، پيادل وڃڻو پوي يا ڪنهن بيل گاڏيءَ تي يا ٽانگي تي يا وارياسن دڳن ۾ وڃڻو پوي، بهرحال وعدي مُطابق وڃي پهچندي هُئي، نہ صرف ايترو سندس زندگيءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ توڙي جو آمدرفت جا گهڻا ذريعا هئا ۽ سندس همعصر سڀئي فنڪار ايڊوانس ٽيڪسيءَ جو ڪرايو وٺي ان تي سفر ڪندا هئا، اهڙي دور ۾ بہ مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي سادگي ۽ فقيري قائم دائم رکي ۽ پنهنجي شهر روهڙيءَ کان پنوعاقل، گهوٽڪي ويندي خيرپور ۽ شڪارپور تائين ٽانگي تي سفر ڪندي هُئي جنهن ڪري ڪيس ڏينهن رات سفر ڪرڻو پوندو هو ۽ آرام گهٽ ملندو هوس.

جِتي بہ ويندي هُئي ميزبانن کان کائڻ لاءِ ڪا بہ فرمائش نہ ڪندي هُئي بلڪ جيڪو بہ ننگر ۾ ملي وڃي رب جا شڪرانا ڪندي هُئي. محفل لاءِ ڪنهن بہ اسٽيج، مائيڪ يا سائونڊ جي تقاضا ڪا نہ ڪندي هُئي سندس آواز ايترو بُلند، چٽو، منو ۽ طاقتور هو جو ڪيس سائونڊ جي ضرورت ئي نہ پوندي هُئي البت جي ڪو ٻڌندڙ پنهنجي شوق لاءِ اهڙو اهتمام ڪندو هو تہ ان تي بہ خوشيءَ ۽ رضا سان

ويراڳ ڪندي هُئي. مائي بيگم فقيرياڻي اهڙن ڳوٺن ۾ هنڌن تي به وئي جتي بجلي نه هوندي هُئي اهڙي هنڌ به پاڻ گولا ۽ لالٽين ٻاري محفل ڪندي هُئي.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ متعلق سنڌ جو ناميارو راڳي استاد ماسٽر لونگ (جيڪو ڪافي سال ساڻس گڏ رهيو) جو چوڻ آهي ته مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي سڄي سنڌ ۾ هڪ بزرگ جيان عزت هُئي ۽ عام ماڻهو سندس بيحد عقيدتمند هو سڄي رات محفل ڪانپوءِ آخر ۾ سيئي ماڻهو ڪانئس اولاد لاءِ ۽ ڪنهن ٻي مشڪل مسئلي لاءِ دعائون گهرائيندا هئا (31). پاڻ پنهنجي مُرشد شاهه لطيف ۽ داتا فيض درياهه ڪي سنڀاري سيني جي خير لاءِ هٿ کڻندي هُئي ـ اهڙي دُعا ڪان پوءِ جڏهن ماڻهن جون مرادون پُوريون ٿينديون هُيون ته وٽس گهر روهڙيءَ سڪائون کڻي ايندا هئا ـ سنڌ جي عام ڳوٺن ۾ ڀهراڙيءَ ۾ دعوت ڪان پوءِ جڏهن انهن ڪان موڪلائيندي هُئي ته هو مائي صاحبا ڪي مٿي تي پوتيون پارائيندا هئا يعني سيئي ماڻهو ڪيس پنهنجي امڙ پيرڻ ۽ نياڻي تصور ڪندا هُئا. اهڙي طرح اڄ به سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو احترام ۽ ادب ڪندڙ سندس ڪو نه ڪوپاءُ، ڪانه ڪا پيرڻ ۽ ڌيءَ موجود آهي، جيڪي ڪيس ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن.

مائي بيگم فقيرياڻي پئسن جي بلڪل طمع ۽ لالچ نه ڪئي ۽ وڏي سخا واري خاتون هُئي. پنهنجي راڳ دوران مليل انعام يا نذرانو پهريان ته اُتي موجود پيرن، فقيرن، ضرورتمندن ۽ حاجتمندن ڪي ڏئي ڇڏيندي هُئي باقي گهر جي ياتين ۾ ورهائي ڇڏيندي هُئي ۽ چوندي هُئي ته "جيڪڏهن مون وٽ هڪ روپيو به هوندو ته مونکي ننڊ نه ايندي."

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت سندس ساٿي فنڪارن/سُنگ جي سازندن لاءِ به گهڻي ٻاجهه ۽ شفقت واري هُئي. انهن ڪي پنهنجو ٻچوءِ گهر جو ڀاتي سمجهندي هُئي ۽ انهن لاءِ به جڻ پاڻ پارس ثابت ٿي جو هو ساڻس گڏ رهڻ سبب سون ٿي پيا. انهن مان جيڪڏهن ڪو ساٿي ڪيس ڇڏي ويندو هو ته سندس حالت ابتر ٿي ويندي هُئي. آخر گهڻو شرمسار ٿي مائي بيگم فقيرياڻيءَ ڏانهن پنهنجون

نياڻيون ميڙ ڪري ايندو هو تہ مائي صاحبا ڪيس ٻيهر پنهنجي ساٿ ۾ سنگ ۾ شامل ڪري.

مائي بيگم فقيرياڻي سنڌ جي جهر جهنگ ۾ وڏي مانَ ۾ مرتبي سان ايندي ويندي هُئي. ٻهراڙيءَ جو علائقو هجي يا ڪچي وارو علائقو هر ڪو سندس وڏي عزت ڪندو هو. ڪٿي بہ ۽ ڪڏهن بہ رستي ويندي سندس سواريءَ کي ڪو بيجا روڪ ٽوڪ نہ ڪندو هو. اگر پُلَ ۾ بہ سندس سواري روڪي ويندي هُئي تہ مٿس نظر پوندي ئي ساڻس هٿ جوڙي ڪري ۽ نياز نوڙت ڪري ۽ کانئس دُعا گهرائي کيس رخصت ڪيو ويندو هو.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي هر هنڌ اهڙي ناماچاري ۽ عزت ۽ اثر ڏسي تر جا اڪثر ٻيا راڳي فنڪار ۽ فنڪاراڻون ٻاهر پاڻ کي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو پُٽُ يا ڌيءَ سڏائي فخر محسوس ڪندا هئا ۽ مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي پنهنجي امڙ چئي محفل ۾ وڏو مانُ حاصل ڪندا هُئا ـ جهر جهنگ ۾ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي نالي ڪري مالي، جاني ۽ ٻي ڪنهن خوف خطري کان بہ محفوظ رهندا هُئا.

مائي بيگم فقيرياڻي نئين ٿهيءَ جي فنڪارن جي وڏي همت افزائي ڪندي هُئي ۽ کين پنهنجو ٻچو ڪري سمجهندي هُئي، هر محفل ۾ ميڙي ۾ هو بہ سيئي سندس احترام ۾ بيٺا هوندا هئا تہ پاڻ وڏي فراغدليءَ سان سيني کي پاڻ کان اڳ ۾ ڳارائيندي هُئي ۽ ائين چوندي هُئي "ابا دل سان ڳائي پنهنجي محفل پوري ڪيو منهنجو خيال نہ ڪيو مان آخر ۾ ڳائيندس جيڪو منهنجو نصيب هوندو اهو مونکي ملي ويندو."

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت پنهنجي همعصر توڙي سينيئر فنڪارن ۽ موسيقارن لاءِ بہ گهڻي ڪشش جو باعث هُئي هو بہ سندس شخصيت ۽ آواز کان متاثر هئا ۽ سندس عوامي مقبوليت جا متعرف پڻ. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي برک عوامي فنڪاره مائي جيوڻي بہ روهڙي ساڻس ملڻ ايندي هُئي، ان کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي فنڪار ساڻس ملڻ ۽ کيس ڏسڻ روهڙي سندس گهر ۽ اوطاق تي آيا جن ۾ عابده پروين ۽ سندس والد استاد غلام حيدر، مائي ڀاڳي، استاد

امانت علي خان، استاد خورشيد علي خان، استاد ارباب خان کوسو، سينگار علي سليم، روبينا حيدري، آسيا بلوچ ۽ ٻيا شامل آهن.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ سان سندس ساٿ ۾ ڪافي سالَ رهندڙ سنڌ جي ناميارِي راڳي گلشن علي زنگيجي جو چوڻ آهي ته امڙ بيگم فقيرياڻيءَ کي ڪنهن ڄاتو ڪنهن نه ڄاتو ڪو سندس فقيري رنگ کان باخبر رهيو ڪو بي خبر. ڪنهن سندس فن جو قدر ڪيو ته ڪنهن نه ڪيو پر پاڻ هميشه سچل سائينءَ جي سٽ "مان جوئي آهيان سوئي اهيان." جي اصول تي سڄي عُمر ڪار بند رَهي ۽ هميشه راضي رَهي.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت انهن خوبين سان گڏوگڏ هڪ خوددار ۽ بيپرواهه به هُئي ۽ سڄي زندگي ڪنهن جي ڪاڻياري نه ٿي نه ڪنهنجي محتاج رَهي. پنهنجي فقيرياڻي طبيعت ۾ سدا مست ۽ مگن رَهي.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت اوڙي پاڙي وارن لاءِ به وڏي متاثر ڪندڙ رهي ۽ ڪيس سڄي شهر توڙي پاڙي ۾ وڏي عزت ۽ احترامَ سان ڏٺو ويو. سمورا پاڙي وارا ڪيس "ٻُوئا" يا امان فقيرياڻي ڪري سڏيندا هُئا.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي جتي سڄي سنڌ ۾ مانُ ۽ مرتبو حاصل رَهيو اُتي پنهنجي خاندان ۾ به گهڻي عزت ۽ احترامَ سان ڏٺو ويو. پاڻ عورت ٿي ڪري پنهنجي سموري ڪٽنب ۽ عيال جي سربراهه ۽ سرواڻ رَهي ۽ انهن جي ڪِفالت به ڪئي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت پنهنجي گهرياتين ۽ پنهنجي اولاد لاءِ ته وڏي پاٻوهه ۽ ٻاجهه ڀري هُئي. سندس وڏو فرزند ۽ ناميارو شاعر اديب درگاهي ميراڻي لکي ٿو ته: "امڙ بيگم فقيرياڻي مونکي ڇٽي ڏيهه ڏيکاريو منهنجي پالنا ۽ پرورش ڪئي ۽ تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو. مونکي گهر ترڙ وارو ڪيائين، مونکي فن ۽ فڪر جو شناسا ڪيائين، مونکي راڳ ۽ شاعريءَ سان آشنا ڪيائين پاڻ نه صرف پنهنجي پوڙهي ماءُ - پاءُ، ان جي ٻچن جو اتالو سنڀاليائين پر مونکي به پنهنجي پيرن تي بيهاري وئي ۽ پنهنجي فقيرياڻي راڳ ذريعي مٽن مائٽن، سڪ وارن، مسڪينن غريب فقير بلڪ هر حاجتمند جي مشڪل وقت ۾ مدد ڪرڻ کان ڪينَ ڪيٻاياائين.درگاهي ميراڻي وڌيڪ لکيو آهي ته: "مونکي پنهنجي امڙ

تي بجا طور تي ناز ۽ فخر آهي. بيشڪ هوءَ عظيم انسان هُئي. هن راڳ ذريعي توحيد جي پرچار ڪئي ۽ اهو ئي سندس زندگيءَ جو مقصد ۽ اصول هو.“ (32)

مائي بيگم فقيرياڻي سچ پچ پنهنجي سموري خاندان جي سُڃاڻپ رهي ۽ رهندي. پاڻ سنڌي لوڪ ۽ صوفياڻي راڳ ۽ سنڌي ثقافت جو اهم اُهڃاڻ رهي. پاڻ پنهنجي درويش شخصيت فقيري رنگ ۽ الستي آواز سبب سدا حيات رهندي.

## شاعري

مائي بيگم فقيرياڻي، صوفي درويشياڻي ۽ ويراڳيءَ سان گڏوگڏ شاعره بہ هُئي هوءَ پنهنجي خاندان جي شايد پهرين شخصيت هُئي جنهن شاعري بہ ڪئي البت سندس شاعري ٿوري ٿيل آهي ۽ گهڻي محفوظ بہ نہ رهي سگهي. چاڪاڻ تہ پاڻ اڻپڙهيل هُئي ۽ محفلن ۾ اوچتوءِ بيساختہ چيل پنهنجي ڪافين ۽ ڪلامن کي لکرائي نہ سگهي – ڪيس پنهنجون ڪجهہ ڪافيون ياد رهيون جيڪي سندس فرزند مرحوم درگاهي ميراڻي لکي ورتيون. درگاهي ميراڻي پنهنجي والده ماجده جي ڪافين متعلق لکي ٿو تہ: ”مائي بيگم فقيرياڻيءَ جون سنڌي ڪافيونساديون پر تمام گهڻيون سلوڻيون آهن. سندس ڪافين ۾ دل جي ڪيفيت جو اوچتو اظهار آهي ۽ منجهن شاعريءَ جي ڪا بہ اجائي سجائي هنرمندي يا بيجا ڏڪاءُ بلڪل ڪونهي. سندس ڪافيون فقيري رنگ سان رنگيل ۽ سندس اندر جي پُر خلوص جذبن ۽ سچي سوچ جي عڪاس آهن.“ هو وڌيڪ لکي ٿو تہ: ”مائي بيگم فقيرياڻيءَ جون ڪافيون پاڪ جذبن جهڙوڪ سڪ، قرب پيار ساڻ پُر آهن ۽ پڻ تصوف ۽ توحيد سان ٽمٽار. سندس ڪلامن ۾ پنهنجي مرشد هاديءَ جي تعريف ۽ ڪيس سڏ ڪرڻ ۽ اوکيءَ ويل ۾ مدد ڪرڻ جي التجا بہ آهي. سندس ڪافين ۾ سچ ۽ سونهن جي مضمون کي تمام سُهڻي ۽ بااثر طريقي سان نڀايو ويو آهي.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جون توڙي جو صرف 13 ڪافيون محفوظ ٿي سگهيون آهن پوءِ بہ انهن ۾ سندس شخصيت، فڪر ۽ فن جي چِٽي پروڙ پوي ٿي. مائي بيگم فقيرياڻي جيئن تہ هڪ صوفي درويشاڻي ۽ سنڌ جي اهم وحدت الوجودي صوفي داتا فيض درياهہ هنباهي جي درگاهہ جي طالب هُئي تنهن ڪري سندس ڪافين ۾ صوفياڻو رنگُ ۽ صوفياڻا موضوع ۽ وحدت الوجود جي فڪر جا اولڙا ملن ٿا بيگم فقيرياڻيءَ جي هن ڪافيءَ ۾ ساڳيو سچل سائين وارو بيدل سائين وارو ۽ فيض درياهہ وارو رنگ ۽ ڳالهہ نظر اچي ٿي جنهن ۾ مائي صاحبا وڏي ۽ عظيم صوفي ڪردار حُسين بن منصور حلاج جي ڳالهہ ڪئي آهي.

ڪاٿي هير ڪاٿي رانجهن
ڪاٿي مُرليون وڄائين ٿو
سُوليءَ تي منصور چڙهائين
اناالحق الائين ٿو.
واهہ انصاف آ عشق اوهانجو
مشتاقن کي مچائين ٿو

انهيءَ ڪافي ۾ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جِتي سچل سائين جي ڪافي "ڏسو عشق جو هي انصاف مڙئي مذهب ڪيائين معاف" کي اڳتي وڌايو آهي تہ اُتي هن اٽپڙهيل ۽ مسڪين ميربحرن جي مياڻيءَ مان ايرنڊڙ صوفي فقيرياڻي ۽ شاعره پاران برک صوفي سرواڻ منصور جي نعري "اناالحق" جي اپٽار ڪرڻ وڏي اهم ڳالهہ آهي. اصل ۾ مائي بيگم فقيرياڻي جي شخصيت تي شروع کان سنڌ جي مائناٽي شاعره مائي غلام فاطمہ لعل ۽ درگاهہ هنباهہ جي درويش شاعرن داتا فيض درياهہ ۽ داتا ولايت شاهہ جو اثر رهيو ۽ اها روش ۽ اِهو خيال کيس انهن وٽان ئي مليو. فني حوالي سان بہ ڏسو تہ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي انهيءَ ڪافيءَ جي آخري مصرع ۾ هُنَ لفظ طالب جو مطلوب سان ۽ پنهنجي نالي بيگم جو بيرنگ

سان ڏاڍو خوبصورت تڪرار قائم رکيو آهي جنهن سان هڪ طرف شعر جي معنيٰ وڌيڪ مضبوط ٿي چٽي بيهي ٿي تہ ٻي طرف شعر ۾ لفظن جي موسيقيت ۽ اثر بہ موجود آهي. هن مصرع جي هر سٽ ۾ لفظ ”ڪاٿي“ جو ورجاءُ خوبصورت آهي.

ڪاٿي طالب ڪاٿي مطلوب
ڪاٿي سڪ وڌائين ٿو
ڪاٿي بيگم ڪاٿي بيرنگ
ڪاٿي نيهن نچائين ٿو
واهہ انصاف آ عشق اوهانجو
مشتاقن کي مچائين ٿو.

مائي بيگم فقيرياڻي جيئن تہ هڪ نماڻي، سليمي ۽ نياز نوڙت واري فقيرياڻي هُئي تنهن ڪري سندس هن ڪافيءَ ۾ بہ اهڙي ئي انداز جو اظهار ڪيو اٿائين.

مون جهڙي درويش سان
ايڏو ماڻو نہ ڪجي وو يار

ايندا ايندا ڪين چڙيندا
مونکي ورتيون نال ويندا
نڏر نماڻيءَ ساڻ جو نيندا
جن کي دل تي سڌي وو يار

مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي پنهنجي شروعاتي دور ۾ تمام گهڻا ڏک ۽ ڏولاوا بہ مليا جن جو ذڪر اسان اڳ بہ ڪري آيا آهيون تہ ڪيئن هُن سائين شير پٽائي پير کي دانهن ڏني جنهن سندس مدد ڪئي ـ اهڙو اظهار مائي بيگم جي هن ڪافيءَ ۾ ملي ٿو:

طعنہ ٽُنڪا ڏين ٽا مونکي
پاڻ ڏني آ شير امانت

جيڪي بديون ڏين ٽا مونتي
تن کي چوان ڇا تن جي نيت

مائي بيگم فقيرياڻي توڙي جو اڻپڙهيل هُئي، پوءِ بہ اهو مڃس بزرگن جو باطني فيض هو جو پاڻ پنهنجي ڪافين ۾ ڪٿي ڪٿي قرآني آيتون ۽ عربي صوفيانہ قول بہ استعمال ڪيا اٿائين.

فاذڪروني اذ ڪُر ڪم
سر جو سانگو ساهي ڙي سر تيون

الانسان سري وانا سره
سِر کي سجدو آهي ڙي سر تيون
سڀ ڪجهہ آهي جهان ۾
ڇاهي منهنجو ڇاهي ڙي سر تيون

مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي ڪافين ۾ پنهنجي مرشد داتا ولايت شاهہ، داتا بگن شاهہ ۽ درگاهہ حضرت هنباهہ کي بہ گهڻو ڳايو آهي ۽ انهن سان گهڻي عقيدت منديءَ جو اظهار ڪيو آهي.

بيگم جا سائين ڪر ڪا پلائي
مرشد منهنجا هوت هنباهي
پرين ڪر تون پنهنجو طلبگار سمجهي

◈

بيگم جا تون پير هلي آ جانب جلوبدار
شاھہ ولايت شاهنشاھہ تون مرضيءَ جا مختيار

◈

بيگم سان ڪر بگن پلائي
وَڏِڪَ ڏک نہ ڏيکار

آهيان تنهنجي آسري

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي دل تي هر وڏي سانحي ۽ واقعي وڏو اثر ڪيو سندس ڪافين ۾ سندس مرشد پتائي پير سائين شير جي نوجوان ۽ ڳڀرو پُٽ سائين ولڻ جي المناڪ وفات ۽ خود بيگم فقيرياڻي جي پنهنجي سڳي ڀاءُ محمد هاشم جي وفات تي مرثئي جيان آھہ وزاري بيان ڪيل آهي.

جُدا ٿيو جاني آ، ولڻ ريءَ ويراني آ

◈

نيڻن وهايم نير، ڀاءُ فقير
ڳوليندي وتان توکي ڳوٺ ڳلين ۾

–

## ڪافي نمبر – ١

واهه انصاف آ عشق اوهانجو
مشتاقن کي مچائين ٿو

ڪاٿي يوسف ڪاٿي زليخا، ڪاٿي خواب وڪائين ٿو
ڪاٿي ليليٰ ڪاٿي مجنون، ولڙين منجهه ويڙهائين ٿو

ڪاٿي هير ڪاٿي رانجهن، ڪاٿي مُرليون وڄائين ٿو
سُوليءَ تي منصور چڙهايئه، انا الحق الائين ٿو

ڪاٿي مومل ڪاٿي راڻو، ڪاٿي ڪاڪ ڪونائين ٿو
ڪاٿي سُهڻي ڪاٿي ميهر، لهرين منهنجو لوڙهائين ٿو

ڪاٿي طالب، ڪاٿي مطلوب، ڪاٿي سڪ وڌائين ٿو
ڪاٿي بيگم ڪاٿي بيرنگ، ڪاٿي نينهن نچائين ٿو

◈

## ڪافي نمبر – ٢

مون جهڙي درويش سان
ايڏو ماڻو نہ ڪجي وويار

آ هلي تون آ هلي تُنهنجي ڳوليان ڳوٺ ڳلي
تُنهنجي اڳيان مُنهنجي ڪا نہ هلي
مونکي وچ نہ ڇڏي وويار

ايندا ايندا ڪين ڇڏيندا، مونکي ورتيون نال ويندا
نڌر نماڻيءَ سان جو نيندا
آ "ولڙ" منهنجي تڏي وويار

دل تي ساري توکي سنڀاري، آءٌ بگن تون منهنجي اوتاري
واڳ ٻانهيءَ ڏي اچ تون واري
بيگم توکي تي سڏي وويار

◈

## ڪافي نمبر – ٣

معاف ڪندين مولا مون تان ملامت
قائم ڪندين منهنجو عشق سلامت

جيڪي بديون ڏين ٿا مون تي
تن ڪي چوان ڇا، تن جي نيت

طعنا ٽُنڪا ڏين ٿا مونکي
پاڻ ڏني آ شير امانت

دشمن ٿيندا ڪين وٽيندا
تن تي پيپل آ توڙ جي لعنت

بيگم ڪي آ پڪ پُنهل ۾
ڪين ڇڏيندو ڇا ڪندي قيامت !

◈

## ڪافي نمبر – ۴

سنجهي تہ ڪري ويم سعيو
اج مان دردُ پرايو

مون پئي ڄاتو ڪين ڇڏيندو
پُنهل هيم تہ پرايو
اج مان دردُ پرايو

مون سان هلو سڀ ميڙ ٿي
پُنهل منهنجو پرچايو
اج مان دردُ پرايو

بيگم چئي پرين پاڻهي ايندو
جڏهن ٻيُس ڪو رايو
اج مان دردُ پرايو

◈

## ڪافي نمبر – ۵

مولا ملائي، دلڙي اُداس آهي

پنهنجي پُنهل لئه آهيان اُداسي
ايندو ڪوهيارل ٿيندس راضي

منهنجي پُنهل جو مَٽُ نه ڪو ثاني
توڙي گهمان پئي ساري جَهاني

بيگم سان تون رَههُ اَچي راضي
بخش خطائون، مرد آن غازي

◈

## ڪافي نمبر– ٦

مان ڀي ويندس ڪيچ ڏي ڪاهي
سرتيون منهنجو شهر ڀنڀور ۾ چاهي

پُنهل پرديس هليو ويڙو، پتو مونکي ڪونہ ڪو پيڙو
ڏيرن مون سان ڏاڍ جي ڪيڙو، پُنهل ويم سيجَ تان چائي

ڪٽندس پير پُنهل جا ساڳيا، پُڇندي ويندس اُهي ير ڏاگها
وڃي وٺندس اُنن جون واڳان، منهنجو ڀي سِرُ پُنهل سان آهي

بيگم جي سِڪَ سَچي آهي، لاڳاپا لوڪ جا لاهي
ويندس ويندس ڪيچَ ڏي ڪاهي، پُنهل ايندس پاڻ پرچائي

◈

## ڪافي نمبر – ٧

ديد منهنجي دلبر تو ۾ خلق سڄي پئي ڪلي ڪلي
تہ بہ دلبر جو دلبر ملي ملي

محبت تُنهنجي مست ڪيو آ، حُسن ڪيو حيرانُ
سِرُ بہ توتان صدقي ڪيان مان، دل بہ تُنهنجي بَلي بَلي
تہ بہ دلبر جو دلبر ملي ملي

عاشق آ هون ڪندا وتن ٿا، معشوق بيپرواهہ
عاشقن کي عشق سدائين، قيامت تائين پيو هلي هلي
تہ بہ دلبر جو دلبر ملي ملي

بيگم کي ڏنو جام الستي جانت تو جوڙي
عشق اندر ۾ آتش لاتي سُور نہ ٻي ڪنهن سلي سلي
تہ بہ دلبر جو دلبر ملي ملي

◈

## ڪافي نمبر– ٨

ڏني دل مون توکي وفادار سمجهي
ڇڏي وچ نہ مونکي گنهگار سمجهي

هُيئي جا دغائي اڳ تہ ٻڌائين ها
محبت جو ناتو مون سان نہ لائين ها
ڇني وئين تون ناتو نادار سمجهي

اها حُسن جواني ڪڏهن ڪم نہ ايندءِ
مون وانگي دلڙي ڪٺي ڪونہ ڏيندءِ
بيزار ٿي وئين بيڪار سمجهي

بيگم جا سائين ڪر ڪا سٽائي
مرشد منهنجا هوت هنباهي
پرين ڪر تون پنهنجو طلبگار سمجهي

◈

## ڪافي نمبر – ٩

سڀ ڪجهہ آهي جهان ۾
چاهي مُنهنجو چاهي ڙي سرتيون

آيس اڪيلي ويندس اڪيلي
لاڳاپا سڀ لاهي ڙي سرتيون

فاذڪروني اذڪُرڪم
سِرَ جو سانگو ساهي ڙي سرتيون

الانسان سري وانا سره
سِرَ ڪي سجدو آهي ڙي سرتيون

بيگم جنهن جي آسري
سو مرشد مُنهن نہ مٽائي ڙي سرتيون

◈

## ڪافي نمبر – ١٠

هادي فيض درياھ
آهيان تنهنجي آسري

– ٻيڙو اچي ويو وچ لهرن ۾، تار منجهان اچي تار
– عيبن ڀري آهيان مان، ٻِيريءَ ۾ نہ پچارِ
– مرشد اچ محبوب سُبحاني، سُڻ ڪا سيد سار
– بيگم سان ڪر بگن ڀلائي، وڏڪ ڏُک نہ ڏيکار

◈

## ڪافي نمبر– ١١

تنهنجا مون تي لک لک ٿورا
آ هلي سردار، مُرشد هوت هنباهي!

جان محمد جاڳ هنباهي، فيض جا درياهہ
تاج محمد تجلي وارا، تار منجهان اچي تار
مُرشد هوت هنباهي!

– اُتر وارا پير هلي آ، نيليءَ جا هسوار
بگن مون سان ڪر ڪا پلائي، ڪامل ڪلنگي دار
مُرشد هوت هنباهي!

– ٻيڙيءَ جا تو ٻيڙا تاريا، ٻيڙيءَ ڪئي پوڪار
آءُ اوهانجي ساڳي ٻيڙي، سيد لهہ اچي سار
مُرشد هوت هنباهي!

– بيگم جا تون پير هلي آ، جانب جلويدار
شاهہ ولايت شاهنشاهہ تون، مرضيءَ جا مختيار
مُرشد هوت هنباهي!

◈

## ڪافي نمبر – ١٢

جُدا ٿيو جاني آ،
ولڙ رِيءَ ويراني آ.

جهوري جيءُ ويو منهنجو، ڪٽي ويو جواني آ
پري هن دنيا اندر، ولڙ جو نہ ثاني آ
ڪندو ماڙ بيگم تي، جنهن جي تن نشاني آ

◈

## ڪافي نمبر– ١٣

نيڻن وهايم نير، ياءُ فقير!
ڳوليندي وتان توکي ڳوٺ ڳلين ۾

– ڇاڪان رُسي وئين دلبر مون کان
ڪهڙي پيم تقدير، ياءُ فقير!
ڳوليندي وتان توکي ڳوٺ ڳلين ۾

– جي تون پرچين ميڙ مُڇان مان
اهڙا آڇ نہ وير، ياءُ فقير!
ڳوليندي وتان توکي ڳوٺ ڳلين ۾

– هاشم جهڙو ڪونہ ڏسان ٿي
بيگم جا اڄ وير، ياءُ فقير!
ڳوليندي وتان توکي ڳوٺ ڳلين ۾

◈

## آخري ڏهاڙا ۽ وفات

مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي زندگيءَ جي آخري حصي ۾ وڏا صدما ڏٺا، جو سندس پيارا عزيز قريب ۽ گهر ڀاتي هڪٻئي پٺيان وفات ڪري ويا. سن 1956ع ۾ سندس پياري ڌيءَ، 1969ع ۾ سندس همدرد گهر وارو 1970ع ۾ سندس پياري والده، 1972ع ۾ سندس مددگار مربّي ڀاءُ، 1975ع ۾ سندس محبوب نُنهن، 1979ع ۾ سندس ننڍو ڀائيٽو 1980ع ۾ سندس وڏو ڀائيٽو ۽ 1981ع ۾ سندس هڏ ڏوکي ڀاڄائي کانئس هميشه هميشه لاءِ وڇڙي ويا. کيس صدمن تي صدما رسيا، پوءِ به اهڙا بار ۽ ڏک سهندي به همت نه هاري ۽ پنهنجي توحيدي راڳ ويراڳ جاري رکيو جو سندس زندگيءَ جو عين مقصد هُيو. مٿس مرشد جي مهرباني ۽ دُعا چئجي يا قدرت جو معجزو جو عمر رسيده ۽ ڏکايل هجڻ باوجود ۽ صحت ناساز هئڻ باوجود پنهنجي ايماني جذبي، همت، جرئت سبب اڳي کان اڳري رَهي. سندس شروعاتي دور زرين در رهيو ته آخري دور به ڪمال جو. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ته پاڻ اڳ ئي نروار هُئي، پر پنهنجي آخري دور ۾ به ڪجهه اهڙو رنگ ڪٽي آئي جو شهرن ۾ منعقد ٿيندڙ مختلف تقريبات ۾ به پنهنجي لوڪ ۽ صوفياڻي راڳ سبب منفرد رَهي، سڄي سنڌ ته ڇا پر پوري ملڪ يعني ڪراچي کان اوٻاوڙو، صادق آباد کان اسلام آباد، جيڪب آباد کان دلمراد، ٿر، بر، ڪاڇي ۽ لاڙ تائين سندس الستي آواز ۽ الاپ جي لاٽ ڪنڊ ڪنڊ روشن ڪري ڇڏي ۽ هنڌين ماڳهين سندس مڌر ۽ پُراثر آواز ۽ انداز جو ڪيف ڇانيل رهيو.

سندس حياتيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ ئي سندس وفات کان صرف پنج مهينا پهريان نومبر 1986ع ۾ اداره لوڪ ورثه اسلام آباد پاران کيس اسلام آباد گهرايو ويو جتي سندس آواز ۾ آڊيو ۽ وڊيو رڪارڊنگ ڪئي وئي. اها رڪارڊنگ سندس حياتيءَ جي آخري رڪارڊنگ هُئي.

مائي بيگم فقيرياڻي هوندءَ ته ڪافي سال بيمار رهندي آئي هُئي جو سدائين دل جي دهڪي (دل تيز هلڻ) جي شڪايت به ڪندي هُئي بعد ۾ سندس

صحت گهٽي ڪري پئي ۽ عمر رسيده هئڻ ڪري ڏاڍي ڪمزور ۽ ضعيف ٿي پئي. اهڙي، حالت ۾ بہ پنهنجي مرشد داتا ولايت شاهہ جي ساليانې ميڙي تي درگاهہ حضرت هنباهہ وئي، مرشدن جي مزارن جي زيارت ڪيائين، اندر حويليءَ ۾ پاڪ بيبين کان ۽ داتا بگن شاهہ ثاني کان روئي موڪلايائين ۽ درگاهہ تي سمورن فقراء کي چوڻ لڳي ”الائي دم حياتي ڇاهي وري ملڻ ٿئي الائي نہ!؟“

مائي بيگم فقيراڻي پنهنجي وفات کان صرف ست ڏينهن اڳ پنهنجي وڏي فرزند درگاهي ميراڻيءَ ننڍي فرزند گل حسن عرف گل فقير، گهر جي ٻين ڀاتين ۽ ڪن ويجهن مٽن مائٽن کي پاڻ وٽ گُهرايو ۽ سڀني کي ڀاڪر پائي روئي موڪلائڻ لڳي ۽ ننڍڙن پوٽن کي پيار ۽ دعائون ڪندي رهي ۽ سڀني کي چوندي رهي ”ابا هاڻ تياري آ“ وڏي فرزند درگاهي ميراڻيءَ کي پنهنجي ننڍي پُٽ گل حسن لاءِ پارت ڪيائين، ۽ چيائين ”ابا هي تنهنجو ننڍو ڀاءُ آهي، سندس بابو ٿِجانءِ، ٻئي ڀائر ايڪي اتحاد ۽ ميٺ محبت ۾ رهجو“ ۽ ننڍي پُٽ گل حسن کي چيائين ”ابا، هيءُ تنهنجو وڏو ڀاءُ تنهنجو بابو آهي، سندس صلاح صلح سان رهجانءِ، سندس ادب ۽ چوڻ ۾ رهجانءِ. پوءِ وري ٻنهي پُٽن کي چوڻ لڳي ”ابا، ابو امڙ ڪنهن سان نبيهہُ ناهي. منهنجي وڃڻ کان پوءِ دلگير نہ ٿجو منهنجون دعائون اوهان ٻچڙن سان هميشہ شامل رهنديون جيڪي اڄ مونکي لک بہ هُجن ها تہ اوهان ٻچن کي ڏئي وڃان ها!“. پنهنجي امڙ جا اهي لفظ ٻُڌي سڀئي روئي پيا هئا ۽ کيس چيائون ”امان! اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿي ڪرين، تنهنجون دعائون اسان لاءِ لکن ڪروڙن کان وڌيڪَ آهن، توهان اسان لاءِ سڀ ڪجهہ تہ ڪيو آهي اسان کي تہ اوهان ڪيڇَ ڪري ڏنا آهن.“ پوءِ مائي بيگم فقيرياڻي کين چيو تہ ”مونکي منهنجا سڪ وارا ڀائر، ڀينر، پُٽ ۽ ڏيئر گهرائي ڏيو تہ هيڪر انهن کي بہ ڏسي وڃان“ هنن کيس ”ها، امان حاضر“ چيو. پر قدرت الله جي جن کي مائي بيگم سنياريو پئي اُهي انهيءَ ئي ويل پنهنجو پاڻ وٽس پهچي ويا ۽ اچي اها ڳالهہ ٻُڌايائون تہ ”کين امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي ههڙي حال جي تہ ڪا خبر ئي نہ هُئي، اسان کي تہ قدرتي طور تي

چڪ ٿي تہ جيڪر امڙ وٽان ٿي اچڻ ۾ تيستائين ويهڻ نہ پي آيو جيستائين هت آيا آهيون (33).

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي زبان تي هينئر ڪلمو پاڪ ۾ نبي ڪريم ﷺ تي درود جاري رهيو. ساڳي ڏينهن تي ڪراچي ٽي وي جو پروڊيوسر محترم بيدل مسرور ٽپال رستي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جون ڪيڏيل تصويرون ڏياري موڪليون. اهي تصويرون بہ کيس ڏيکاريون ويون. ٻي ڏينهن تي راقم الحروف (سندس وڏو پوٽو) سڪر کان سندس آواز جي اها ڪئسٽ وٺي آيو جيڪا لوڪ ورثہ اسلام آباد پاران 1986ع ۾ سندس وفات کان پنج مهينا اڳ رڪارڊ ڪئي وئي هئي. مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي ٽيپ رڪارڊ تي اها ڪئسٽ بہ ٻُڌائي وَئي.

هوڏانهن سندس چالاڪي واري ڪيفيت ۾ هيڏانهن سندس آواز ۾ هلندڙ ڪلام اهڙو سوڳوار ماحول بڻائي ڇڏيو جو گهر جا سيئي ڀاتي روئي رهيا هئا اهڙي ماحول ۾ ڪيفيت کي ڏسي راقم الحروف اُٿي وڃي ڪئسٽ بند ڪئي. انهي وقت مائي بيگم فقيرياڻي چيو: تہ ”مونکي مرشد ولايت شاهہ جو ڏنل گيڙو ويس اوڙهيو. چاڪاڻ تہ منهنجا مالڪ اچي ويا آهن“ کيس مرشد جو ڏنل ويس سيني تي اوڙاهيو ويو هينئر مٿس هڪ عجيب گهري ۾ پُرسڪون ننڊ غالب رهي، تنهن هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن هڪ مرداڻي ۾ بردبار نموني ”ڪنگهر“ پئي ڪيائين، گويا ائين چئي رهي هُجي تہ آءٌ ننڊ ۾ الوٽ ۾ غافل ناهيان، بلڪ هوشيار آهيان. اهڙي ڪيفيت ۾ جڏهن سندس فرزند درگاهي ميراڻي سندس پيشاني چُمي ڳوڙها ڳاڙهي ”امان!“ چيو تہ کيس نهاري چيائين ”ابا الله جي اَمانَ“ ۾ انهن آخري لفظن سان تاريخ 13 اپريل 1987ع مطابق 13 شعبان 1407هہ تي سنڌ جي هڪ امر درويشياڻي لطيف جي فقيرياڻي ۾ درگاهہ هنباهہ جي صوفي ويراڳي ۾ شاعره جي روح جو پکيئڙو اُڏامي ويو ۾ مالڪ حقيقي سان وڃي مليو ۾ ويندي ويندي بہ هڪ عجب فقيري ۾ رندي رنگ ڏيکاريندو ويو.

ٻي ڏينهن 14 اپريل 1987ع تي ميمڻ محلو روهڙيءَ ۾ سندس تدفين ٿي جنهن ۾ روهڙي ۾ ٻاهران آيل ڪيترن ئي سندس مداحن، عقيدتمندن، شاعرن،

اديبن، فنڪارن، ثقافت ۽ صحافت جي شعبن سان لاڳاپيل شخصيتن ۽ شهر واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. سندس وفات جي بروقت خبر ريڊيو اسلام آباد ۽ ريڊيو خيرپور تان نشر ڪئي وئي ۽ خصوصي پروگرام نشر ڪيا ويا. ٻي ڏينهن اهم اخبارن ۾ سندس وفات جي خبر شايع ڪئي وئي.

**ــ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي مزارَ تي هر سال 14 شعبان (15 جي راتِ) شبِ برات تي ساليانو عرس مُلهايو ويندو آهي.**



# جُهُريا ڪيئي جِيءَ

(مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي وفاتِ تي تاثرات)

**نوشاد علي جعفري**

امان بيگم جي اوچتو ارتحال تي ڏاڍو رنج رسيو. اکين اڪثر سندن تن تي ڪارا ڪپڙا ڏٺا ۽ ڪنن سچين زبانن کان ٻڌو ته شاهه سائين جا بيت آخري دَمَ تائين سندن دَهَنَ تي هُئا. ڪين اڪثر نياز نئڙت ۽ نهنائي جي انداز ۾ ڏٺم. افسوس! اهڙي سڀاجهڙي ساهه کي به موت مهلت نه ڏني.

**اطهر موساڻي**

آهه! روهڙي جي تاريخي شهر مان تاريخي هستيءَ جو لاڏاڻو

**جاني پيرزادو**

خوشبوءِ جڏهن پنهنجو پاند گل مان ڇڏائي فضا جي وسعتن ۾ ڦهلجندي آهي، تڏهن سڄي ماحول کي معطر ڪندي آهي. امان بيگم جو آواز به انهيءَ خوشبوءِ وانگر هيو جيڪو هوائن ۾ ڦهلجندي ڦهلجندي هوائن ۾ گم ٿي ويو.

**غلام علي سنديلو**

امان بيگم زنده آهي ۽ زنده رهندي ۽ فنڪار هميشه زنده رهندو آهي ۽ هي ته هڪ اهڙي ڪلاڪاره هئي جا سنڌي عوام جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل هُئي.

**اياز گل**

هڪ فنڪار جو مرتيو هڪ جسم جو مَرتيو ناهي هوندو. پوري زندگيءَ جو مرتيو هوندو آهي. مائي بيگم صاحبه اسان جي خوبصورت لوڪ فنڪاره پنهنجي فن جي حوالي سان سدائين جيئري رهندي اسان سان گڏ رهندي.

**سرور سيف**

جڏهن اوچتو مائي بيگم جي وفات جي خبر ٻڌم ته ڏاڍو صدمو پهتو. سنڌ جا لوڪ فنڪار هڪ هڪ ٿي اسان کان موڪلائيندا ٿا وڃن ۽ اسان صرف دعائن

گهرڻ ۾ مشغول آهيون. ههڙي عظيم لوڪ فنڪاره، جنهن جي فن ۾ آلاپ جو سنڌ جو پورهيت عوام شيدائي هو. ان جي ڪنهن سارَ بہ نہ لڌي؟ اهي اهڙا سوال آهن جيڪي اسان کي ڏونڏاڙڻ ۾ جنجهورڻ لاءِ شايد ناڪافي آهن.

### مختيار ملڪ

دک ۾ دردن سان پيريل گونج، جنهن جا پڙاڏا اڄ بہ آٿت ٻڌجي دليون گهائن پيا ـ شالَ آوازن جي سونهن هن ڌرتيءَ تي ڦهليل هُجي.

### رياض حسين شاهہ

مائي بيگم فقيرياڻي روهڙيءَ جي سُڃاڻ هُئي، جنهن جي وفات سان روهڙي ڇوري ڇني ٿي پئي آهي.

### زوار نور علي شاهہ

محترمہ مائي بيگم فقيرياڻي جي انتقال سان سنڌ مان عموماً ۽ هن خطي مان خصوصاً لوڪ موسيقيءَ جو هڪ باب اختتام پذير ٿي ويو ـ مرحومہ پنهنجي ذات ۾ بي حد ملنسار هر دلعزيز ۽ محترمہ هُئي، جنهن سان هن علائقي ۾ لوڪ موسيقي، علم، ادب جو ڏيئو روشن هُيو.

### عبدالرزاق جمالي

محترمہ بيگم فقيرياڻي لوڪ موسيقي ۾ ڪرنگهي جي حيثيت رکندي هئي. سندس وڇوڙي سان سنڌي لوڪ موسيقي جي دنيا کي وڏو نقصان رسيو آهي.

### امداد علي شاهہ

بظاهر موت ڪيترو نہ عام واقعو آهي، پر ڪن انسانن جو موت قطعي بہ عام نٿو لڳي ـ اهڙن ئي انسانن مان مائي صاحبہ جن هيون ـ پاڻ پنهنجي شخصيت ۾ هڪ اهم ادارو هيون.

**ماستر لونگ**

مائي بيگم سان گڏ رهندي اسان کي ائين محسوس ٿيندو هيو تہ جڻ اسان سان ڪو بزرگ ساڻ آهي ـ سنڌ جي عوام جي ساڻس عقيدت جي حد ڪانہ هُئي ـ موڪلائڻ وقت مائي صاحبہ کي ماٿهو پوتيون پهرائيندا هُئا، دعائون گهرائيندا هُئا ۽ سڳا ڪرائيندا هُئا.

**نثار بلوچ**

سائنس جيئن، اڄ لکين ميل دور خلا ۾ روشن ستارن کي ڏسڻ لاءِ دوربينون ايجاد ڪيون آهن ـ تيئن جيڪر انسان اهڙيون ذهني خوردبينيون ايجاد ڪري هن ڌرتي تي چمڪي اجهامي ويندڙ اهڙن انسانن جهڙوڪ بيگم فقيرياڻي کي بہ ڳولي لهن.

**هادي پيت**

محترمہ بيگم فقيرياڻي جو آواز مون تڏهن ڪان پئي ٻڌو جڏهن مونکي لفظ ”موسيقي“ جو بہ پتو ڪونہ هو ـ مائي بيگم جو لاڏاڻو سنڌ جي لوڪ ورثي جو وڏو نقصان پانيان ٿو.

**رحيم بخش مهر**

مائي بيگم فقيرياڻي اها عظيم عورت هئي جنهن سنڌ جي صوفين جي اسرارن ۽ رمزن کي سنڌ جي جهر جهنگ ۾ وجي ڪلام جي آسان صورت ۾ عوام تائين پهچايو.

**ارڏو اُترادي**

جن ادب کي سيني سانديو تن قوم کي زندهہ رکيو ۽ اهڙا ماڻهو دنيا ۾ هميشہ زندهہ رهيا آهن. انهن ۾ مائي بيگم بہ سرفهرست آهي.

**نندو جلال جوڳي**

مائي بيگم فقيرياڻي سنڌ جي سرتاج فنڪاره ٿي رهي جيڪا اسان سيني فنڪارن جو تاج هُئي اسان سيني کي مٿس فخر آهي.

**برڪت علي پٽ**

امان بيگم فقيرياڻي جي وفات تي ايترو صدمو رسيو آهي جو چئي نہ ٿو سگهجي. اهڙا فنڪار ڪڏهن بہ مرندا ناهن ۽ سدا جيئرا رهندا اهن.

**غلام رضا شاهہ بُخاري**

تاريخي شهر روهڙيءَ مان هڪ تاريخي هستيءَ جو لاڏاڻو ـ هِڪُ وڏو سانحو آهي.

**برڪت علي آزاد**

محترمہ مائي صاحبہ جن جي رحلت جو احوال مونکي عزيزم اختر درگاهي صاحب جي اسڪول ۾ معلوم ٿيو ـ هن جهان فاني مان آخر هر ڪنهن کي هڪ ڏينهن لاڏاڻو ڪرڻو آهي.

**شبير بيدار پُٽو**

امڙ بيگم فقيرياڻي جي وفات تي هڪ حساس ترين انسان تي ٿيندڙ ڏک جي اثرن کان وڌيڪ اثر مون تي ٿيو آهي.

**زبير احمد دايو**

اسان جي سنڌ ڌرتيءَ جي فن جي هڪ ماءُ اسان کان جُدا ٿي وئي آهي.

**رياض شاهد**

امڙ بيگم فقيرياڻي اها هستي هئي جنهن پنهنجي آواز ذريعي سنڌي لوڪ سنگيت کي هڪ موڙ ڏنو ـ جنهن جي صدين تائين ڪائنات ۾ پڙاڏو رهندو.

**غلام رسول ڪلهوڙو**

هر سچي فنڪار جو لاڏاڻو ان دؤر جي فن جو لاڏاڻو هوندو آهي. مائي صاحبا سنڌي گائڪيءَ جي هڪ تاريخ هُئي. اُنَ جي اوچتي فوتيءَ سبب جيڪو خالُ پيدا ٿيو آهي، سو آسانيءَ سان پرجڻ جو نہ آهي.

**شوڪت خواجائي**

مائي بيگم فقيرياڻي جنهن نموني فن جي خدمت ڪئي سا سنڌي راڳ جي تاريخ ۾ منفرد مقام رکي ٿي.

**نعيم شيخ**

فن جي دنيا مان هڪ ڏيئو بظاهر گُم ٿي ويو پر سندس فن (آواز) سدائين جيئرو رهندو.



# بيگم فقيرياڻيءَ
# جو ويڙهو

مائي بيگم فقيرياڻي پوري زندگي وڏي جدوجهد ۾ محنت ڪئي، شروع کان ئي وڏا ڪشالا ڪڍيا، ڏک ڏولاوا ڏٺا، پر پاڻ هڪ مرد ۾ فقير جيان توڪل تي قائم رهي ۽ هر موڙ تي ثابت قدم رهي ـ سندس درويش صفت شخصيت کان جِتي سنڌ واسي متاثر هُئا اُتي هن جو پنهنجي سموري ڪٽنب ۾ خاندان ۾ بہ تمام مٿانهون مقام هو.

مائي بيگم فقيرياڻي هڪ وڏي عيال ۽ ويڙهي جي سربراهہ هُئي، جنهن ويڙهي ۾ رهندڙ سندس ياءُ، پائيٽيا، پُٽ، پوٽا ۽ پڙ پيا گهرياتي شامل هُئا، جنهن ۾ پاڻ ڪنهن جي پيڻ، ڪنهن جي امڙ ، ڪنهن جي بوئا تہ ڪنهن جي ڏاڏي هُئي. مائي بيگم فقيرياڻي جو اهو سمورو ويڙهو ماشاءَ الله ستن گهرن ۾ اٽڪل 30 ڀاتين تي مشتمل هو جن جي ڪِفالت بہ سندس ذمي هُئي ۽ اها ذميواري مائي بيگم فقيرياڻي نهايت خوش اسلوبي ۾ وڏي سخا ۾ فراغ دليءَ سان نڀائي. نہ صرف ايترو پر انهن جون شاديون مراديون، ڇنيون، ڦُهر، ڀاسون، عيدون، براتون بہ مائي بيگم پاڻ پنهنجي سر ڪنيون سو بہ وڏي خوشيءَ ۾ پاڀوهہ منجهان.

هن هيٺ اسين مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي انهيءَ ويڙهي جي اهم شخصيتن ۾ گهرياتين جو ذڪر ڪنداسون، جيڪي پنهنجي جاءِ تي پاڻ بہ اهم ماڻهو هُئا ـ انهن سڀني شخصيتن تي مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت جو تمام وڏو اثر پڙ هُيو ۽ اُهي سمورا ڀاتي پنهنجن سمورن ٻارن ٻچن سميت سموري زندگي مائي بيگم فقيرياڻيءَ سان گڏ سندس ڇانوَ ۾ شفقت هيٺ رهيا.

**محمد هاشم ميربحر**

مرحوم محمد هاشم، هارون فقير جو فرزند ۾ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو وڏو ياءُ هُيو. اٽڪل 1908ع ۾ رضا ڳوٺ (تعلقو پنو عاقل) ۾ ڄايو. محمد هاشم پنهنجي پيڻ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو وڏو ساٿُ ڏنو ۾ سندس ڏکين ڏينهن ۾ ساڻس ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو ـ محمد هاشم پڙهيل نہ هو ۾ شروع ۾ پنهنجي والد ”هارون فقير“ جي ٻتيلي کي سنڀالي ”پاٽي“ ٻڌيو ـ بعد ۾ درياهي زندگي ڇڏي پنهنجي

پيڻ ۽ پاڻيجن ۽ پنهنجي پُٽن سان گڏ روهڙي شهر ۾ رهيو. محمد هاشم جي شخصيت ڏاڍي پُر ڪشش هُئي. لٽي ڪپڙي جو شوقين ۽ گهڻو منفرد ماڻهو هو. اڪثر لُنگي ۽ بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌندو هو. پرت پريل پهراڻ سو بہ پاسي واري ڳچيءَ سان ڪيس ڏاڍو ٺهندو هو. سياري جو سهڻو ڪوٽ پائيندو هو. پوشاڪ ۽ شخصيت ۾ هو سيني جي توجهہ جو مرڪز هوندو هو. محمد هاشم جي پهرين شادي پنهنجي سڳي سؤٽ مسمات جنت ڏيءَ گُل مير بحر اول سان ٿي جيڪا جلد وفات ڪري وئي، محمد هاشم کي پهرين گهر واريءَ مان ٽي ٻار ٿيا پر اُهي صغير سن فوت ٿي ويا, جنهن بعد سندس ٻي شادي ميربحرن جي عيساڻي پاڙي جي پنجل ميربحر جي ڏيءَ مسمات مريم سان ٿي جنهن مان ڪيس ٻن پُٽن ۽ ٻن ڌيئرن جي اولاد ٿي. سندس وڏي پٽ جو نالو محبوب علي ۽ ننڍي پُٽ جو نالو شوڪت علي هو جڏهن تہ ناميارو شاعر درگاهي ميراڻي سندس پاڻيجو ۽ نياڻو پڻ هو ان حوالي سان محمد هاشم راقم الحروف جو نانو هو.

مرحوم محمد هاشم ناميارې شاعره ۽ درويشياڻي مائي غلام فاطمہ لعل جي ٻالڪي ۽ شاگرد وريام فقير گاهياڻي جو دوست هو ۽ انهيءَ ناتي وريام فقير ساڻس ملڻ ۽ ڪڇهريون ڪرڻ روهڙي بہ ايندو هو. محمد هاشم جوانيءَ وارن ڏينهن ۾ سُنو نشاني باز ۽ توبچي بہ هو. انهيءَ شوقَ ۾ هُنَ 1948ع ۾ روهڙيءَ جي ان وقت جي سِول جج کان پنجاهہ روپين ۾ برطانيہ ڪمپني جي دونالي بريمگام بندوق بہ ورتي هُئي جيڪا اڪثر پاڻ سان ڪٽي گهمندو هو. جڏهن اوطاق ۾ ويهندو هو پلٽي ماري بندوق کي هنج ۾ رکي هٿ سان پڪڙي ويهندو هو ۽ وڏي ڦرتيءَ ۽ خبرداريءَ سان گفتگو ڪندو هو. محمد هاشم جو روهڙي شهر جي معزز ماڻهن سان بہ سٺا تعلقات هئا انهن ۾ وري سيد قطب علي شاهہ جيلاني سندس گهاٽو يارُ هو.

مرحوم محمد هاشم وڏو مدبر ماڻهو هو ۽ پنهنجي خاندان ۽ ميربحرن جي اڪثر پاڙن جو چڱو مڙس بہ هو ۽ انهن جي برادرين جا فيصلا بہ پاڻَ ڪندو

هو. سڀ ميربحر سندس فيصلي کي مانُ ڏيندا هئا، اهڙي طرح هر مت مائٽ وٽس ئي دانهين ٿي ايندو هو.

مرحوم محمد هاشم وڏو بهادر هيو. 1971ع ۾ پاڪ ڀارت جنگ ۾ جڏهن روهڙي شهر جا سيئي ماڻهو لڏي ويا ته مائي بيگم فقيرياڻي ٻه پنهنجا سيئي گهر ڀاتي مرشد داتا ولايت شاهه ڏانهن درگاهه حضرت هنباهه وٺي وئي هئي. پر محمد هاشم اهڙي وقت ٻه پنهنجو گهر ۽ شهر نه ڇڏيو ۽ جنگ جا پورا 15 ڏينهن گهر جي سار سنڀال لهندو رهيو. اتفاق سان جڏهن روهڙي شهر تي جنگ جو وڏو هوائي حملو ٿيو، ان ڏينهن سندس ٻئي ڀاڻيجا درگاهي ۽ گل حسن ۽ ننڍو پٽ شوڪت علي ساڻس ملڻ آيا هئا. حملو ايترو شديد هو جو سڄي شهر ۽ گهرن ۾ هڪ طوفان متل هو. محمد هاشم وڏي بهادريءَ سان پنهنجي دونالي بندوق لوڊ ڪري هندوستاني حمله آور جهاز کي ويجهو اچڻ تي نشاني تي آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته ڪيس سندس ڀاڻيجي درگاهي ميراڻي روڪي وڌو ۽ چيو ته هوائي جهازن جي بمباري ۽ شيلنگ کي اوهان جي دونالي بندوق ڪجهه ڪري نه سگهندي. بهر حال محمد هاشم جي بهادري ڏسڻ وٽان هئي.

مرحوم محمد هاشم مير بحر 1972ع ۾ روهڙيءَ ۾ وفات ڪري ويو. هو بلڪل چاڪ چڱو ڀلو هو رات جو پنهنجي پوٽي علي گوهر پٽ شوڪت علي کي معمول مطابق ساڄي ٻانهن تي سمهاري ننڊ پيو هو ته سندس دم پرواز ٿي ويو. کيس پنهنجي خاندان جي قديم قبرستان لڳ مساڻ روڊ روهڙي ۾ دفن ڪيو ويو. مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي پنهنجي هن پياري ۽ هڏڏوکي ڀاءُ جي اوچتي وفات تي تمام گهرو صدمو پهتو جو ان جي وفات تي هيٺين ڪافي چيائين.

نيڻين وهايم نير ڀاءُ فقير ڳولهيندي وٽان توکي ڳوٺ ڳلين ۾،

**محبوب علي**

مرحوم محبوب علي، محمد هاشم مير بحر جو وڏو فرزند ۽ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو وڏو ڀائيٽو هو. سن 1932ع ۾ ستين جي آستان لڳ مير بحرن جي

مياڻيءَ روهڙي ۾ ڄايو هيءُ راقم الحروف جو مامو هو. پنهنجي پيءُ جيان مرحوم محبوب علي بہ پرڪشش شخصيت جو مالڪ هو جڏهن تہ مزاج ۾بہ نهايت منڙو ۽نرم. جهڙو نالو محبوب هيس تهڙو پنهنجي طبيعت ۾ بہ محبوب شخص هو. سيني سان پيار، پاڀوهہ ۽ اخلاص سان ملندو هو. ٽڏي طبعيت وارو خوش طبع ۽ يوڳائي بہ هو.

مرحوم محبوب علي پڙهيل بلڪل نہ هو البت ڏاڍو ذهين ۽ مدبر هو هر سطح جي محفل ۽ڪچهريءَ ۾ پنهنجي گفتگو ۾ منفرد هو محبوب علي پنهنجي ڀقات ۽ پيٽيوي نامياري شاعر درگاهي ميراڻي کان عمر ۾ 8 سال کن وڏو هو پر هنن ٻنهي جو هڪ ٻئي سان تمام گهڻو پيار هو ۽ هڪ گهر ۾ سڳن ڀائرن جيان رهندا هئا، هڪ ٻئي جا گهرا دوست بہ هئا. روزانو شام جو گڏ گهمندا هئا. سن 1956ع ۾ مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي هن ڀائٽي محبوب علي ۽ پنهنجي پٽ درگاهي ميراڻي جي شادي بہ گڏ ڪرائي ۽ هڪڙو ئي ڪاج ٿيو هو. محبوب علي کي گهرو ماحول ۾ پنهنجي ڀقات درگاهي ميراڻي جي صحبت ڪري شاعريءَ ۽ راڳ سان بہ دلچسپي هئي پاڻ درگاهي ميراڻي جي شاعريءَ کان گهڻو متاثر هو. اوطاق تي ٿيندڙ اڪثر ادبي مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ خوب داد ڏيندو هو.

مرحوم محبوب علي کي سياسي شعور بہ هو روزانو بي.بي.سي ريڊيو جون خبرون ٻڌندو هو ۽ انهن تي تبصرو بہ ڪندو هو. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو جي شخصيت سان کيس ايترو عشق هو جو جڏهن 1979ع ۾ ڀُٽي صاحب جي ڦاسيءَ واري خبر ريڊيو تان ٻڌائين تنهن وقت ايترو جذباتي ٿي ويو جو ريڊيو کي ڪاوڙ ۾ پٽ سان هڻي پرزا پرزا ڪري ڇڏيائين. موسيقيءَ ۾ پاڻ مهدي حسن جو وڏو مداح هو خاص ڳالهہ تہ تاريخ 6 سيپٽمبر 1980ع تي جڏهن دل بيهجي وڃڻ سان سندس وفات ٿي انوقت بہ پاڻ ٽيپ کي مهدي حسن جو غزل ٻڌي رهيو هو.

مرحوم محبوب علي جي شادي طيب محمد ولد ولي محمد ثاني ميربحر جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان کيس ٽن پٽن ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو. سندس پٽن جا نالا مشتاق علي، امداد علي ۽ اعجاز علي آهن.

## شوڪت علي

مرحوم شوڪت علي، محمد هاشم ميربحر جو ننڍو فرزند ۽ مائي بيگم فقيرياڻي جو ننڍو پائيٽيو هو. 2 مارچ 1948ع تي روهڙيءَ ۾ ڄايو. سندس وڏو ڀاءُ محبوب علي تہ پڙهي. نہ سگهيو پر شوڪت علي پنهنجي ڀڦاٽ ۽ پيٽيوي درگاهي ميراڻيءَ جي صحبت ۽ اثر هيٺ اسڪول ۾ داخلا ورتي، پرائمري شهدادو اسڪول روهڙي مان ۽ مئٽرڪ جو امتحان 1963ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول روهڙيءَ مان پاس ڪيائين. شوڪت علي مختلف ملازمتون ڪيون، پوليس کاتي ۾ بہ تہ پاور هائوس روهڙيءَ ۾ بہ. پر سندس طبيعت ۾ اهڙو ڦيرو آيو جو نوڪريءَ سان نباهہ نہ ڪري سگهيو.

مرحوم شوڪت علي جي شادي 1965ع ۾ طيب محمد ثانيءَ جي نياڻيءَ سان ڪرائي وئي سندس شاديءَ جي فنڪشن ۾ ناميارو ڪلاسيڪل راڳي استاد خورشيد علي خان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو هو. شوڪت علي هڪ خوبرو ۽ پرڪشش شخصيت جو مالڪ هو. لٽن ڪپڙن جو ڏاڍو شوقين هو ۽ نفيس طبيعت جو مالڪ هو.

گهرو ماحول سبب ڪيس راڳ جو بہ شوق هو ڏاڍو سريلو هوندو هو. خاص طور تي مهدي حسن جا غزل ڏاڍا شوق سان ڳائيندو هو جو سندس انداز ۽ آواز بہ مهدي حسن سان ملندڙ جلندڙ هو. شوڪت علي پنهنجي ڀڦاٽ درگاهي ميراڻيءَ جو هينئيون غزل ڏاڍي پر سوز انداز ۾ ڳائيندو هو جو اڪثر محفلن ۾ فرمائش ٿيندي هيس.

> ڪولي خط يار جڏهن تنهنجي ٿو تحرير ڏسان
>
> تنهنجي تحرير منجهان تنهنجي ٿو تصوير ڏسان

مرحوم شوڪت علي سنو نعت خوان بہ هو مرحوم درگاهي ميراڻي جي قائم ڪيل ”محمدي مولود انجمن روهڙيءَ“ جو اهم ۽ سرگرم ساٿي هو. پاڻ رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ انهيءَ مولودي جماعت سان گڏ اسر جو جاڳا ۽ مولود بہ چوندو هو. افسوس جو مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو هي ننڍو ۽ نوجوان

پائيتيو ۽ راقم الحروف جو ننڍو ۽ پيارو مامو صرف 32 هن سالن جي ڀرپور جوانيءَ ۾ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ سبب 26 فيبروري 1979ع ۾ وفات ڪري ويو. کيس چئن پٽن جو اولاد ٿيو. علي گوهر، الطاف علي، زاهد علي، ۽ غلام حُسين. علي گوهر ۽ الطاف علي به ڀري جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويا سندس ٽيون پٽ زاهد علي روهڙيءَ ۾ پورهيت آهي جڏهن ته سندس چوٿون پٽ غلام حسين گرلس ڊگري ڪاليج سکر ۾ ملازم آهي ۽ پنهنجي گهر تڙ وارو آهي.

## درگاهي ميراڻي

مرحوم درگاهي ميراڻي، مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو وڏو فرزند هو. مائي بيگم فقيرياڻي ڪانپوءِ کيس پنهنجي خاندان ۾ وڏو مان ۽ مرتبو حاصل ٿيو. راقم الحروف جو هي والد سنڌ جو ناميارو شاعر ۽ اديب هيو. 5 مارچ 1942ع ۾ درگاهه حضرت هنباهه تي سندس جنم ٿيو. درگاهي ميراڻي پنهنجي خاندان جو پهريون تعليم يافته ٻٽيو. سندس تعليم ڏانهن شوق ۽ رغبت جي سبب ئي مائي بيگم فقيرياڻيءَ کي درياهي زندگي ڇڏي روهڙي شهر ۾ رهڻو پيو. درگاهي ميراڻي 1959ع ۾ مئٽرڪ ۽ 1968ع ۾ ايم.اي انگريزيءَ جو امتحان پاس ڪيو. شاعريءَ ۽ راڳ سان دلچسپي کيس ننڍي هوندي کان گهرو ماحول سبب ٿي پوءِ شعر ادب جو هن شاندار سفر شروع ڪيو. شاعريءَ جي شروعات ٻاراڻن نّظمن لکڻ سان ڪيائين ۽ سندس نظم وقت جي مشهور ٻاراڻن رسالن ۾ شايع به ٿيا. بعد ۾ هن سنڌي ڪافيون چوڻ شروع ڪيون ۽ جلد ئي سنڌ جي مقبول ڪافي گو شاعرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو سندس ڪافي کي مشهور فنڪارن ڳائي مقبول ڀٽايو. ان دور ۾ پاڻ درگاهي ديواني جي نالي سان مشهور. سندس هن ڪافي کي سندس امڙ مائي بيگم فقيرياڻي پڻ ميڊيا تي آندو ۽ محفلن ۾ روشناس ڪرايو.

مونکي پنهنجي سهڻي سنڌ تي ناز آ
سنڌ جو سورهيه لعل قلندر سيوهاڻي شهباز آ

مرحوم درگاهي ميراڻي جديد سنڌي ادب ۾ هڪ ترقي پسند ۽ انقلابي شاعر جي حيثيت ۾ نمونداز رهيو ۽ سندس جديد شاعري وقت جي اهم رسالن نئين زندگي روح رهاڻ ۽ سوجهرو ۾ به شايع ٿي. درگاهي ميراڻي سنو نثرنگار به هو ۽ ڪيترائي مقالا ۽ مضمون به لکيائين.

مرحوم درگاهي ميراڻي پهريان ٽريزبري آفيس پوءِ ڪاٽن ڪارپوريشن ۾ ملازمتون ڪيون بعد ۾ 1979ع کان انگريزيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو پهريان ڪراچي ۽ پوءِ شِڪارپور ۾ جڏهن سندس آخري پوسٽنگ عطا حسين شاه ڪاليج روهڙيءَ ۾ رهي. درگاهي ميراڻي جي پنهنجي والده مائي بيگم فقيرياڻيءَ سان والهانه ۽ جذباتي وابستگي هئي. ان ڪري ئي پاڻ پنهنجي والده جي وفات جو صدمو نه سهي هڪ سال اندر تاريخ 23 اپريل 1988ع بمطابق 6 رمضان المبارڪ 1408هجري تي اوچتو دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو. وفات وقت سندس عمر صرف 46 سال هئي کيس روهڙيءَ ۾ پنهنجي والده مائي بيگم فقيرياڻي جي پيرِ ۾ دفن ڪيو ويو.

درگاهي ميراڻي جي شادي سن 1956ع ۾ پنهنجي مامي محمد هاشم جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان کيس ٻن پٽن ۽ ٽن نياڻين جي اولاد ٿي. 1975ع ۾ جڏهن سندس گهرواري وفات ڪري وئي تڏهن سندس ٻي شادي ماروٺ محبوب علي جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان به کيس ٻن پٽن ۽ ٻن نياڻين جي اولاد ٿي. درگاهي ميراڻي جي فرزندن جا نالا اختر درگاهي (راقم الحروف) اظهر درگاهي، عرفان محبوب ۽ فرحان علي آهن. جن مان سندس ٽيون نمبر فرزند عرفان محبوب رضا الاهيءَ سان 27 سالن جي عمر ۾ تاريخ 18 فيبروري 2010ع تي ڪراچي جي سول اسپتال ۾ وفات ڪري ويو. 19 فيبروري 2012ع تي سندس تدفين روهڙيءَ ۾ پنهنجي والد مرحوم درگاهي ميراڻي جي پير ۾ ٿي.

راقم الحروف پنهجي والد مرحوم درگاهي ميراڻيءَ جو پورو ڪلام ”ڪُليات درگاهي“ جي نالي سان ٻن جلدن ۾ مرتب ڪيو آهي جيڪو جلد منظر عام تي ايندو.

### گُل حسن عرف گُل فقير

گل حسن عرف گُل فقير، مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو ننڍو ۽ پيارو پٽ هو جنهن کي هو پيار مان گُلڙو سڏينديون هئي. گل حسن راقم الحروف جو چاچو هو تاريخ 27 ڊسمبر 1953ع ۾ روهڙيءَ ۾ ڄايو. مئٽرڪ تائين پڙهي سگهيو. ڪجهه ملازمتون به ڪيائين پر انهن سان نڀائي نه سگهيو. گل حسن، ننڍي هوندي کان پنهنجي والده مائي بيگم فقيرياڻي سان گهڻو ويجهو ۽ ساڻس گهڻو عرصو ساڻ رهيو. ننڍپڻ کان ئي پنهنجي والده سان گڏ ڳائيندو هو. سندس آواز ڏاڍو سريلو بُلند ۽ چِٽو هو. جوانيءَ واري دور ۾ ڪجهه ڏنگو به هو بعد ۾ فقير ٿي ويو. مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي جڏهن والده، گهروارو ۽ پياءُ وفات ڪري ويا، تڏهن پنهنجي محفلن ۾ هلڻ لاءِ پنهنجي هن ننڍي پُٽ گل حسن کي ساڻ کنيائين ۽ سنڌ جي جهر جهنگ ۾ پنهنجن مداحن ۾ کيس متعارف ڪرايائين. گل حسن جو آواز ايترو چٽو ۽ طاقتور هو جو جڏهن ڪورس ۾ گڏجي ڳائيندو هو ته سندس آواز سڀني آوازن کان نمايان هوندو هو. اها ڳالهه مائي بيگم فقيرياڻي جي رڪارڊ ڪيل ڪلامن ۾ به محسوس ڪري سگهجي ٿي. گل حسن هڪ سريلو نعت خوان به هو ۽ پنهنجي وڏي پياءُ درگاهي ميراڻيءَ جي قائم ڪيل محمدي مولود انجمن جو سرگرم ميمبر ۽ اهم نعت خوان هو.

گل حسن عرف گل فقير پنهنجي والده مائي بيگم فقيرياڻي سان سنڌ جي اڪثر درگاهن جون حاضريون ڏنيون. خاص طور تي درگاهه حضرت هنباهه جو وڏو معتقد رهيو جو سندس والده ۽ نانو هارون فقير به انهيءَ درگاهه جا طالب هئا. پاڻ به پنهنجي والده جي وفات کانپوءِ درگاهه هنباهه جي بزرگ داتا بگن شاهه ثاني جو طالب ٿيو. هن زندگيءَ جا آخري سال داتا بگن شاهه ۽ داتا جان محمد شاهه (موجوده گادي نشين) جي خدمت ۾ هنباهه ۾ گذاريا ۽ انهن سان لاهور تائين فقراهي سفر به ڪيا.

گل حسن عرف گل فقير درگاهه هنباه جي اهم راڳين مان به هو ۽ اڪثر ميڙن تي درگاهه جي فقيرن سان گڏ ته ڪڏهن اڪيلو پنهنجي والده بيگم

فقيرياڻي جي راڳ جي ڊيوٽي ڏيندو هو. سندس راڳ جو انداز ۾ آواز بہ مائي بيگم فقيرياڻي جهڙو هو.

گل حسن عرف گل فقير ريڊيو ۽ ٽي.وي تي بہ پنهنجي آواز جو جادو جڳايو. سندس آواز ۾ مشهور ريڊيائي ڪلام آهن“ حُسن سردار ڪيا سينگار ٿيا گلزار گلزارا ۽ رانجهي بنان سنئيان لڳدي نهين دوا. اهي ڪلام گل فقير جي آواز ۾ محترم شوڪت خاصخيلي ريڊيو خيرپور تي رڪارڊ ڪيا. هو وڏو جگري ۽ ميداني راڳي هو ۽ راڳ ۾ ماءُ جيان دم صُبح ڪري چڙهيندو هو. گل حسن پنهنجي وڏي پياءُ درگاهي ميراڻي جو بہ وڏو معتقد هو ۽ سندس وفات کانپوءِ محمدي مولود انجمن جي بہ سرواڻي ڪيائين.

گل حسن عرف گل فقير کي بيدل يادگار ڪاميٽيءَ پاران سال 2007ع جي بهترين راڳي جو ”بيدل ايوارڊ“ بہ ڏنو ويو جڏهن تہ ڪيس ٻيا ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ بہ ملي چڪا هئا. گل حسن 1970ع ۾ پنهنجي سئوٽ موسيٰ مير بحر جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس ٽن پٽن واحد بخش، ياسر گل ۽ عاشر گل ۽ نياڻين جي اولاد ٿي.

گل حسن عرف گل فقير ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ سبب تاريخ 14 مارچ 2008ع تي سول اسپتال سکر ۾ وفات ڪئي. ڪيس 15 مارچ 2008ع تي پنهنجي والده مائي بيگم فقيرياڻي جي پيرِ ۾ روهڙيءَ ۾ دفن ڪيو ويو.

گل حسن عرف گُل فقير ڪڏهن ڪڏهن شاعري بہ ڪندو هو سندس شعر جو هڪ نمونو هت ڏجي ٿو:

تنهنجو منهنجو مولا علي علي
ڪندو حيدر سڀ جي ڀلي ڀلي
هر وار ڪندو ڪر علي علي
هر مشڪل ويندءِ ٽلي ٽلي

خيبر ۾ آ سرور ساريو، قمبر دلدل کي تہ سنواريو
قدم نہ هڪڙو پوئتي ڏاريو، دلدل خيبر ۾ هاڪاريو
ڪندو مولا...........

حيدر آيو صفدر آيو، سلمانُ جلدي نعرو لڳايو
مدنيءَ اڳتي قدم وڌايو، مولا عليءَ کي سيني لايو
ڪندو مولا...........

مرحب کي آ ماري مچايو خيبر در کي عرش اُڏاريو
حورن بہ اُت حمد آ ڳايو جڏهن حيدر ميدان ۾ آيو
ڪندو مولا...........

گل فقير جو عرض اگهايو مولا جلدي چائنٹ چمايو
فقر سچي جو فڪر مِٽايو، سڪندن کي سيني سان لايو
ڪندو مولا...........

◈

## مشتاق محبوب

مشتاق علي عرف مشتاق محبوب، مرحوم محبوب علي جو وڏو فرزند مرحوم محمد هاشم جو وڏو پوٽو ۽ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي وڏي ڀائٽي جو پٽ هو 1 جون سن 1959ع ۾ روهڙيءَ ۾ ڄايو. 1976ع ۾ روهڙي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. جنهن بعد محترم غلام صديق قادري (1919_2007ع) جو انوقت سکر جو ڊي آءِ جي پوليس هو ڪيس پنهنجي آفيس ۾ جونيئر ڪلارڪ ڀرتي ڪيو. جتان سينيئر ڪلارڪ ٿي پاڻ هرتو سن 2003ع ۾ رٽائر ڪيائين. مشتاق محبوب پنهنجي پُڦڙ مرحوم درگاهي ميراڻي جي اثر ۾ سکيا هيٺ شاعري بہ ڪئي جيڪا ڪن رسالن ۾ شايع بہ ٿي مشتاق محبوب کي سنڌ جي نامياري

اديب گل محمد گلاٽي پنهنجي ڪتاب تذڪره شعرا روهڙي (مطبوعا 1978) ۾ سڻن شاعرن ۾ شامل ڪيو آهي ۽ ان تي سٺو لکيو آهي.

مشتاق محبوب ڏاڍو ذهين هو قدرت طرفان کيس ڪا ڏات مليل هئي جڏهن ته چاهيندو هو في البديهه شعر لکي ويندو هو. هن غزل، گيت، نظم ڪافي مولود، منقبت ۽ مدح جي صفن ۾ طبع آزمائي ڪئي، پر هو پنهنجي گهڻي شاعري محفوظ ڪري نه سگهيو.

مشتاق محبوب پنهنجي ادبي رهبر درگاهي ميراڻيءَ جي قائم ڪيل سنڌي ادبي ڪچهريءَ ۽ بعد ۾ سنڌي ادبي سنگت روهڙي شاخ جو سرگرم ميمبر ۽ عهديدار به رهيو. اسڪول واري دؤر ۾ هو هر فنڪشن ۽ ڊرامي ۾ حصو وٺندو هو ۽ گهڻو داد حاصل ڪندو هو. مشتاق محوب ڏاڍو سريلو به هو مرحوم درگاهي ميراڻي جي قائم ڪيل محمدي مولود انجمن جو به سرگرم نعت خوان هو. مشتاق محبوب هڪ درويش صفت ۽تمام گهڻي سادي طبيعت ۽ شخصيت جو مالڪ هو. گهرو ماحول سبب کيس تصوف، راڳ ۽ بزرگن سان دلي لڳاءُ هو.

مشتاق محبوب پنهنجي پتي جي آپريشن ڪرائڻ ڪانپوءِ بيمار رهڻ لڳو آخر ڪار تاريخ 12 آڪٽوبر 2006ع بمطابق 18 رمضِان المبارڪ 1426هجري ۾ صرف 47 سالن جي عمر ۾ سول اسپتال سکر ۾ وفات ڪري ويو کيس ميمڻ محلي روهڙي جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

مشتاق محبوب جي شادي 1974ع ۾ مرحوم محمد بچل ميربحر جي نياڻيءَ سان ٿي جنهن مان کيس ٽن پٽن محمد هاشم ثاني، عارف علي ۽ صدام حسين ۽ ٽن نياڻين جي اولاد ٿي. سندس وڏو فرزند محمد هاشم ثاني تاريخ 21 جون 2014ع تي 29 سالن جي عُمر ۾ وفات ڪري ويو. مشتاق محبوب جي هڪ شعر جو نمونو جيڪو هن بيدل سائين جي عقيدت ۾ چيو آهي هيٺ ڏجي ٿو.

روهڙيءَ ۾ رنگ رلمل جنسار آهي بيدل
هن شهر جي سچاٽپ سينگار آهي بيدل

صوفين جي ست جو سورهيہ سالار آ فَقَر جو
پنجتن جي درتي هر دم پينار آهي بيدل

آ حسن عشق جو هو پيڪر رهيو سدائين
سالڪ سچو سخنور سردار آهي بيدل

مشتاق تنهنجي درتي ٿيو فيض جو آ طالب
سائين سخا جو درياءَ ٺمتار آهي بيدل

◈

**اختر درگاهي**

راقم الحروف، مرحوم درگاهي ميراڻي جو وڏو فرزند ۽ مائي بيگم فقيرياڻي جو وڏو پوٽو آهي. 24 سيپٽمبر 1964ع تي روهڙيءَ ۾ جنم ٿيو. 1980ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان روهڙي هاءِ اسڪول مان پاس ڪري، ايم.اي سنڌي ۽ ايم.اي اڪنامڪس ۾ بہ ڪيم. هن وقت زرعي بينڪ سکر ۾ اسسٽنٽ وائيس پريزيڊنٽ آهيان. راقم الحروف بہ انهن خوشنصيبن منجهان آهي جن کي امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جو تمام گهڻو پيار ۽ شفقت نصيب ٿي. پُٽن ڪانپوءِ پوٽا ڪيترو پيارا هوندا آهن اهو اسان امڙ بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت ۾ ڏٺو.

راقم الحروف کي شاعريءَ ۽ راڳ جو شوق بہ امڙ بيگم فقيرياڻي ۽ بابا سائين مرحوم درگاهي ميراڻي جي اثر هيٺ ٿيو ۽ ننڍپڻ ۾ ئي ان طرف مائل ٿيو. 1973ع ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪيم جيڪا انوقت جي مشهور ٻاراڻن رسالن ۾ شايع بہ ٿي. جنهن بعد مستقبل طور لکندو رهيس. شاعري، نثر ۽ تحقيق ڏانهن لاڙو رهيو. ننڍ پڻ ۾ ئي 1978ع ۾ امڙ بيگم فقيرياڻي جي شخصيت تي پهريون مضمون لکيم جيڪو روزاني هلال پاڪستان ۾ شايع ٿيو.

هيل تائين راقم الحروف جا يارهن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جن ۾ ٽي شعري مجموعا ۽ باقي تحقيقي ۽ ٻيا مرتب ڪيل ڪتاب آهن. راقم الحروف جي شادي 1990 ۾ ٿي ٻن پٽن نويد علي، ثمير علي ۽ نياڻين جي اولاد آهي.

راقم الحروف امڙ بيگم فقيرياڻي سان سندس حياتيءَ ۾ ڪيترين ئي محفلون اٽينڊ ڪيون ۽ ساڻس سنڌ جي درگاهن ڀٽ شاهه, درازا شريف, حضرت هنباهه ڪان علاوه سنڌ بلوچستان جي مختلف علائقن ڪراچي, منوڙو بابا ڀٽ, سون مياڻي, تائين بہ ويو ۽ سندس شخصيت کي ويجهڙائي کان ڏٺو. امڙ بيگم فقيرياڻي جو راقم الحروف سان تمام گهڻو پيار هو ۽ پيار مان مونکي "اکن مکن" سڏيندي هئي. راقم الحروف جي والده جڏهن 1975ع ۾ وفات ڪري وئي تہ امڙ بيگم فقيرياڻي جيڪي بہ ڏهاڙا گهر ۾ هوندي هئي مونکي تمام گهڻو پيارُ ڏيندي هئي, فجر مهل جڏهن اٿي ذڪر اذڪار ۽ مولود چوندي هئي تہ راقم الحروف بہ اُٿي ساڻس گڏ ڪٽ تي ويهي سندس اها رياضت ٻڌندو هو.

**اظهر درگاهي**

اظهر درگاهي, مرحوم درگاهي ميراڻي جو ننڍو فرزند, مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو ننڍو پوٽو. راقم الحروف جو ننڍو ڀاءُ ۽ پنهنجي چاچي گل حسن عرف گل فقير جو نياڻو آهي. آڪٽوبر 1972ع ۾ روهڙيءَ ۾ ڄايو. تعليم بي.اي اٽس ۽ هينئر ميونسپل ڪاميٽي روهڙيءَ ۾ ملازم آهي. مائي بيگم فقيرياڻي جو هي ننڍو پوٽو , ڪيس ڏاڍو پيارو هو ۽ گهڻو ۽ شرارتي هجڻ ڪري ننڍڙي هوندي گهر ۾ ڪيل شرارتن تي مائي بيگم فقيرياڻي ڪيس دڙڪا بہ ڏيندي هئي.

اظهر درگاهي بہ پنهنجي ڏاڏي بيگم فقيرياڻي ۽ والد درگاهي ميراڻي جي اثر هيٺ شاعريءَ ۽ راڳ سان رغبت رکي ٿو. سنڌي ادبي سنگت روهڙي شاخ جو بہ ميمبر آهي. جڏهن تہ پنهنجي والد درگاهي ميراڻي ۽چاچي گل حسن جي وفات کانپوءِ هن محمدي مولود انجمن کي سنڀالي ورتو آهي ۽ هڪ سٺي ۽ سريلي نعت خوان جي حيثيت ۾ پنهنجي انجمن جي نوجوان ميمبرن سان هر سال رمضان

المبارڪ جي مهيني ۾ اَسُرَ جو روهڙي شهر ۾ جاڳا ۽ مولود چوندو آهي. ساڳي وقت هر مهيني جي يارهين رات درگاهه دستار مبارڪ روهڙي ۾ ۽ هر جمعي ڏينهن درگاهه وار مبارڪ تي مستقل نعت خوان جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيندو رهي ٿو ۽ سعادت حاصل ڪندو رهي ٿو.

اظهر درگاهي روهڙي شهر ۾ منعقد ٿيندڙ اڪثر صوفي درگاهن جي ساليانين ميڙن ۽ ٻين تقريبات ۾ به شريڪ ٿيندو آهي ۽ صوفيانه ڪلام شاعري ۽ نعت به پڙهندو آهي. اظهر درگاهي پي.ٽي.وي ڪراچي تي ۽ پڻ ٻين ٽي.وي چينل تي هڪ نعت خوان ۽ فنڪار جي حيثيت ۾ پنهنجي آواز جو جادو به جڳايو آهي.

اظهر درگاهي سن 2004ع ۾ مرحوم غلام صديق قادري ۽ ٻين ساٿين سان گڏ (جنهن ۾ راقم الحروف به شامل هو) عمري جي سعادت به حاصل ڪري آيو آهي.

اظهر درگاهي 2004ع ۾ پنهنجي چاچي مرحوم گل حسن جي نياڻي سان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس ٽن پٽن عون محمد، اظهار، عرفان ۽ هڪ نياڻي منائل جي اولاد ٿي آهي.

اظهر درگاهي شاعريءَ ۾ به سٺي طبع آزمائي ڪري ٿو. هتي سندس چيل هڪ مولود شريف پيش ڪجي ٿو.

سهڻي سردار جون ڳالهيون ته ٻڌايو ويهي
منڙي منٺار جون ڳالهيون ته ٻڌايو ويهي

ٿي وسي نور جي برسات سدا روضي اندر
انهيءَ ديدار جون ڳالهيون ته ٻڌايو ويهي

چنڊ تارن ۾ ڏسو نور نبيءَ جو ظاهر
سونهن سينگار جون ڳالهيون ته ٻڌايو ويهي

جنهن کي معراج تي آهي ته گهرايو مولا
محب منٺار جون ڳالهيون ته ٻڌايو ويهي

ٿو خدا پاڻ پڙهي جنهن تي درود ۽ سلام
مونکي ان پيار جون ڳالهيون تہ ٻڌايو ويهي

باغ نبوت سندو گلزار محمد منڙو
انهيءَ گلزار جون ڳالهيون تہ ٻڌايو ويهي

آهي محشر ۾ شفاعت جنهن جي او اظهر
انهيءَ آثار جون ڳالهيون تہ ٻڌايو ويهي

◈



# ادبي تاريخُن ۾ تذڪرو

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي شخصيت پنهنجي فقيري سڀاءَ سنڌي صوفيانہ راڳ ۽ سنڌي صوفيانہ شاعري جي حوالي سان ايتري تہ نمايان ۽ نامياري هئي جو سندس حياتي ۾ ئي سنڌي ادب ۽ ثقافت جا جيڪي تذڪرا ۽ تاريخون لکيون ويون انهن ۾ مائي بيگم فقيرياڻي کي وڏي عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو ويو ۽ کيس وڏو خراج پيش ڪيو ويو. اهڙي طرح سندس شخصيت ۽ شاعري کي سنڌ جي ادبي تاريخن ۾ اهم جاءِ ڏني وئي.

**1. تذڪره شعراءِ روهڙي:**

روهڙي شهر جي 26هن جي شاعرن جي تذڪري تي مشتمل هي ڪتاب محترم گل محمد گلاڻي مرتب ڪيو ۽ جولاءِ 1978ع ۾ روهڙيءَ مان شايع ٿيو جو انوقت مرحوم گل محمد گلاڻي صاحب عطا حسين شاهہ ڊگري ڪاليج جو پرنسپال هو. فقير قادر بخش بيدل کان راقم الحروف تائين جن شاعرن جو ذڪر گلاڻي صاحب هن ڪتاب ۾ ڪيو آهي ان ۾ 19 نمبر تي هن مائي بيگم فقيرياڻي جو احوال ڏنو آهي.

جيئن تہ مائي بيگم فقيرياڻي جي حوالي سان ڪنهن ڪِتابَ ۾ اهو پهريون ادبي ۽ تاريخي تذڪرو آهي انڪري هِتي سمورو احوال پيش ڪجي ٿو. جيڪو ڪتاب جي صفحي 15 تي مائي بيگم فقيرياڻي جي هڪ ڪافيءَ سميت ڏنو ويو آهي.

”مائي بيگم فقيرياڻي سنڌ جي عوامي فنڪاره آهي. سنڌ جي ٻهراڙين ۾ خاص طور تي کيس تمام عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو آهي ۽ کيس پٽ ڌڻيءَ جي فقيرياڻي يا لطيف جي فقيرياڻي ڪري سڏيندا آهن. هن وقت ميمڻ محلي روهڙيءَ ۾ رهي ٿي ۽ سندس عمر اٽڪل پنجاهہ سال آهي. هڪ سٺي فنڪاره هجڻ سان گڏ هوءَ هڪ سٺي شاعره بہ آهي سندس ڪلام تي وير اڳ جو رنگ غالب آهي. سندس ڪلام جي نموني طور هِتي سندس هڪ ڪافي ڏجي ٿي. (34)

مرحوم گل محمد گلاٽي صاحب مختصر طور تي مائي بيگم فقيرياڻي جو احوال ڏنو آهي البت مائي صاحبا جي عمر اندازي تي لکي وئي آهي جيڪا صحيح نہ آهي ڇو تہ جنهن وقت اهو ڪتاب شايع ٿيو انوقت مائي بيگم فقيرياڻي جي عمر پنجاهہ سال نہ پر ٽيهٽ سال هئي.

**2. بيدل مخزن 80-1979ع**

بيدل مخزن عطا حُسين شاهہ ڊگري ڪاليج روهڙيءَ جي ميگزين آهي جهنکي پڻ پروفيسر گل محمد گلاٽي صاحب شايع ڪرايو. انهيءَ مخزن ۾ گلاٽي صاحب جو هڪ اهم مضمون ”روهڙيءَ جون علمي ۽ ادبي شخصيتون“ شامل آهي. مضمون ۾ روهڙيءَ شهر جي تاريخي ۽ ادبي پس منظر ڪانپوءِ روهڙي شهر جي علمي ادبي شخصيتن کي مختلف دورن ۽ خاندانن ۾ ورهائي انهن جو مختصر تذڪرو ڪيو ويو آهي. مضمون جي آخر ۾ گلاٽي صاحب روهڙي شهر جي حال حيات شخصيتن جو ذڪر ”اڪيلا شخص پر مڪمل ادارا“ جي عنوان سان ڪيو آهي ۽ انهن اهم شخصيتن ۾ هن علي اڪبر درازي، عبدالعلي قلباڻي، امر جليل قاضي غني، ۽ محمد حسين عاصم سان گڏ مائي بيگم فقيرياڻيءَ ۽ سندس فرزند درگاهي ميراڻي جو ذڪر بہ وڏي اهميت سان ڪيو آهي. گويا مائي بيگم فقيرياڻي کي گلاٽي صاحب روهڙي شهر جي هڪ اداري جي حيثيت ڏني آهي. گلاٽي صاحب جا لفظ هن طرح آهن ”موجوده دور جي شاعرن ۽ اديبن ۾ قاضي غني، محمد حسين عاصم، مائي بيگم فقيرياڻي ۽ درگاهي ميراڻي بہ پنهنجو مقام رکن ٿا. (35)

**3.قافيون (جلد ٽيون)**

هيءَ برک محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تاليف آهي جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ پاران 1990ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب مائي بيگم فقيرياڻي جو احوال ۽ هڪ ڪافي انهيءَ جلد جي 1418 صفحي تي ڏني آهي. سمورو احوال هن گل محمد گلاٽي جي ڪتاب تذڪره شعراء روهڙي تان

ڪنيو آهي. جڏهن ته مائي بيگم فقيرياڻيءَ متعلق هن پنهنجي طرفان ڪا اضافي ڄاڻ مهيا نه ڪئي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب مائي بيگم فقيرياڻي جي ولادت جو سن به 1925 ڄاڻايو آهي جيڪو صحيح نه آهي (36)

**4. سکر تاريخ ۽ سماج**

هيءَ سکر جي تاريخ تمندن ۽ مشاهيرن جي احوال ۽ ان موضوع تي لکيل مختلف مقالن ۽ مضمونن جو ڪتاب آهي جنهنکي ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري سکر هسٽاريڪل سوسائٽي پاران مئي 2001ع ۾ شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ محترم شمس الدين ڪلوڙ جو هڪ مضمون "روهڙيءَ جون علمي ۽ ادبي شخصيتون" شامل آهي، جيڪو ڪلوڙ صاحب بيدل مخزن ۾ گل محمد گلاٽي صاحب جي شايع ٿيل مضمون جي ساڳي عنوان سان ڪجهه وڌيڪ شخصيتن جي احوال سان سينگاري پيش ڪيو آهي. ڪلوڙ صاحب انهيءَ مضمون ۾ مائي بيگم فقيرياڻي جو احوال بلڪل اڻپورو ۽ سڌو سئون تذڪره شعراء روهڙيءِ تان کڻي شامل ڪيو آهي. سواءِ هن اضافي جملي جي ته "سموري حياتي ڪاري لباس ۾ رهندي تقريبا 60 سالن جي ڄمار ۾ ماضي قريب ۾ فوت ٿي وئي آهي (37) شمس الدين ڪلوڙ صاحب روهڙي شهر جو رهندڙ آهي ان لحاظ کان سندس پاران مائي بيگم فقيرياڻي متعلق اڻپوري ڄاڻ ڏيڻ تي حيرت وٺي وڃي ٿي. سندس بيان ڪيل مائي بيگم فقيرياڻي جي عمر به غلط آهي جو وفات وقت سندس عمر 60 سال نه بلڪ 72سال هئي.

**5. مارو جي ملير جا**

ويهين صديءَ جي مشهور سنڌي شخصيتن جي احوال تي مشتمل هي اهم ڪتاب محترم خادم حُسين چانڊيو مرتب ڪيو آهي ۽ گنج بخش ڪتاب گهر پاران آڪٽوبر 2001ع ۾ شايع ٿيو آهي. توڙي جو خادم حُسين چانڊيو جو تعلق روهڙي شهر سان نه هو پوءِ به هن صاحب وڏي جاکوڙ ڪري مائي بيگم

فقيرياڻي متعلق 134 صفحي تي ڪافي، اضافي احوال ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي، البت مائي صاحبہ جي ولادت جو سن هن بہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ڏنل 1925ع ئي درج ڪيو آهي. خادم حُسين چانڊيو جو مائي صاحبہ متعلق اهم ۽ اضافي احوال هن ريت آهي "بيگم فقيرياڻي جي خاندان جي ڪرت ٻيڙين درياه ۾ هلائي گذران ڪرڻ هو. سندس والد بہ ڳائيندو هو ۽ درگاه فيض درياه جو مريد هو. بيگم فقيرياڻي ڳائڻ جو فن گهر ۾ پنهنجي والد کان سکيو ۽ پوءِ جڏهن هن باقاعده ڳائڻ شروع ڪيو تہ سندس ڏيرن کي اها ڳالهہ نہ وڻي، پوءِ ايترو تہ مشهور ٿي جو پوري سنڌ ۾ سندس نالي جي هاڪ هئي. پاڻ ولايت شاه انباه شريف واري جي مريدياڻي هئي، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سان بہ ڪيس وڏي عقيدت مندي هئي. ماڻهن جي هن سان ايتري عقيدت ٿي وئي جو هر جڳهہ تي ڪائنس دعائون گهرائيندا هئا تہ سندس فلاڻا فلاڻا مئسلا حل ٿين. بيگم فقيرياڻي سٺي شاعره بہ هئي". (38)

**6. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا**

سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد پاران آگسٽ 2009ع ۾ شايع ڪرايل "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" جي پهريل جلد ۾ صفي 525 تي مائي بيگم فقيرياڻي جو احوال سندس تصوير سان گڏ ڏنو ويو آهي، مائي بيگم فقيرياڻيءَ متعلق انهيءَ تذڪري ۾ ان کان اڳ شايع ٿيل ڪتابن کان ڪجهہ اضافي ۾ صحيح ڄاڻ ڏني وئي آهي جيڪا هتي پيش ڪجي ٿي.

"مائي بيگم فقيرياڻي روهڙي شهر جي فنڪار گهراڻي سان واسطو رکندي هئي سندس جنم 1915ع ۾ ٿيو. مائي بيگم فقيرياڻي مائي غلام فاطمہ موچاڻيءَ جي هي ڪافي ڪمال گائيڪي سان ڳائي هئي جيڪا سندس سڃاڻپ بڻجي وئي.

"محبت وڏي آهيان مامري نہ تہ ڪير ڪشالا ڪري"

بيگم فقيرياڻي پنهنجو فني ورثو پنهنجي پٽ نامياري شاعر استاد ۽ فنڪار درگاهي ميراڻي ڏانهن منتقل ڪيو ۽ هن وقت سندس پوٽو اختر درگاهي نئين ٽهيءَ جو سٺو شاعر ۽ سريلو فنڪار آهي. بيگم فقيرياڻي جي وفات 13 اپريل 1987ع تي ٿي. (39)

**7. پنو عاقل ماَضي حال**

پنو عاقل جي تاريخ ۽ مشاهيرن تي هي ڪتاب نامياري اديب سرور سيف لکيو آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت پنو عاقل پاران مارچ 2013ع ۾ شايع ٿيو آهي هن ڪتاب جي ستين باب "پنو عاقل جون نامور خواتين" ۾ مائي بيگم فقيرياڻي جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي جنهن مان خاص هي آهي "مائي بيگم سائين ولايت شاه هنباهي جي طالب هئي تصوف ۽ راڳداريءَ جي ڄاڻو هئي هن جي آواز ۾ وڏو درد ۽ سوزهو پاڻ سٺي شاعره به هئي، شاهه لطيف، فيض درياهه، مائي غلام فاطمه لعل جو گهرو اثر هوس. هن مائي غلام فاطمه لعل جي شاعري کي ڳائي انکي نه صرف امر ڪيو پر ڪيس نيڪ نام ڪيائين. مائي بيگم 1987ع ۾ وفات ڪئي سندس مدفن روهڙي ۾ آهي سندس مرقد تي ميلو مچي ٿو. (40)

مٿي ذڪل ڪيل سنڌ جي ادبي تاريخن کان سواءِ سنڌ جي ڪيترن ئي ناميارن اديبن، دانشورن پڻ مائي بيگم فقيرياڻي جي فن ۽ شخصيت تي پنهنجا بهترين مقالا ۽ مضمون لکيا آهن جيڪي اسين هن ڪتاب جي ياڳي "مائي بيگم فقيرياڻي سنڌجي اديبن ۽ دانشورن جي نظر ۾" جي عنوان سان پيش ڪري رهيا آهيون.

# ڳايلَ ڪلامن جو وچور

| نمبر | ٻول | شاعر | ميڊيا | سن تاريخ |
|---|---|---|---|---|
| 1. | تنهنجي محبت وڌو آ مامري نہ تہ ڪير ڪشالا ڪري | مائي غلام فاطمہ لال | ريڊيو حيدرآباد | 1973_74ع |
| 2. | درد لڳو آ دلبر جو جيڪي آهي منهنجي جيءَ ۾ | مائي غلام فاطمہ لال | ريڊيو حيدرآباد | 1973_74ع |
| 3. | روئان زارو زار چوڙي وار | شاهہ لطيف | ريڊيو حيدرآباد | 1973_74ع |
| 4. | جيڏيون جانب سان دل منهنجي آهي | ٻيدل فقير | ريڊيو حيدرآباد | 1973_74ع |
| 5. | جوڳي ٿاجاڳن جڙ لڳي آهي جن | ٻيدل فقير | EMI ڪراچي | 1973_74ع |
| 6. | مونکي پنهنجي سهڻيءَ سنڌ تي ناز آ | درگاهي ميراڻي | EMI ڪراچي | 1973_74ع |
| 7. | پٽ نہ ڪن پنهوار سونهن لعل لنگن سرلويون | خوش خير محمد | ريبريو حيدرآباد | 1973_74ع |
| 8. | نڪري ٿيا نروار عشق عقل ٻئي چوغان ۾ | مائي غلام فاطمہ لعل | آڊيو ڪئسٽ لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 9. | پنهوارن پرين ڪي سدا ساهہ ساري الله تن ڪي آڻي | داتا ولايت شاهہ | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 10. | يال يلي جاپانيان مان لڪين شڪرانا | داتا ولايت شاهہ | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 11. | پنهنجي پنهل ڪي پرچايان تنهن سان پچ پرت جو پايان | داتا ولايت شاهہ | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 12. | حسن سردار ڪيا سينگار ٿيا گلزار گلزارا | داتا ولايت شاهہ | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 13. | حال ٻڌايان ڪنهن ڪي عشق جي آزار جو | داتا ولايت شاهہ | لوڪ ورثہ | 1986ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 14. | مان تہ وينو ڪلنگ اڏاريان منڙا رات | داتا ولايت شاھہ | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 15. | دل پيارل پيارل پئي ڪري | علي شاھہ | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 16. | جنهنڪي عاشق رمز چڪائي سادل ڪر دي ماهي ماهي | شاھہ نصير | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 17. | ڏسو عاشقن جو انصاف ڏين سر گهوري گهوري | شاھہ نصير | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 18. | ڏاڍو عشق آهي آفات وجهي ٿو ونگ وڇيرن کي | باغن شاھہ | ڪئسٽ جهولي لعل 3 | 1986ع |
| 19. | واه انصاف آ عشق اوهانجو مشتاقن کي مڄائين ٿو | بيگم فقيرياڻي | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 20. | ايڏو ماڻو نہ ڪجي وويار | بيگم فقيرياڻي | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 21. | عشق وارا وس نہ پنهنجي سوز ۾ سڙندا وتن | محمد فقير | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 22. | اڄ بيباري وئي چڙڏي محبوب جي ديدار ۾ | انور شاھہ | لوڪ ورثہ | 1986ع |
| 23. | دل تنهنجي ڏسڻ لئہ چري آ | موسو مهر | | |
| 24. | ياد پرين اقرار ڪجان پيار ڪجان من پيار ڪجان | درگاهي ميراڻي | آئڊيو ڪئسيٽ | 1980ع |
| 25. | سانوڻ جاهي مينهن اچي ويا | درگاهي ميراڻي | آئڊيو ڪئسيٽ | 1980ع |
| 26. | نندي ٽپي پار پينر وڃڻو ضرور آ | درگاهي ميراڻي | آئڊيو ڪئسيٽ | 1980ع |
| 27. | جت زوراور ذات | درگاهي ميراڻي | آئڊيو ڪئسيٽ | 1980ع |
| 28. | منهنجي توسان تنهنجي مونسان دوست دل آهي | درگاهي ميراڻي | آئڊيو ڪئسيٽ | 1980ع |
| 29. | عيد آئي عيد آئي دلربا | درگاهي ميراڻي | آئڊيو ڪئسيٽ | 1980ع |
| 30. | رت سان رنگين ئي ويو ميدان ڪربلا جو | درگاهي ميراڻي | ڪئسٽ جهولي لعل 3 | 1981ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 31. | چريا چنڊ چؤ ستارن کي منهنجو دلدار آيو آ | درگاهي ميراڻي | _ | 1981ع |
| 32. | اجان ڪي ٻه راتيون رهي ها ته چا هو | | ڪئسٽ جهولي لعل 3 | 1981ع |
| 33. | ماسڙ مولينا پاڙيءَ تي پئي وجان | لوڪ گيت | _ | 1981ع |
| 34. | دل آهي الائي ڪنهني لتي آ | لوڪ گيت | _ | 1981ع |
| 35. | ڪانو ڪو ڪو ڪو. ڪانو ڪو ڪو ڪو ڪانو لڪو لڪو | لوڪ گيت | لوڪ ورثه | 1986ع |
| 36. | لوڻو مونکي آڻي ڏي | لوڪ گيت | ڪئسٽ | 1986ع |
| 37. | گاڏي ته نوشهري واري هولي هولي هو روي | لوڪ گيت | لوڪ ورثه | 1986ع |
| 38. | آڻي ڏي مساڳ لا. محمد جوڙئي جي باغ جو | لوڪ گيت | لوڪ ورثه | 1986ع |
| 39. | مان ته جا ڳان پئي من ڪي مارو اچن | لوڪ گيت | لوڪ ورثه | 1986ع |
| 40. | اديون منهنجو بديهل پيو گهمي | لوگ گيت | لوڪ ورثه | 1986ع |
| 41. | ادا مونکي ماروئڙن جي او الا | شاه لطيف | لوڪ ورثه | 1986ع |
| 42. | نيڻ منهنجا ڪيئن لڳارو يار | شاه لطيف | لوڪ ورثه | 1986ع |
| 43. | ڪيئن وساريان ور اديون | شاه لطيف | ڪئسٽ | |
| 44. | اديون آسرو ويل مهنجي راڻل ڪي | علي گوهر شاه اصغر | ڪئسٽ | |
| 45. | وجان ٿو يار جي درتي گداگر ٿي ڪتي قسمت | داتا ولايت شاهه | ڪئسٽ A4 | |
| 46. | سڄڻ لئه پئي سڪاڻ محبت ماري | ٻُڊل فقير | ڪئسٽ A4 | |
| 47. | مرد ٿي ميدان ڏي سر سينگاري يا رکي | شاه نصير | ڪئسٽ A4 | |
| 48. | ڏوران ٿا ڏسجن ماڳ منن تن ماروئڙن جا | شاهه لطيف | سنڌالاجي | 1985ع |
| 49. | منهنجو يار ميهار سان | شاه لطيف | ڪئسٽ جهولي لعل | 1981ع |
| 50. | محبت منجهه مري آئي آ | غلام فاطمه لعل | ڪئسٽ جهولي لعل | 1981ع |
| 51. | هُج هلائڻ ڪان و و منڙا | گلشن زنگيجو | ڪئسٽ جهولي لعل | 1981ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .52 | سال ٽيا ور تنهنجي صورت | طالب | ڪئسٽ | 1981ع |
| .53 | مروند ڪان آيو حسيني لعل آ | هوت | ڪئسٽ | 1981ع |
| .54 | اچي حاضر حسيني ٿي قلندر لعل مروندي | خوش خير محمد | ڪئسٽ | 1981ع |
| .55 | حال مون هجڙا ڪيا منهنجي مٺا تنهنجي ڪري | علي نواز ناز | ڪئسٽ | 1981ع |
| .56 | ڇم ڇم ڇڇڪار ڇيرن لايا | داتا ولايت شاهه | ڪئسٽ | |
| .57 | دمادم پيچ پٽائي | درگاهي | | |
| .58 | دنيا ۾ سڀ ڪان اعليٰ | درگاهي ميراٽي | ڪئسٽ | |
| .59 | علي علي سردار علي | فيض علي | ڪئسٽ جهولي لعل | |
| .60 | ميڏا سخي مولا | انور علي شاهه چڪ وارو | ڪئسٽ جهولي لعل | |
| .61 | آکي راوي جڏان شاهه ڪون گهوڙا بن وچ | فيضَ علي | ڪئسٽ جهولي لعل | |
| .62 | دنيا جا تونگر هڪ پاسي حيدر جو گداگر | غلام قادر مجاهد | ڪئسٽ جهولي لعل | |
| .63 | پول نہ ہي ڪنهن پل تون تان آدم ناهين | سچل سرمست | | |
| .64 | هتئون هاج هئڻ واري ڇڏ ميان | فيض درياه | | |
| .65 | صورت جو سردار پلي ڪري آيو | بيدل سائين | | |
| .66 | راز محرم رس نہ يار آ تہ پرچون پاڻ ۾ | بيڪس سائين | | |

# حوالا


1. ”مسلمان لينڊ هولڊرز ان دي پرووِنس آف سنڌ“ انگريزي ايس صادق علي 1901ع.
2. ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مطبوعا. 2000ع جلد پهريون.
3. مضمون: ”مائي بيگم فقيرياڻي“ درگاهي ميراڻي (قلمي) 1987ع.
4. راوي زوجا مرحوم محبوب علي ولدمحمد هاشم ميربحر
5. حضرت عبدالقادر بيدل (تحقيق جي آئيني ۾): انجنيئر عبدالحسين شاهہ موسوي مطبوعا 2011ع.
6. ايضاً
7. مضمون ”مائي بيگم فقيرياڻي“درگاهي ميراڻي (قلمي) 1987ع.
8. ايضاً
9. راوي: روجا مرحوم محبوب علي ولد محمد هاشم ميربحر.
10. مضمون، ”مائي بيگم فقيرياڻي“ درگاهي ميراڻي (قلمي) 1987ع.
11. ايضاً
12. ”تاريخي مادا“ فقير هدايت علي نجفي، مرتب: نوازعلي شوق مطبوعا ماهوار پيغام ڪراچي جنوري ـــ فيبروري 1987ع
13. راوي: زوجا مرحوم محبوب علي ولد محمد هاشم مير بحر.
14. انٽرويو: مائي بيگم فقيرياڻي 1985ع پاران: بيدل مسرور ۽ شاهد ڀُٽو.
15. مضمون: ”مائي بيگم فقيرياڻي“درگاهي ميراڻي (قلمي) 1987ع.
16. مضمون: ”مائي بيگم فقيرياڻي (قلمي)“ رحيم بخش مهر.
17. راوي: روجا مرحومہ محبوب علي ولد محمد هاشم ميربحر.
18. مضمون: ”مائي بيگم فقيرياڻي“درگاهي ميراڻي (قلمي) 1987ع.
19. ايضاً
20. انٽرويو: ”مائي بيگم فقيرياڻي“ 1985ع، پاران محترم محمد قاسم ماڪا.
21. مضمون: ”مائي بيگم فقيرياڻي“ درگاهي ميراڻي (قلمي) 1987ع.
22. ايضاً
23. ايضاً
24. انٽرويو مائي بيگم فقيرياڻي، 1987ع پاران، محمد قاسم ماڪا.
25. ايضاً

26. انٽرويو: مائي بيگم فقيرياڻي، 1985ع پاران، بيدل مسرور ۽ شاهد ڀٽو.
27. مضمون: ”مائي بيگم فقيرياڻي“ درگاهي ميراڻي (قلمي) 1987ع.
28. ايضاً
29. ايضاً
30. انٽرويو: ”مائي بيگم فقيرياڻي“ پاران: بيدل مسرور ۽ شاهد ڀٽو.
31. مضمون: ”مائي بيگم فقيرياڻي“: درگاهي ميراڻي (قلمي) 1987ع.
32. ايضاً
33. ايضاً
34. تذڪره ـ شعرا روهڙي: پروفيسر گل محمد گُلاڻي مطبوعا 1978ع.
35. بيدل مخزن روهڙي (80ع ـ79ع) مضمون، ”روهڙيءَ جون علمي ادبي شخصيتون“ پروفيسر گل محمد گُلاڻي.
36. قافيون جلد ٽيون: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مطبوعا سنڌي ادبي بورڊ 1990ع.
37. سکر تاريخ ۽ سماج: مضمون: روهڙي جون علمي ادبي شخصيتون: شمس الدين ڪلوڙ 2001ع.
38. ”ماروجي مليرَ جا“ خادم حسين چانڊيو مطبوعا، آڪٽوبر 2001ع.
39. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جلد ـ I مطبوعا آگسٽ 2009ع.
40. پنوعاقل ماضي حال: سرور سيف مطبوعا مارچ 2013ع.
41. انباھ ۽ آڙاھ (مهدي شاھ) مطبوعہ ـ 1990ع
42. لطائفِ لطيفي (مير عبدالحُسين سانگي) ـ ٻيون ڇاپو 2012ع، ثقافت کاتو ـ سنڌ.



# منظوم خراج

**درگاهي ميراڻي**

# امڙ بيگم فقيرياڻيءَ
# جي لاڏاڻي تي

نروار هُيو نروار ويو،
ڪو صوفين جو سردار ويو

هو ماءُ هُيو، هو پيءُ هُيو،
اڄ ڪامل ڪو ڪلتار ويو

ڇا نياز ادب ڇا نهٺائي،
درويش ڇڏي دربار ويو

هڪ راڳ ٽٽي پيو روحاني،
تصوف سندي تند تار ويو

سا سُهڻي سورٺ ڪوهياري
۽ راڻو مينگهه ملهار ويو.

آواز جو سنڌڙيءَ ۾ گونجيو،
ٿي فنا، بقا جي پار ويو
هو بي غم هو، هو بيرنگ هو،
اڄ ماڻهو مٽيادار ويو

بيرنگ ڏئي ويو رنگ مونکي،
هڪ جام پِري ٿمتار ويو
اڄ راڳ فقيري روئي پيو،
ڪو دوست ويو دلدار ويو

ڪارن تہ لٽن ۾ عمر بسر،
ڏئي ترڪ دنيا هر وار ويو

سو طالب فيض درياهي هو،
هڪ انباهي اسرار ويو

هو صوفي ـ صاف صفاتي سچ
سڪ قرب پريم ۽ پيار ويو

ڇا پنهنجي امڙ جي لاءِ لکان
بس پنجتن جو حبدار ويو

جنهنجي نانءَ سان روهڙي روشن هئي
چڻ روهڙيءَ جو سينگار ويو

ها رِندُ چڙِهي ويو روهڙي اَڄُ
اڄ فن ويو فنڪار ويو

هوشناڪ سدائين امر سدا،
مدهوش نہ هو، هوشيار ويو

فقير جا پيئي جهانَ سندس
هي پار چڙهي هُن پار ويو

اختر اظهر عرفان فرحان
ڏئي دعا سين ماڻڪ چار ويو

جنهن مونکي پڪ پياري هُئي
سو ذات پريو ڏاتار ويو

درگاهي دعائن سان ويندي
ويندي تہ ڪري سرشار ويو

◈

**اختر درگاهي**

## سُر بيگم فقيرياڻي

مَنُ سراپا سوجهرو، ڪارو پهريل ويسُ
فقيراڻو ديسُ، دائم قائم دل ۾

سدا جُڙيل هَٿڙا، ڳچيءَ ۾ ڳارو
هينئڙو ويچارو، سدا سِڪي سِڪَ لئه

توڙي ويسي وڏ ڦڙو، توڙي لڳي لوءَ
سڄي عمر سُوءَ، سانديائين سَريرَ ۾

سچل، سامي، فيض درياءُ، بيدل، پيٽ ڏٺي
تن جي جوش جَٽي، پهريائين پريت مان

سيني سان تنهنجي هئي ٻانهپ جي ٻولي
جهلي تو جهولي، سيني آڏو سِڪَ جي

تو ۾ موچاڙي ڏنم، تو ۾ ئي ميران
پنهنجي سريران، تو ۾ تن جي آرسي

ڏکن واري ڏيهه ۾، ڳايو تو سارنگ
وٺي ويو ونگ، سائڻ تنهنجي سُرَ جو

تون ئي سورٺ سنڌ جي، تون ئي کوهياري،
تو ۾ آ ساري، ساڃهه سُرَ سنگيت جي

ڪشالا هت ڪيترا، تو جئن ڪير ڪري
جيڏو پنڌ پري، تيڏو تولئہ اوڏڙو

ڪالهه ئي سپني ۾ ڏٺو مون توکي
مُرڪي تو مون کي، ڳر لاتو هو پانهنجي

تو جنهن پل شب رات جو ڪيون بند اکيون
ٻريون ميڻ بتيون تنهن پل هر ڪنهن گهر ۾

پنهنجي ولر کي ڇڏي، وَئين، اُڏامي
ڏکي وِهامي، توبن وَيل وُجودَ جي

ڪيڏو سڀ جو آسرو هُئي هِڪَ ڄڻي
تنهن جي گهرج گهڻي، رهندي ساري راڄ کي

هيءَ جا هر ڪنن حال ۾ ٻڇن تان ٻلهارُ
انهن جو آڌارُ ڪير ٿيندو ان ريءَ

ڪھڙيون ساريان آءٌ، تنھنجون ڳراٽڙيون
مون کي ماءُ منيون، ڪيڏيون ڏنئي ڦُربَ ۾.

مِٺي! تنھنجي موت تي، جُھريا ڪيئي جيءَ،
ڪيڏي آھي پيھہَ، اڄ تنھنجي اوطاق تي

اڄ تنھنجي اوطاق تي، ساڳيو ٻُري ساز.
تنھنجو پر آوازُ اُڏري ويو اوچتو

ھوائن جي ديس ۾، شايد آھين تون
ويٺي ڳائين تون، ستارن سان ساٿَ ۾

تو جا ڪئي اوت. اسان ۾ ويراڳ جي
پوءِ ڪيئن چئبو موت، توکي ماريو آ مٺي!

◈

**علي اطهر موساڻي**

# امڙ بيگم فقيرياڻي

امر فن سان سدا رهندي امڙ بيگم فقيرياڻي
جنم ڪو نئون وٺي ورندي امڙ بيگم فقيرياڻي

سندس ٻچڙا هئا درگاهي ۽ گل سنڌ پڻ ساري
۽ اختر تي هئي ٽرندي امڙ بيگم فقيرياڻي

سچل، بيدل، يٽائي جا ۽ سنڌ جي ڪُل فقيرن جا
وچي اُت بيت هئي پڙهندي امڙ بيگم فقيرياڻي

بابي ميرل ۽ داتا شاھہ ولايت فيض درياھہ تان
جھُڪي ھوءَ فيض ھئي ونڊي امڙ بيگم فقيرياڻي

ھئي ھُوءَ پاڻ خود شاعر ڪلاڪاري مٿس زيور
۽ سُر خود ھئي سنڀاليندي امڙ بيگم فقيرياڻي

سَندس ھو عشق ڪوھياري ۽ سورٺ سان ۽ سھڻي سان
۽ ڪيڏا ري تي ھئي روئندي امڙ بيگم فقيرياڻي

چيائين بيت ۽ ڪافيون، قصيدا، نعت ۽ زاريون
وئي ھر صنف سارِيندي امڙ بيگم فقيرياڻي

فقيري رنگ ۽ ڍنگ ۾ گذاري عمر ساري وئي
اميري دل ھئي رکندي امڙ بيگم فقيرياڻي

سياھہ ملبوس ۽ ڪنٺو سندس ھا خاص نيشاني
رکي ھٿ ڪن تي ڳائيندي امڙ بيگم فقيرياڻي

طبيعت ۾ ھي ٻاجھاري سمايل سنڌ ھس ساري
ھئي مظلوم پر ٻيھندي امڙ بيگم فقيرياڻي

هُئي هو راڳ جي ڪوئل سمايل سوز ٿس جهر جهنگ
صديون دنيا پئي ٻڌندي امڙ بيگم فقيرياڻي

چوڏهن سو ست سندو شعبان ۾ تاريخ هئي چوڏهين
دعا وئي ديس لئہ گهرندي امڙ بيگم فقيرياڻي

◈



# مضمونَ ۽ مقالا

(بيگم فقيرياڻي سنڌُ جي اديبن ۽ دانشورن جي نظرَ ۾

◊ رشيد ڀٽي

# سنڌ جي ڪوئل
# ”بيگم فقيرياڻي“

ڳائڻ ۾ مائي جيوڻي بہ پنهنجي نالي سان پيدا ٿي ۽ نانءُ ڪيائين، پر اسان جي تر ۾ خاص ڪري ۽ اتر سنڌ ۾ عام طرح مائي بيگم بہ پنهنجي نالي سان هئي ـ ڪير جو ساڻس برميچي سگهي!

شاهہ رحہ يا ڪو ٻيو ڪلاسيڪي شاعر نهايت شائستگي ۽ سنجيدگيءَ سان ڳائيندي هئي. رنگ جي ڪاري، قد ڪاٺ جي پوري پني، ڳچي ڊگهي، منهن ڪشادو. جهڙو هيس رنگ ڪوئل جهڙو اهڙو ئي هيس تيز آواز. درگاهہ تي آلاپ ڪندي تہ ڪُوڪَ ڪوئل جيان ڳوٺ اروڙ تائين پئي پڙاڏو ڪندي.

مون کي ڪيئي ڀيرا مرحومہ کي ٻڌڻ جو موقعو نصيب ٿيو ـ سترنهن ارڙهن سال اڳ مون ڪيس پنهنجي سؤٽ جي پٽ جي طهر تي اروڙ ۾ ٻڌو ـ عمر جي موٽ هيس پر آواز ۾ اجا ٽئٽر نہ پئي آيل ڏيکاريو ـ ڪارو تن، ڪارو لباس ـ پر اڇو اجرو من ـ ڳلي ۾ ڪٺ مال ـ سڄي عمر ائين رهي، جهڙ ي بيگم فقيرياڻي سڏائيندي هئي، اهڙي ئي دل ۾ من جي فقيرياڻي هئي ـ پاڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ ورتاءُ ۾ اها ئي روايتي سنڌي لڄا واري عورت جو نمونو!

پنهنجي فقيري ۽ بي پرواهہ مست طبيعت جي ڪري ڪنهن جي ڪاڻياري نہ ٿي، ان ڪري سنڌي موسيقي جي سنسار ۾ اهو مقام نہ ماڻي سگهي جو

ماڻھ گھربو ھوس. مرحوم جنت مڪان سنڌي ثقافت، خاص ڪري راڳ ۽ سھري جي احياءَ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. پر سنڌس جيئري ڪنھن قدرُ نہ ڪيو.

سڪر ھجان ھا ۽ چاڪُ ھُجان ھا تہ مرحوم ڪي ڪلھي ڏيڻ جو شرف ۽ نيڪي ضرور حاصل ڪريان ھا.

◊ علي احمد بروهي

# سنڌڙيءَ جي ميران ٻائي

تاريخ 13 اپريل 1988ع تي سنڌ ۾ به ورسيون ملهايون پيون وڃن. هڪ سنڌ جي آرياڻي علامه آءِ آءِ قاضي صاحب جي، ۽ ٻي سنڌڙيءَ جي هڪ نماڻي فقيرياڻي ”مائي ڀيڳي“ جي. جنهن گذريل سال هن مهيني جي 13 تاريخ وفات ڪئي. ”فقير سڏائڻ“ ته شايد اڄوڪي زماني ۾ هڪ فئشن هجي پر غربت ۽ عاجزيءَ جيان فقيريءَ جي ”ولايت“ به مائي ڀيڳيءَ ڪي ورثي ۾ نصيب ٿي. سندس مسڪين گهراڻي جا ڪيئي ڀاتي، مرد توڻي عورتون ان روحاني رنگ ۾ رتل هئا.

”مائي ڀيڳي“ تعلقي پني عاقل ضلعي سکر جي هڪ ننڍڙي واهڻ جي ڳوناڻي هئي. سندس مٽ مائٽ يا ته مياڻين ۾ مڇي مارڻ جي ڪرت ڪندڙ هئا يا وري ٻيڙياتا ميربحر هئا. سندس ڀيءُ هارون فقير پاڻ به ”پاڻٺي“ هو. دراصل مائي ڀيڳيءَ نه فقط جنم ”ٻتيلي“ تي ورتو هو پر زندگيءَ جو وڏو حصو به ٻيڙين تي گهاريو هئائين. راڳ ويراڳ جي ستي به ڪيس امڙ جي لوليءَ جيان ٻاروڻي وهيءَ ۾ ملي، جڏهن ته سندس ابو ”هارون فقير“ پتڻ هاڪارڻ سان گڏ ڳائڻ وڄائڻ ۾ به خاصي مهارت رکندڙ هو. پنهنجي نياڻيءَ جي سريلي آلاپ ۽ سندس راڳ سان لڳاءُ ڏسي ڪيس ڳائڻ لاءِ همٿائڻ جي علاوه مٽن مائٽن جي شادين مرادين ۽ درگاهن جي ميڙن تي پاڻ سان وٺي ويندو هوس، خاص طور شاهه ڀٽائي جي ميلي تي. آخر ڪو اهڙو ويرو به آيو جو وقت جي وهڪري سان گڏ مائي ڀيڳيءَ جي ”الوميان“ واري گونج، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻڌجڻ لڳي. هي زمانو مائي جيوڻي، الهڏنو نوناري ۽ ڀڳت ڪنور جي موسيقيءَ وارو سونهري دؤر هو. مائي ڀيڳي تنهي ڳائڻن جي ڀيٽ ۾ هڪ

جيتا مڙيءَ جي حيثيت مس رکندڙ هئي پر تڏهن بہ ڀھراڙين جي ماڻھن ۾ مانگ مقبوليت مائي بيگيءَ جي هوندي هئي. شايد هن ڪارڻ جو هوءَ هر پير فقير جي چونڪيءَ يا غريب غربي جي ڪاج ڳائڻ لاءِ وڃي حاضر ٿيندي هئي.

اتر سنڌ ۾ مائي بيگي، سنڌ جي "ڪوئل" سڏي ويندي هئي. ٻارهوئي ڪارو ماتمي ويس ورتائيندي هئي. وري سون تي سهاڳو جو ڳچي ڳل سڳا ڏاڍا ۽ ڳانا بہ هوندا هُيس ڪاري رنگ جا. مون کي ياد نہ آهي تہ مائي بيگيءَ ڪڏهن ڪاري رنگ کان سواءِ ڪو لتو ڪپڙو پاتو. مون کي تہ شڪ آهي تہ اڇي ڪفن جي لباس ۾ مائيءَ بيگيءَ کي منڪر نڪير بہ مشڪل سڃاتو هجي. هونئن بہ ملائڪ مماتيءَ وارن کي "پار پٽن" تي سڃاڻندا آهن. نالو تہ قبر ۾ اچي پوءِ پڇا ڪندا آهن!

فقيريءَ جي طريقي ۽ سلسلي جي لحاظ کان مائي بيگان، "چڪ پرڪڻ" جي بزرگ "فيض درياھہ" جي گادي نشين سائين ولايت شاھہ جي مريدياڻي هئي. پر دلي لڳاءُ ۽ روحاني ناتي سان پاڻ کي لطيف سائينءَ جي "گولي" سڏائيندي هئي. ڏاڍي پابوھہ سان هام هڻي چوندي هئي تہ سموري عمر ۾ سهڻي لطيف جي درگاھہ تان من پلجي پيرو نہ پڳو آهي. عرس جا ٽيئي ڏينهن اچي پٽ تي ٽڪندي هئي، شاھہ لطيف تہ سنڌ جو سائين آهي پر مائي بيگي تہ سنڌ جي هر ننڍي وڏي درگاھہ تي چونڪي ڏيندي رهندي هئي. هونئن بہ راڳ ويراڳ جو سنڌي بزرگن سان ڪو گهاٽو پيچ پيل ٿو ڏسجي .. مون ليکڪ ۽ شاعر بي پير برابر ڏٺا. پر آءٌ نہ سنبران تہ ڪو ڳائڻو يا ڳائڻي سواءِ ڪنهن روحاني اعتقاد يا عقيدي جي هجي.

راڳ لاءِ ٻڌو اٿم تہ ڪيس موسيقيءَ جي چڱي خاصي ڄاڻ هئي ۽ فرمائش تي نيم ڪلاسيڪي موسيقي بہ ڳائي ۽ نباهي سگهندي هئي. پر سندس دلپسند دائرو "ديسي راڳ" هيو. هونئن بہ سنڌي راڳ کان مراد آهي "ڪافي". پوءِ "ڏس ڪو ڏانوءُ" هُجي. "آءٌ ڪانگا ڪر ڳالھہ" هجي يا "پيرين پوندي سانءِ ۽ چوندي سانءِ" هجي. الھہ ڏنو نوناري الاجي ڪيئن اچي سرگم، ڏانهن پلٽيو ڄاڙي ڏڪائڻ

يا ٻاگهي هٽڻ کي راند تہ چئي ٿو سگجي ۽ نہ راڳ. مائي بيگي بہ سنڌي سليمي راڳ جي سانئڻ هئي.

مائي بيگيءَ جي ڪلام جا ڪجھ ڪيسٽ ريڊيو پاڪستان طرفان ڀريا ويا هئا. هاڻ خبر نہ آهي تہ اهي ڪيسٽ جيئرا جاڳندا آهن يا وري گاٺ ڪري گهگها ٿي چڪا آهن. اسلام آباد جي لوڪ ورثہ پاران پڻ مائيءَ جي آلاپ کي رڪارڊ ڪيو ويو هو جنهن جي غوغاءُ تہ اجان ڪٿي بہ ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي. وري بہ شڪر آهي جو سنڌالاجيءَ وارن سندس انٽرويو رڪارڊ ڪيو هو. جنهن جي محفوظ هئڻ جي يقين ڪامل ڪري ٿو سگهجي.

زندگيءَ جا آخري سالَ بيماريءَ ۾ بسر ڪيائين. عارضي جي شدت ۾ بہ شاهہ جا بيت جهونگاريندي رهندي هئي. ڪيتري بہ پيڙا هوندي، ٻاهرين ٻني ڏيکاري ائين ڏيندي هئي جڻ تہ ڪيس ڪا تڪليف ئي ڪانہ آهي. شعبان جي مهيني ۾ سندس ناچاقيءَ ۾ اضافو ٿيو. تاريخ تيرهين اپريل 1987ع تي روهڙيءَ ۾ دم ڏنائين. جِتي سندس آخري آرام گاهہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪيس ڪوهہ ندا جو سڏ بہ هن بيت ۾ ٿيو هُجي:

اوڏڻ اوڏي آءٌ، توکي لاکي ڪوئئو،
تہ لهي تو مٿاءُ، سندو مٿيءَ مامرو.

◊ ادل سومرو

# مائي بيگم فقيرياڻي

ادل سومرو

ڏکن سکن جي ڏيهہَ ۾ انسان پنهنجي زندگيءَ جو سفر مختلف آسن اُميدن خوابن ۽ سهارن جي آسري تي جاري رکيون پيو اچي ــ ڪڏهن تہ ائين بہ ٿئي ٿو جو انسان حياتيءَ جي رُجَ ۾ مايوسي جي چادر پائي ويهي ٿو رهي هن جون اکيون آگم جا خواب ڏسڻ بدران، ڏکن جي اثر هيٺ لڙڪ لاڙن ٿيون، اِها حياتي هميشہ ڊپ جي ڇانوَ ۾ گذري ٿي. ڊپ يا خوف جنهن دل ۾ واسو ڪري ٿو اُها اُجڙي وڃي ٿي. اُهي انسان جيڪي دردن جي ديسَ ۾ رهندي بہ پنهنجي ڇهري تي مرڪ سجائي، سُونهن، سُرَ ۽ سرهاڻ سان سڪ رکن ٿا، اُنهن لاءِ حياتيءَ جون سوڙهيون گهٽيون، شاهراهہ بڻجي وڃن ٿيون.

شاعر، موسيقار مصور ۽ راڳي پنهنجي پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ وسيلي ماڻهن جي ڏُکي دلين ۾ مرڪن جون مکڙيون ٽڙائڻ سان گڏ انسانن کي حياتيءَ سان پيار ڪرڻ سيکارين ٿا ۽ مايوس انسانن کي آٿت ۽ حوصلو بخشين ٿا.

هلندڙ صديءَ جي شروعات ۾ روهڙي لڳ سنڌوءَ جي سيني تي، ننڍن ٻارن جان ڪُڏندڙ ٻَتيلن مان هڪ اهڙو دلسوز آواز اُڀريو جنهن ٿوري عرصي اندر آسپاس جي واهڻن ۽ وستين ۾ پنهنجي سُريلي آواز جي سُرهاڻ ڦهلائي ڇڏي. اُهومن موهيندڙ عوامي آواز هو ”مائي بيگم فقيرياڻيءَ“ جو.

مائي صاحبہ جو پورو نالو بيگم هو پر لطيف سائينءَ سان بيحد عقيدت هئڻ سبب پاڻ کي لطيف سائينءَ جي فقيرياڻي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندي

هئي. اهڙي ريت شاهہ لطيف جي اِها طالب پنهنجي مرشد جي محبت جي حوالي سان بيگم فقيرياڻيءَ جي نالي سان سُڃاتي ويندي هئي.

سندس جنم سن 1915ع ۾ پنني عاقل تعلقي جي رضا ڳوٺ ۾ مسڪين ميربحرن جي گهر ۾ ٿيو. سندس والد هارون فقير پنهنجي تڙ جو ناميارو راڳي هو. بيگم فقيرياڻي جي خاندان جو جياپو انهن بتيلن سان هو جيڪي ڪڏهن رضا ڳوٺ وٽ پتڻ ڪندا هئا تہ ڪڏهن وري روهڙي ۾ ستين جي آستان وٽ اچي بيهندا هئا. مائي صاحبہ جو ننڍپڻ انهن بتيلن تي سنڌوءَ جي لهرن تي لُڏندي گذريو. پنهنجي والد هارون فقير جي، راڳ جو اثر، مائي بيگم فقيرياڻيءَ تي بہ ٿيو. ائين ڪٺي ڇئجي تہ پيءُ جي ذات جي حصي مان ڪجهہ پتي مائي صاحبہ کي ملي. انهيءَ وقت ۾ پنني عاقل جي ڳوٺ ”ڪٽن“ جي مائي غلام فاطمہ ”لعل“ جو نالو هِڪَ فنڪاره ۽ شاعره جي حيثيت سان پسگردائيءَ ۾ گهڻو مشهور هو. مائي غلام فاطمہ لعل جو مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي وڏڙن سان گهرو رستو هو. ۽ وٽن اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. والد صاحب جي اثر ۽ غلام فاطمہ لعل جي صحبت، بيگم فقيرياڻيءَ کي راڳ ڏانهن رغبت ڏياري. اهڙيءَ ريت مائي صاحبہ مٽن مائٽن جي شاديءَ جي موقعن تي مولود يا سهرا ۽ لاڏا چوڻ شروع ڪيا ۽ اهو سلسلو اڳتي وڌندو ويو.

مائي بيگم فقيرياڻي سٺي آواز جي مالڪ هئڻ سان گڏ هڪ بيحد حساس دل شاعره پڻ هئي. سندس لکيل ڪافيون ٿوري تعداد ۾ موجود آهن. پاڻ پنهنجيون ڪافيون بہ ڳائيندي هئي تہ اُنهن جي ڌُن وغيره بہ خود تيار ڪندي هئي. گهڻن خوبين جي مالڪ اِها عوامي فنڪاره ۽ شآعره نہ صرف پنهنجي آسپاس جي شهرن ۾ فن جو ڏياتيون روشن رکيون، پر پنهنجي ذات جي ميتا اسلام آباد، مري، بهاولپور، لاهور، ملتان ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ پڻ ڪرائي. سندس انهيءَ عوامي مقبوليت کي ڌسندي اسلام آباد جي لوڪ ورثي واري ثقافتي اداري پاران سندس آواز جون تي عدد آڊيو ڪيسٽس ۽ هڪ وڊيو ڪيسٽ رڪارڊ ڪئي وئي. ڪافي تعداد ۾ آڊيو ڪيسٽس جي رڪارڊنگ سندس آواز ۾ موجود آهي. ان ڪانسواءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي، انٽرويوءَ جي وڊيو ڪيسٽ پڻ رڪارڊ طور محفوظ آهي.

مائي صاحبہ جي پنهنجي عوامي انداز واري آواز جي جيئن هڪ منفرد سڃاڻپ هئي تيئن سندس شخصيت بہ ٻين فنڪارن کان بنهہ نرالي هئي. پاڻ سچي حياتي ڪاري لباس ۾ گذاريائين ۽ ڪڏهن ڪنهن ٻئي رنگ جو ڪپڙو نہ پاتائين. هميشہ عجز عاجزي ۽ انڪساري ۾ گذاريندي هئي, گهمنڊ ۽ غرور کي ڪڏهن ويجهو اچڻ نہ ڏنائين. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ کي فقيرياڻي سڏائڻ پسند ڪيائين, ڇو تہ انهيءَ لفظ ۾ سادگي ۽ نئڙت آهي ۽ تڪبر انهيءَ لفظ جي ويجهو اچي نٿو سگهي.

وڏي وڏائيءَ کي, همت ساڻ حقيرَ

فڪر منجهہ فقيرَ, پُهتا پرينءَ پار ڏي

عوامي انداز ۾ ڳائڻ ڪانسواءِ مائي بيگم فقيرياڻي کي ڪلاسيڪي راڳ جي بنيادي ڄاڻ بہ هئي. ان سلسلي هُنَ لاڙڪاڻي جي اُستاد جان محمد کان تربيت حاصل ڪئي. سيني ديسي راڳن جهڙوڪ سورٺ, راڻو ڪوهياري ۽ پيروي وغيره تي مائي صاحبہ کي ڪافي عبور حاصل هو. اڪثر ڪري سندس ڳائڻ جو وقت رات 8 بجي کان سج اُڀرڻ تائين هوندو هو. عارفاڻي ڪلام سان کيس دلي لڳاءُ هو. ان ڪري هميشہ شاهہ لطيف, سچل سرمست ولايت شاهہ, بيدل, بيڪس, غلام فاطمہ, ٻيڏل فقير, خوش خير محمد ۽ ٻين صوفي شاعرن جو عارفاڻو ڪلام ڳائيندي هُئي. ڳائڻ وقت محفل تي سندس آواز جو جادو ڇانئجي ويندو هو ۽ ماڻهو وقت وساري ٻُڌڻ ۾ ايترو تہ گم ٿي ويندا هئا جو کين مهل جي خبر تڏهن پوندي هئي جڏهن سج اڀرڻ جا آثار ظاهر ٿيندا هئا. هو مسڪسن مارن ۽ عوام جي بيحد مقبول فنڪاره هئي ان ڪري ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ سندس فن جا عقيدتمند گهڻي تعداد ۾ موجود آهن.

مائي بيگم فقيرياڻي جي فنڪارانہ صلاحيتن جي اعتراض طور 1986ع ۾ شباب آرٽس ڪائونسل خيرپور پاران سچل سرمست ايوارڊ ۽ سنڌ اسپيڪرس فورم شاخ روهڙي پاران بيدل گولڊ ميڊل 1984ع ڏنو ويو. ريڊيو پاڪستان خيرپور پاران آگسٽ 1986ع ۾ سندس آخري انٽرويو ۽ ڪافي رڪارڊ ڪئي وئي. بعد ۾ مائي صاحبہ جي طبيعت عليل ٿي پئي. آخرڪار انهيءَ علالت واري حالت ۾ هيءَ

عوامي فنڪاره ۽ شاعره هن فاني جهان ۽ فن جي دنيا کي هميشہ لاءِ الوداع چئي هلي وئي ــ سندس آخري آرامگاهہ ميمڻ محلي روهڙيءَ جي قبرستان ۾ آهي. سندس فرزند پروفيسر درگاهي ميراڻي ۽ پوٽو اختر درگاهي سٺي شاعر هئڻ سان گڏ دلسوز آواز جا مالڪ پڻ آهن.

مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو دلسوز آواز اَڄُ بہ جهنگ جهر ۾ ٻُري ٿو. سندس سُر جي سُرهاڻ جيستائين ڦهلبي رهندي، تيسين سندس نانءُ عوامي دلين ۾ محفوظ رهندو.

ٻُرندا رهندا جيسين جڳ ۾ درد پريا آواز
تيسين رهندي سُونهن سُندرتا، ساهہ ۾ رهندا سازَ

◊ **فقير مٺل مسرور**

# صوفين جي باغ جي ڪوئل

پنهنجي حياتيءَ ۾ جيڪا باڪمال شخصيت مون ڏٺي اُها هئي ”مائي بيگم“ جنهن جو فقط ائين نالو وٺڻ مونکي لائق نہ آهي، فقط تعارفي طور ائين لکيو اٿم، مغفوره مائي بيگم، پنهنجي دور جي اهڙي شخصيت هئي. راڳ ڳائيندڙ عورتن مان، اَمي بيگم فقيرياڻيءَ کي ئي مائي بيگم جي نالي سان سڏيو ويندو هو. جڏهن تہ اُنَ دور جون ڪافي راڳي عورتون ٻائُون سڏبيون هيون، مثال طور جيوٽي ٻائي يا مولي ٻائي وغيره....... منهنجي خيالَ ۾ سندس شرافت ۽ فقيري رهڻ جو اِهو اعزاز هو، سيڪو ماڻهو اَمي بيگم کي وڏي ادبَ سان مائي بيگم فقيرياڻي ئي سڏيندو هو.

پاڻ سدائين ڪارا ڪپڙا پائيندي هئي، هلڻ اٿڻ ويهڻ ۾ سندس صورت سدائين نماڻائيءَ جو ئي شاهڪار محسوس ٿيندي هُئي، مان جڏهن بہ اَمي بيگم کي ڏسندو هوس تہ ٿڌو ساهُ اُڀري ايندو هو..... تمام وڏي سوز گداز، هجر فراقَ جي تصويرَ هئي..... اَمي بيگم....! پاڻ هر وقت صوفياڻو ۽ عارفاڻو ڪلام وڏي عشق سان ڳائيندي هُئي. پر جڏهن حضرت لعل لطيف رحہ جي منتخب رومانوي داستان سسئي پُنهونءَ کي سُر ڪوهياريءَ ۾ ڳائيندي شروع ۾ هي بيتُ ضرور چوندي هُئي تہ روئاري وجهندي هُئي.

سَنجريس تان سور ـ سامايس تہ سُک ويا
اِهي ٻئي پور ــ مون نِماڻيءَ نصيب ٿيا
(حضرت لعل لطيف رحہ)

سَسئي جي پيءُ ماءُ ۽ نجومي جي ڪيفيت جڏهن پتڪڙي ٻالڙيءَ سسئي کي صندوق ۾ وجهي لوڙهڻ ۽ اُنَ لڙهندڙ صندوقَ کي ڏسي، ڳوڙهن ڳاڙڻ جو منظر بيتن ۽ ڏوهيڙن جي شڪل ۾ بيان ڪندي هُئي تہ ٻڌندڙ لُڙڪن سان آبيده نظر ايندا هئا. تہ عين انوقت سندس فن ڪان نڪري فڪر ۾ مبتلا ٿي ويجبو هو.... اَمي بيگم جي راڳ ڪوهياري ڳائڻ وقت اهڙا تہ انوکا آلاپ شامل ٿي ويندا هُئا، جيڪي ڪنهن ٻئي راڳ جا محسوس بہ ٿيندا هئا، پر سر ڪوهياريءَ جي آروهي ۽ امروهيءَ کان ڪڏهن بہ تجاوز ڪري نہ سگهندا هُئا...

اهڙي طرح، سُر سورٺ، سر راڻو، سر سهڻي ۽ سر مارئي چوڻ وقت بہ معمول ساڳيو ئي وضاحت ڀريو هوندو هو. ذڪر ڪيل موضوع ڪانسواءِ عارفانہ صوفيانہ ۽ همہ اوست جا ڪلام بہ وڏي جذبي ۾ چوندي هئي هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ اَمي بيگم فقيرياڻي جو شڪارپور ۾ حضرت حاجي لطيف شاهہ جيلانيءَ جي درگاهہ تي چونڪي جو پروگرام هو جِتي هر جمعي جو منجهند کان سو مهڻي تائين راڳ ٿيندو هو جنهن سبب ماڻهن جو زبردست ميڙاڪو ٿيندو هو. ان جمعي تي بابا مسرور رحہ چيو تہ: ”اج مائي بيگم فقيرياڻي جو راڳ آهي هل تہ توکي گهمائي اچان جڏهن گهران روانا ٿياسين تہ بابا اُتر طرف حضرت منو چهر شاهہ رحہ جي درٻار تي هلڻ بجاءِ شهر جي ڏکڻ طرف هلڻ شروع ڪيو. نيڪ روشن هجي تہ اڳ ۾ جيڪڏهن بابا سائين جمعي جي ڏينهن شڪارپور ۾ موجود هوندو هو تہ حضرت منوچهر شاهہ ڪانسواءِ ٻئي طرف هرگز نہ ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ اُتي سندس ٻيا هم خيال دوست ۽ راڳي باقاعدگي سان انتظار ۾ رهندا هئا. پر هن دفعي ڏکڻ طرف حضرت حاجي لطيف جي درگاهہ طرف پئي هلياسين، رستي تي هلندي، بابا مسرور ٻڌايو تہ، هيڏانهن شهر جي ڏکڻ طرف حاجي لطيف شاهہ سائين جو روضو آَٿئي. اسان هاڻي هن ڪامل اڪمل جيلاني بادشاهہ جي درٻار طرف هلي رهيا آهيون جِتي ئي مائي بيگم فقيرياڻي جو راڳ آهي، مثل! جيڪڏهن هڪ دفعو سندس راڳ ٻُڌ۽ تہ زندگي ڀر وساري نہ سگهندين.

المختصر درگاهہ شريف ۾ پهچندي بابا مسرور سائين وڏي عاجزي ۽ نوڙت ڪندي درگاهہ ۾ هڪ طرف ويهي هيءَ مناجات منڙي ۽ سريلي لهجي ۾ پڙهڻ لڳو.

نور ـ نبيؐ جو منظر حاجي لطيف شاهہ
اڪمل عجيب انور ـ حاجي لطيف شاهہ
گل باغ پنجتن جو ـ محبوب ذوالمنن جو
سالار دين سرور ـ حاجي لطيف شاهہ
دربار لاڙ بالي ملڪ ـ خدا جو والي
ڪل اوالياء جو افسر ـ حاجي لطيف شاهہ
جيڪو اچي سوالي ـ موٽي نہ مور خالي
آهي غريب پرور ـ حاجي لطيف شاهہ
روز ـ شمار شافي ـ ڪامل قريب ڪافي
نرمل نجات جو دَرُ ـ حاجي لطيف شاهہ
مسرور غم وساري ـ رهُہ شاد دل اُجاري
دم دستگير دِلبر ـ حاجي لطيف شاهہ

درگاهہ کان ٻاهر نڪرڻ وقت ڏٺوسين تہ هڪ طرف فقير ۽ درويش ويٺل هُئا. اُتي بابا سائين هلي پاڻ هڪدم مونکي پنهنجي پرسان ويجهو ڪري، پاڻ بہ ويهي رهيو ۽ مونکي بہ پير ۾ ويهاري ڇڏيائين. ان وقت سامهون راڳ واري ٿلهي تي هڪ تمام نفيس ۽ سَنهڙي جسم سان ڪارن ڪپڙن ۾ ملبوس مائي راڳ ڪري رهي هئي. سندس منڙي ۽ بلند آواز منهنجي دل کي تمام گهڻي راحت پئي ڏني ان سبب مان بابا کان پڇيو تہ "هيءَ مائي ڪير آهي" ڪيڏو تہ هن جو منڙو ۽ بلند آواز آهي" ان پڇڻ دوران مون ڏٺو تہ . بابا جا چشم لال ۽ آبيده لڳم. ان وقت بابا جلد جواب ڏيڻ جي ڪيفيت ۾ نہ هو ان ڪري ٿورو دم جهلي چيائين تہ "هيءَ مائي بيگم فقيرياڻي آهي ڪيئن راڳ وَٽئي ٿو"؟ ائين چئي مون کي پنهنجي هنج

۾ ڪٽي ويهاريائين. ايتري ۾ اَمي بيگم راڳ ڇڏي ختم ڪري ورتو هو. ۽ ان سبب ماڻهن جا ٽولا ٽڪرا ٽڪرا، اسانجي بينڪ واري هنڌ تان واپس پئي ويا، واقعي ٿي جيڪڏهن بابا مونکي ڪٽي هنج ۾ نہ ويهاري ها تہ موٽندڙ ماڻهو مونکي لتاڙي وجن ها.

واپسيءَ تي بابا ٻڌايو تہ سڀ ماڻهو مائي بيگم جي راڳَ تي عاشق آهن، جڏهن بہ مائي بيگم جي اچڻ جي خبر، شڪارپور جي ماڻهن کي پوندي آهي تہ ماڻهن جي ائين ئي پيڙ مچي ويندي آهي. نيڪ روشن هجي تہ اَمي بيگم جي اولاد جي عمر مطابق، منهنجي بہ عمر هُئي. اَمي بيگم اڪثر لباس ڪارو پهريندي هُئي، جيڪو منهنجي دل کي ڏاڍو وڻندو هو خاص طور جڏهن سندس راڳ ٻڌڻ ويندو هوس تہ مان بہ ڪارا ڪپڙا پائيندو هوس.

هڪ دفعي اَمي بيگم جي، محفل، ذڪر ڪيل بزرگ حاجي لطيف شاهہ جي درگاهہ تي جاري هُئي جِتي مان بہ پهچي بابا جي دوستن سان هڪ ڪبڙ جي وڻ هيٺان وينو هوس، ان دوران ڪبڙجي وڻ مان بُلبلين جي ٻولي ٻُڌڻ ۾ آئي. ان وقت پاڻ ٻيدل فقير جو هِي ڪلام سو سورٺ ۾ ڳائي رهي هئي.

تنهنجي اکڙين جي اسرار هزارين حيران ڪيا.

اِنَ دوران مٿي ڪبڙ جي وڻ ۾ ويٺل بُلبلين جي لات ائين پئي لڳي، ڄڻ اِن سر سورٺ جي آواز سان بلبلين جي لات سازن جيان سنگت ڪري رهي هئي..... مان اُنَ وقت ان سرور سبب پنهنجيون اکيون ٻوٽي لطف وٺي رهيو هوس. اچانڪ بابا جي دوستن مان ڪنهن دڙڪو ڏئي چيو تہ ”ننڊ وري ڇو ٿو ڪرين، مائي بيگم جو راڳ ٻڌندين يا ننڊ ڪندين“، مون ڪين چيو تہ ”وڻَ مان بلبلين جا آواز تہ ٻڌو، مون ڏٺو تہ اهي بابا جا دوست امي بيگم جي راڳ ۾ ايترو محو هئا، جومنهنجي ان چوڻ طرف هنن ڌيان ئي نہ ڏنو. اُتي اسان سان گڏ ا ستاد منظور علي خان جو سهرو، استاد قلندر بخش ربابي بہ ويٺل هو جيڪو پاڻ بہ زبردست گويو هو. تنهن چيو تہ ”هي بلبليون بہ مائي بيگم جي راڳَ ۾ محو آهن، پُٽَ اِهي اهڙي تہ محويت ۾ اچي

ويون آهن، جو هن طرف جهڙو آواز نڪري ٿو. تہ اهو هنن بلبلن جي لات مان ساڳئي سر ۾ رڌم سان اَچي ٿو. اِهو رنگ سڀ ڪنهن راڳي جي راڳ وقت نہ ٿيندو، اِهو فقط ڪنهن شِري مُني مهان بيراڳي جي ڳائڻ وقت ئي ٿيندو آهي.... ان بعد حق موجود ڪندي چيائين مان هاڻي، پُٽ سماڌ آشرم ويندس، ائين چئي اُٿي هلڻ لڳو جنهن سبب مان بہ سندس اَدب ۾ اُٿي بيٺس.

واهہ نصيب، ڇا ڏسان تہ اَمي بيگم، اسانجي بلڪل نزديڪ ڪنهن ٻڏندڙ جي ويجهو پهچي ڪيس ڏوهيڙو ٻڌائي واپس وڃي رهي هُئي، ان وقت منهنجيون اکيون بہ منجهس کُپي ويون هيون، خبر تڏهن پئي جو اَمي بيگم هڪدم منهن ورائي مونکي مٿي کان جهلي نرڙ تي چُمي ڏني. اهڙي طرح پوءِ سازندن طرف مُنهن ڪري هلي وئي، المختصر مان ڪيترو زمانو اُن چُميءَ واري هنڌ تي ٿڌاڻ محسوس ڪندو رهندو هوس جيئن ڪنهن مامتا ڀري امڙ جي دُعا واري چُمي هُجي.

ڪيترن ڳائڻن ۽ ڳائڻين کي مون ڏٺو ۽ ٻڌو، جيڪي مهل بي مهل، جتي ڪٿي راڳ جي واري وٺڻ لاءِ بيتاب هوندا هئا، پر اَمي بيگم سيني کان منفرد ۽ صوفي مسلڪ جي شخصيت هُئي، ڪڏهن بہ کيس جلدبازي ڪندي نہ ڏٺو هوم.... اَمي بيگم پنهنجي آخري دور ۾ حضرت بيڪس عليهہ رحمت جي ميلي واري ڏينهن اَچي وئي، کيس ڏسي، منهنجي تہ خوشيءَ جي حد نہ رَهي، سو سندس ويجهو اَچي پيرين پَيُس ۽ کيس عرض ڪيم تہ اَمي بس اڄ وڏو مزو ايندو جڏهن هتي چونڪي ڪندؤ. تنهن تي چيائين تہ ”پُٽ مِنا، مون کي ياد آهي تہ ڪنهن وقت بابا مسرور توکي چوندو هو تہ ”کو ٻلا ڳالهہ ڪجهہ سمجهندو ڪر“ مون تہ سندس اَدب ۾ ڪٽي ماٺ ڪئي. پاڻ مونکي ٿورو ڏکيارو محسوس ڪندي وري بہ اڳ وانگر نرڙ تي چُمي ڏنائين ۽ چيائين تہ ”مِنل پُٽ هن درگاهہ تي عورت جي راڳ جو امر ناهي، مان تہ هِتي پنهنجي صحت سلامتي جي دُعا لاءِ آئي آهيان ساڳئي سال هڪ مهينو بعدشوال جي چوڏهين تاريخ حضرت انباهہ ۾ حضرت سخي صوفي فيض درياءَ

عليہ رحمت جي ميلي ۾ وڃڻ ٿيو. ميلي دوران فقراھ جو صحبتون، راڳ روپ ٻڌندي رات جو پوبون پَهرُ ٿي ويو..... اچانڪ ان وقت پريان سر سهڻي ۾ ٻڌڻ ۾ آيو.

ڪاري رات ڪچو گهڙو- اُڏَتيهن اونداهي
چنڊ نالي ناھ ڪو - درياءَ ڏَڙ لائي
اهي ڪم الاهي - نہ تہ ڪُنن ۾ ڪير گهڙي

مون يڪدم پرڪي ورتو تہ هي آواز تہ اَمي بيگم جوآهي، سو پنهنجي شامل دوست کي چيم تہ "اُتِ تہ هلي اَمي بيگم جو راڳ ٻُڌون ۽ ڪيس پيرين پَئون" اِنَ تي هن فقير دوست چيو تہ "اِهو پوبون پَهرُ فقط مائي بيگم فقيراڻي، داتا دستگير جي چونڪي ڪندي آهي، جيڪي ماڻهو سُمهيل ۽ آرامي هوندا آهن سي بہ هڪدم اُٿي سندس راڳ ٻُڌندا آهن. اِنَ وقت مالڪ گادي نشين سان گڏ رياضت وارا فقير بہ اِهو راڳ باقاعدگيءَ سان ٻُڌندا آهن..... بهرحال اسان بہ هڪ هنڌ سندس ويجهو اَچي ويراڳ مان لطف اندوز ٿياسين. ان رات اَمي بيگم، حضرت سچل رحہ، حضرت بيدل رح ۽ حضرت بيڪس رحہ جي ڪلامَ بعد، حضرت ميرل فقير فيض درياء، سيد صالح شاھ رحہ جيلاني راڻيپور واري ۽ مرشد سيد ولايت علي شاھ داتا دستگير جو ڪلام ڪثرت سان ڳايو هو. اهڙي طرح آخري ڪلام راڳ آسا ۾ چيائين جنهن جا ٻولَ هن طرح هُئا.

اِجو يارُ آيو- اوهين ڇا ٿِيون پانيو
پياريو پياسن - صبح جو سوايو
صوفي خير محمد رحہ

آسا جي پوري ٿيڻ بعد، اجتماعي دعا ٿيندي هُئي، پر هن دفعي دعا کان اڳ ۾ ئي پريان ڪنهن فقير بلند آواز ۾ صَدا ڪئي تہ "بابا بيگم فقيرياڻي، هڪڙو ڪلام ڏنا سري جو بہ ٻڌايو ڇو تہ اِنَ راڳَ جو وقت بہ اَچي ويو آهي.... اِهو

ٻُڌڻ شرط اَمي بيگم، حضرت بيدل سرڪار جو هي ڪلام راڳ ڌناسريءَ ۾ چَوَڻُ شروع ڪيو.

سجدا ڪيتا ساڏي ساهه ــ رانجهي نون وز ازل وچ سنئيان

ڪلام پوري ٿيڻ سان داتا دستگير جو نعرو بلند ٿيو ۽ راڳ جي رات واري محفل پوري ٿي ته اسين اَمي بيگم سان ملي، ٿورو درگاهه جي صحن ۾ ٻه ٽي پير ڪٽي اڳي ٿياسين ته بلڪل سامهون استاد هادي بخش ميمڻ، جيڪو پاڻ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جي ڪافي گويين جو استاد هو ڏسڻ ۾ آيو. جنهن سان نياز نوڙت ڪندي وچي ملياسين اُستادُ اُنَ دورَ ۾ بنا ناغي اَسان وٽ قرب ڪري ايندو هو سر سنگيت جي تعليم ٻه ڏيندو هو. پاڻ ملڻ شرط فرمايائين ته "منل! مائي بيگم جو راڳ ٻُڌُءِ؟ مون استاد کي ڪجهه چوڻ مناسب نه سمجهيو ـ چاڪاڻ ته استاد هادي بخش پاڻ وڏو گوَيّو هو ۽ ساڳي وقت سر سنگيت جي تعليم ڏيڻ جو به ماهر هو ۽ خاص طور ڪلاسيڪل انگ کي وڏيڪ اهميت ڏيندڙ هو. بعض جيڪڏهن ڪنهن غزل يا ڪافيءَ کي ڳائيندو هو، ته سندس انداز ڏاڍو مشڪل ۽ پيچيدو هوندو هو.... مون سوچيو پئي ته هي فقيراڻو راڳ ان اڳيان ڪهڙي اهميت رکندو هوندو اِهوئي سبب منهنجي ماٺ جو هيو. پر ڳالهه منهنجي اندازي جي بلڪل برعڪس نڪتي. بهرحال پاڻ استاد هادي بخش ڪان رهيو نه ٿيو سو مونکي ڏسي چيائڪين ته مِنل! ڪمال آهي مائي بيگم جو ڪيئن ته راڳ ڌناسري کي پيروي ۽ پيرو ڪان بچائي راڳ جي صورت برقرار رکي اٿس اهو ڪم، ايڏو ته مشڪل آهي، جو وڏا وڏا گويّا به ان راڳ ۾ ٿڙي ويندا آهن."........ استاد جا اِهي لفظ ٻُڌي وڏي خاطر جمعي نصيب ٿي. اَمي بيگم جي تعريف ۾ هيڏي وڏي گويئي جا اِهي لفظ، خوشبودار گلن جي مهڪار وانگر منهنجي ذهن ۽ دل جي فرحت جو باعث بڻجي ويا.

حضرت داتا ولايت شاهه عليه رحمت انباهه شريف وارو فرمائيندو هو ته "فقيرياڻي مائي بيگم صوفين جي باغ جي سدا بهار ڪوئل آهي."

مان پاڻ جڏهن بہ حضرت انباهہ ۾ اَمي بيگم سان اچي ملندو هوس تہ پاڻ هميشہ هي جملو چوندي هئي.

ويهہ داتا جي در تي لنگها لاهي لَڏَ

وقتي طور ساڻس ڪو نئون راڳي ويٺل هوندو هو تہ ان ڪي منهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي چوندي هئي تہ "ابا هي مٺل فقير، اسانجي فقير مسرور جو پٽ آهي، ۽ پنهنجي بابي وانگر پنهنجي مرشد بابا بيدل سرڪار جو ديوانو آهي".....

اَمي بيگم جي زبان مان اِهي تعريف وارا لفظ ٻُڌي جڏهن منهنجو ڪنڌ جهُڪي ويندو هو تہ هلڪڙو ٽهڪ ڏئي، مونکي ڪاڏي کان وٺي منهنجي منهن کي ٿورو مٿي ڪري چوندي هُئي "مِٺا منهن تي مان ڏي ڪر، منڙو نري".... ڪيترا ڏينهن سندس اِهو جملو منهنجي من مندر ۾ گردش ڪندو رهيو. پر هڪڙي وقت سندس ذڪر ڪيل لفظ هڪ ڪافيءَ جو روپ وٺي نمودار ٿي پيا.

مِٺا منهن تہ مان ڏي ڪر ــ منڙو نري
تنهنجي نيٹن مان پيئان جامَ پري

(طبع زاد)

بهرحال ڳالهيون ڳُٺن پريون، جيڪي سانديل آهن ساهہ ۾ هِتي ڪافي ٿورڙيون پيش ڪري سگهيو آهيان. آخر ۾ سندس لاءِ اِهو چوڻ ضروري ٿو سمجهان تہ "مائي بيگم فقيرياڻي، ثقافت، تصوف ۽ معرفت جو مجسمو هُئي.....! پاڻ بہ ڪڏهن ڪڏهن هي بيت چوندي هُئي.

ماڻهو سڀ نہ سهڻا ــ پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ ــ اچي بوءِ بهارَ جي

◊

◊ غلام قادر "منصور" ميراڻي

# مائي بيگم فقيرياڻي

سنڌ ۾ اهڙا ڳائيندڙ هئا ۽ آهن جيڪي نہ خانداني راڳندڙ نہ ڪنهن ڪان راڳ جي سکيا ورتل نہ وري رات جو پوئين پهر اٿي رياض ڪيائون. اهڙن راڳين ۾ هڪ نالو مائي بيگم فقيرياڻي جو آهي. جيڪا ست پيڙهائتي ٻيڙائت هئي، پاڻ ٻالپڻو ٻيڙيءَ جي هنج ۾ ماءُ جي جهولي وانگر جهوتي گذاريو. آڳل، پاڇل تي ڪيڏي جوان ٿي ڪافي سالَ جر جاٿون ڏٺيون. سندس وڏڙا تڙ ڏٺي ها. سنڌو جي ڪنن جا ڄاڻو تار. تانگهي مان ٻيڙي اڪيري. پور سلامتي سان پار پهچائڻ سندن ڪرت هئي. رضو واري تڙ جا پاڻٺي ڪڏهن وري لانوارا لڙهيون هٽي پنو عاقل جي واپارين جو سامان ڪٽڻ ستين واري تڙ (لڳ روهڙي) تي ايندا تہ وري سڙهہ سنوان ڪري اوپاري الا توهار ڪندي اچي خير سان پنهنجي تڙ پهچندا. ملاحن جي ماحول ۾ مائي بيگم اندر جي اوناهين ۾ آواز جي آلاپ ڪي سانديو پئي آئي.

ان وقت جي رسمن رواج موجب، هڪ عورت ڳائڻي جيڪا اترئين سنڌ جي مشهور مائي، فاطمہ موچاڻي يڪتاري تي ڳائيندي هئي. پنهنجي پيءُ "لال" جي نالي ڪلام ٺاهي وجي راڄن ۾ شاديون ٻنيءُ مرادون. ڳائي وڃائي ايندي هئي. اها ڳائڻي پنهنجي تر ۾ "لال" موچاڻي جي نالي سان مشهور هئي. ڳوٺ ڪٽن رضوءَ واري تڙ پرسان وينل هئي. سا مائي موچاڻي تڙ پوڃا ڪرڻ خاطر سنڌوءَ جي ڪناري قطار ۾ بينل ٻيڙن تي بہ شاديون توڙي ڇٽي ۾ رڳو خبر پوڻ تي وڃي پهچندي هئي. جنهن جي مائي بيگم جي ماءُ ۽ نانيءَ سان نياز مندي هئي.

ٿوري عرصي ۾ بيگم فقيرياڻي جي نالي سان نروار ٿي، ۽ پاڻيءَ واري زندگي ڪانسواءِ ڪيس سڪ تي سڏ اچڻ لڳا. ان وچ ۾ مائي بيگم باقاعدي پنهنجي استاد مائي لال موچاڻي ڪان فقيريءَ جو ڏاڪو ورتو. ڪارو ويس ڪننو ڳچيءَ ۾ سندس ڪارو رنگ، قد پورو پنو منهن ڪشادو، ڳچي ڊگهي، مردن ۽ مائن جي محفل ۾ اٿي بيهي ڪن تي هٿ رکي ڪري جو الوميان تہ جو جاتي سو تا تي سانت، هرڪو ٻڌڻ لاءِ آتو اوڙي، پاڙي پر سجي تر ۾ اها شادي چِٽي ڪهڙي جو بيگم فقيرياڻي نہ هجي، ان حد تائين، مرحوم رشيد ڀٽي، مائي بيگم جي مرتئي تي جيڪو لکيو هو ان ۾ ڪيس پنهنجي سؤٽ جي پٽ جي طهر تي ٻڌڻ جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ رشيد ڀٽي تہ ان حد تائين لکيو آهي تہ مائي بيگم، الله وسائي، الله رکي، ۽ جيوڻي، ڪانپوءِ پنهنجو مٽ پاڻ هئي، هوندئن بہ سندس ڄم جي تاريخ جي ڪا پڪ ڪانہ آهي پر هڪ اندازي موجب 1915ع ڌاران جائي، سندس ڳائڻ واري زماني ۾ سنڌي راڳ جا هي بيتاج بادشاهہ استاد الله ڏنو خان نوناري، سائين ڪنور رام، چندر وغيره بہ ڳائين پيا پر انهن جي هوندي، پنهنجو نالو پيدا ڪري انفراديت قائم رکيائين، لطيف سائين جي پانڌياڻي هئي، پر جڏهن کان ڳائڻ شروع ڪيائين تہ هر سال ميلي تي ويندي هئي ۽ ميلو گل ڪري موٽندي، پنهنجي ويجهي تر ۾ ڀٽائي جي ڪا بہ ٿهائي نہ ڇڏيندي هئي، جِتي بہ خبر پيس وڃي پهچندي هئي ۽ حياتي ۾ فقير نور محمد لاڙڪ پير جو ڳوٺ پرسان سدائين ان جي ميلي تي ايندي هئي، تئي، تئي ڏينهن چوڪي ڏئي پوءِ موٽي ايندي هئي، اهو فقير سندس استيادياڻي مائي موچاڻي جو مرشد هو پر لطيف سائين سان تہ سندس نينهن هو. ڳائڻ دوران ”لال“ ڀٽائي ۽ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن جا ڪلام سنجيدگي سان ڳائيندي هئي، وڏي ڳالهہ تہ پاڻ بہ شاعري ڪيائين. صفا فقيرياڻي ڪنهن جي ڪاڻ نہ ڪڍيائين، اهو ئي سبب هو جو ڪيس جيئري سرڪاري ڪامورن ٽي – وي، ريڊيو ۽ ٻين سرڪاري نگراني ۾ ٿيندڙ ميلن تي نہ سڏايو پر هن پنهنجي ليکي، لوڪ گائيڪي ۽ سهرا ڳائي ثقافتي سونهن وڌائي راڳ جي دنيا ۾ هڪ نئون اواز ۽ اندازُ پيدا ڪيو – لوڪ ورثي ثقافتي اداري اسلام آباد پاران سندس هڪ وڊيو ڪيسٽ ڪجهہ آڊيو ڪيسٽ ڀريون. 1984ع ۾

سنڌالاجي آواز ۾ انٽرويو رڪارڊ ڪيو. حيدر آباد ريڊيو اسٽيشن وارن چار ڪلام رڪارڊ ڪيا ۽ ريڊيو خيرپور وارن 1986ع دوران هڪ ڪلام ۽ انٽرويو رڪارڊ ڪيو. سنڌ جي منفرد ۽ جنهن جي آواز جي ڪوڪ هو بهو ڪوئل وانگر هئي ڪڏهن به ٽي ــ وي تي نه آئي، مائي بيگم نه فقط ڳائڻي هئي پر هڪ ساجهه ڀري سگهڙ به هئي، جنهن پنهنجي جيئري ئي پونئيرن ۾ سماجي شعور پيدا ڪيو. سندس وڏو پٽ ــ پروفيسر درگاهي ميراڻي، شاعر گل حسن ميراڻي (لوڪ فنڪار) اختر درگاهي (شاعر، فنڪار، محقق) ادب ۽ ڳائڻ واري فن ۾ سندس نالو هميشه جيئرو رکندا. کيس حياتيءَ ۾ سچل سرمست ايوارڊ 1982ع ۾ بيدل گولڊ ميڊل 1984ع ۾ مليا ۽ اهڙي طرح هن 13 اپريل 1987ع تي لاڏاڻو ڪيو.

◊ **رحيم بخش مهر**

# مائي بيگم فقيرياڻي

سنڌ سُونهاري ۾ ڪوڙ ساريون اهڙيون عورتون ٿي گذريون آهن جن آواز جي دُنيا ۾ پنهنجو نالو ڪمايو پر انهن ۾ ”مائي بيگم فقيرياڻي“ منفرد ۽ ممتاز آهي ۽ سندس نالو فن جي دنيا ۾ مٿانهون آهي ـ مائي بيگم جو روحاني واسطو شڪارپور ضلعي ۾ چڪ ڳوٺ لڳ حضرت هنباھ جي درگاھ سان هُيو. اُهو هنباھ جِتان جو حصرت ولايت علي شاھ جيلاني هڪ شاعر ۽ ولي الله ٿي گذريو آهي. مائي صاحبا سدائين ڪاري ويس ۾ هوندي هُئي. بيگم فقيرياڻي ميربحر ۽ ٻيڙائت هُئي جن جا گهر ٻيڙين تي هوندا هُئا. اسانجو ڳوٺ بہ عزيز پور يونين ڪائونسل نوراجا پوسٽ سومرا آهي ـ اسانجي ڳوٺ جي اولهہ ۾ سنڌو درياھ جو وهڪرو وهي ٿو. جڏهن درياھ جو چاڙهہ هوندو هو تہ ٻين ميربحرن سان گڏ ”مائي بيگم“ جا وڏا بہ پنهنجون ٻيڙيون درياھ مان ڪڍي عبدالله شاھ جي ڍنڍ ۾ ايندا هُئا. اسانجا وڏا پڻ راڳ ويراڳ جا شوقين هيا ۽ پڻ صوفي خيال جا ماڻهو هيا خاص طور تي اسانجو ڏاڏو ”گُلڻ خان مهر“ ـ منهنجو والد نالي بهاول خان مهر جو سگهڙ شاعر ۽ فاريسٽ کاتي ۾ گارڊ هيو. منهنجا چاچا مرحوم ڏٽي بخش مهر، مرحوم احسان مهر، مرحوم واحد بخش مهر، مرحوم رسول بخش مهر ۽ چاچو ڪريم بخش مهر، مائي بيگم فقيرياڻيءَ جا همعصر هيا ۽ اُنهن جو مائي صاحبا جي خاندان سان ويجهو ناتو هيو.

مون مٿي عبدالله شاھ جي ڍنڍ جو ذڪر ڪيو تہ انهيءَ ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي مِٽيءَ جو هڪ ٿلهو هو مائي بيگم فقير ياڻي ان جاءِ تي ڳائي هُئي. انهن جي

وڏن جو تعلق اسان سان تمام گهاٽو ۽ گهڻو هيو. حد اها آهي تہ مائي صاحبا جي آڪهہ اسانجي ڳوٺ ۾ ايندي ويندي هُئي جڻ تہ اسان سڀ هڪ گهر جا ڀاتي هُئاسون اهو تعلق مائي صاحبا جي حياتيءَ تائين جاري رهيو. مائي صاحبہ اسانجي ڳوٺ ۾ جائي ۽ ڪيڏي ـ مائي بيگم سائين ولايت علي شاهہ هنباهي جي فقيرياڻي هُئي تہ ٻي پاسي منهنجي مرشد شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٻانهي بہ هُئي ـ مائي بيگم فقيرياڻي سنڌ جي ڪوئل ۽ عوامي فنڪاره هُئي. سنڌ جا سردار، زميندار، پير، مير، سڀ ڪيس ڄاڻندا، سُڃاڻندا ۽ سندس عزت ڪندا هُئا. مائي صاحبا جڏهن محفل مچائيندي هُئي تہ سنڌ جا مارو ماڻهو جهومي اٿندا هُئا تنهن وقت ريڊيو ۽ ٽي وي جو اوج نہ هيو ۽ هر هڪ سنڌي ماڻهو مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو مداح هُيو. مائي صاحبا جا ڪلامَ توحيد ۽ وجداني دنيا سان تعلق رکندا هُئا. اهي ڪلام صوفي رنگ ۾ چوندي هُئي. سندس هي ڪلام گهڻو عام ۽ مقبول ٿيو.

”محبت وڏو آ مامري نہ تہ ڪير ڪشالا ڪري“

مائي صاحبہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، مائي غلام فاطمہ موچاڻي، حضرت ولايت علي شاهہ کي خوب ڳايو. سچ پچ آءُ سندس روهڙيءَ واري اوطاق تي پنهنجو گهر سمجهي ويندو هُيس ۽ اُتي ويهي ڪانئس ڪلام ٻڌندو هُيس. سندس پُٽ درگاهي ديواني سان منهنجو تمام گهڻو پيار ۽ محبت هُئي ـ هو ڳائڻ ۾ بہ مور هيو تہ شاعر بہ بي مثال. ڪڏهن وقت مليو تہ پنهنجي ان دوست تي بہ لکندس، چو تہ زندگيءَ جا ڪوڙسارا سال هن سان سنگ ۽ سنگت ۾ گذاريا آهن. اج درگاهي ديوانو بہ ڪونهي، محبوب، محمد هاشم بہ ڪونهي، گُل گلڙو بہ ڪونهي پر اختر درگاهيءَ سان وڏن واري محبت جاري آهي. مائي بيگم فقيرياڻي وڏا ڪشالا ۽ محنت ڪري وڏي لوڪ ڪلاڪاره بڻي ۽ هن ريڊيو يا ٽي وي جو سهارو نہ ورتو. سنڌي ماڻهن جوڪو بہ خوشيءَ وارو ڏڻ هوندو هيو تہ مائي صاحبا جو اُتي هجڻ ضرورت پئجي ويندي هُئي. جنهن محفل ۾ مائي صاحبا نہ هوندي هُئي اها محفل بي مزي هوندي هُئي. اج اختر درگاهي، مائي صاحبا جي آستان تي ۽ ان جي مسند تي ويٺل آهي،

شاعر بہ آهي، محقق بہ آهي تہ بهترين راڳي بہ آهي، مون وڏا وڏا فنڪار مائي بيگم فقيرياڻيءَ جي اوطاق تي ايندا ڏٺا جن ۾ اڄ جي وڏي فنڪارا عابده پروين بہ هُئي. مائي صاحبا جي ڏينهن ۾ تمام وڏا ۽ برک فنڪار موجود هُئا مگر مائي صاحبا جو انداز انهن سڀني کان نرالو هو. مائي صاحبا ۾ ڪا بہ وڏائي ڪانہ هُئي ـ امير توڙي غريب جي محفل ۾ هڪ جهڙو ڏيکاءُ ڏيندي هُئي.

◊ **سجاد ميراڻي**

# لطيف جي فقيرياڻي

ننگر ۾ ناڙيون پڳهہ ڪٽي پنڌ پيا
بندر بازاريون سُڃا سامونڊين ري
(شاهہ)

سر ۽ سنگيت جي دنيا ۾ سرزمين سنڌ جي ٻين خطن کان اڳڀري رهي آهي سنڌو ماتا اها ڌرتي آهي جِتي سُر تي سِرُ ڏنو ويو آهي. شايد ساري سنسار ۾ سنڌ ۾ ئي اهڙي قسم جو واقعو ٿيو هجي. جو هڪ چارڻ جي چنگ چورڻ تي وقت جي راجا راءِ ڏياچ پنهنجو ڪنڌ ڪپي ڏنو انهيءَ واقعي مان ئي اهو اندازو ٿئي ٿو هيءَ ڌرتي سر ۽ سنگيت جي قدر شناسن جو ديسُ رهي آهي ۽ رهندي پئي اچي.

اهڙي طرح ٻي طرف ڏسجي تہ سنڌو ماتا هميشہ ذاتِ ڏٽين جو ڏيهہُ رهي آهي هن ڌرتيءَ هر دؤر۾ ذاتِ ڏٽين کي جنم ڏنو آهي رُڳو موسيقيءَ جي دنيا ۾ ماضي قريب ڏي نظر ڊوڙايو تہ توهان کي بهترين ڪلاڪار ڏسڻ ۾ ايندا جن پنهنجي سنڌو ماتا جو پنهنجي فن سان مانُ مٿانهون ڪيو آهي. جن مان مائي بيگم فقيرياڻي بہ هڪ آهي. بيگم فقيرياڻي جو والد هارون فقير صوفي فقير ۽ سٺو ڳائڪ هو جنهن ڪري اهو چوڻ صحيح ٿيندو تہ بيگم فقيرياڻيءَ کي راڳ سندس والد کان ورثي ۾ مليل هو.

بيگم فقيرياڻيءَ جو جنم 1915ع ۾ ڳوٺ رضا محمد تعلقو پنو عاقل ضلعي سکر ۾ غريب ۽ مسڪين ميربحر جي ٻيڙيءَ تي ٿيو.

مان، بيگم فقيرياڻيءَ کي ڪيترا ڀيرا ٻڌو. پرياڻوءِ ۾ درگاهہ شريف حسين جي ميڙي تي جيڪو 20 شعبان تي هر سال ٿيندو آهي ۽ ڳوٺ الرن ۾ بخاريءَ جي ميڙي تي. پاڻ هميشہ ڪارو لباس پائيندي هئي.

سندس هم عصر ڪلاڪارن جيوڻي ٻائي، عاشق علي خان الهڏنو نوناري ڪنور ڀڳت، ماستر چندر ۽ ٻين هوندي بہ بيگم فقيرياڻيءَ پنهنجي انفراديت قائم رکي.

بيگم صاحبہ هڪ سٺي فنڪار کان سواءِ هڪ سٺي شاعره بہ هئي سندس ڪافي ڪلام ڇپيل آهن. پاڻ سنڌ کان سواءِ اسلام آباد، ڪوهہ مري، بهاولپور، لاهور، ملتان ۽ ڪوئٽہ وغيره ۾ بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري پاڻ مڃرايائين.

هڪ وڏي فنڪار جنهن سنڌ کان سواءِ ٻين هنڌن تي بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري سنڌ جي سيند سنواري هجي ان جي فقط ايتري ڪهاڻي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ٿئي تہ اها اسان جي پاڻ سان پنهنجي دور سان پنهنجي تاريخ ۽ تاريخ ساز شخصيتن سان ناانصافي ٿيندي، انصاف ان سان گڏ هي ٿيندو جڏهن ڪو قلم ڌڻي بيگم فقيرياڻي جي ثقافتي زندگي جا انگ اکر گڏ ڪري ۽ بيگم فقيرياڻيءَ سان گڏ ٻين سداحيات سنڌي فنڪارن جهڙوڪ: الهڏنو خان نوناري، ماستر چندر، ڪنور ڀڳت، جيوڻي ٻائي، استاد منظور علي خان، محمد ابراهيم، مائي ڀاڳي، فقير عبدالغفور، فقير امير بخش ۽ ٻين جي جيون ڪٿا جوڙيندي پڌري ڪري تہ سندس سنڌي ادب ۾ وڏي خدمت شمار ٿيندي ۽ اسان جي وڏڙن جو قرضُ بہ ادا ٿي ويندو.

مائي بيگم فقيرياڻي سنڌ جي صوفي درگاهُن مان اُسريل هِڪُ اهڙي امر آوازَ جي مالڪ هُئي جيڪو آوازُ سنڌُ جي جهرَ جهنگَ ۾ گونجيوءِ سنڌُ جي مِٽيءَ جي مهڪارَ سان رِلمل ٿي پنهنجا بي مثال رنگَ، انگَ ۽ اثرَ ڇڏي ويو. جنهن جو سُريلوءِ ميٺاجَ ڀريو تاثير سدائين قائم دائِمُ رهندو.

مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي مُنفرد انداز واري ڳائيڪا هُئي جنهن جي وڇوڙي سان سنڌي صوفياڻي راڳَ ۽ موسيقيءَ جي دُنيا جو هِڪُ اهم بابُ هميشہ لاءِ بَند ٿي ويو آهي ۽ هڪ اهڙو خالُ پيدا ٿي ويو آهي، جنهن جو پُرجهڻ ناممڪن آهي.

سنڌُي شاعريءَ جي تاريخَ ۾ مائي مرڪان شيخڻ، مائي غلام فاطمہ لعلَ ۽ هاسي ٻائي عرف نِماڻو فقير ڪانپوءِ مائي بيگم فقيرياڻيءَ جو نالو اهڙين شاعرائُن ۾ عزتَ ۽ مانَ سان وَرتو ويندو جِن سنڌي شاعريءَ کي پنهنجون سوچون شاعريءَ جي ذّريعي ارپيون. هِتي اِهو ضرور لکندو هلجي تہ مائي بيگم فقيرياڻيءَ سنڌُ جي اُها صوفي ڳائڪا آهي جنهن سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪل صنفَ ڪافيءَ تي طبع آزمائي ڪئي ۽ پنهنجون لکيلَ ڪيئي ڪافيون پڻُ ڳائيون.